اِستمراري

۽ ٻيون ڪهاڻيون

گوبند خوشحالاڻي



اِستعماری

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]
[illegible]
احمدآباد-۳۸۰۰۱۳ - بھارت
فون : +91+79-2754197[illegible] فیکس : +91+79-27542044
ای میل : [illegible].com
ویب سائٹ : www.[illegible].com

اِستمراري

۽ ٻيون ڪهاڻيون

گوبند خوشحالاڻي

اڻ ڇهيل موضوعن تي دل ڇهندڙ ۽
وندرائيندڙ ڪهاڻيون - فنائتي ڍنگ سان

سنت ڪنور فائونڊيشن
۴۰۷، ساڪار-۳، جهوني هاءِ ڪورٽ پرسان،
احمدآباد-۳۸۰۰۱۴ - ڀارت
فون : +91+79-27541971 فئڪس : +91+79-27542644
اي-ميل: stkanwar@sindhisansar.com
ويب سائيٽ : www.sindhisansar.com


تعليمدان شري هاسانند چيناڻيءَ
کي؛ سارو جيون سنڌيت کي ڏيئي
چڪو هئو.

(چيناڻي صاحب، پڇاڙيءَ جا ڪجهہ سال راجستان سنڌي اڪادميءَ جي سيڪريٽري طور سرگرم رهي سنڌيت جي شيوا ڪندو رهيو.)

اِستمراري ۽ ٻيون ڪهاڻيون
ليکڪ : گوبند خوشحالاڻي
ڇپائيندڙ : سنت ڪنور فائونڊيشن
ڇاپو : پهريون، سيپٽمبر-٢٠٠٦
ڪاپيون : ٥٠٠ - قيمت : ٦٠ روپيه
ڇپيندڙ : ويب آف-سيٽ پرنٽرس

Istamurari Ain Biyun Kahaniyun (Short Stories)
By : **Gobind Khushalani**
48, Surdhara Bunglows, Opp. T.V. Tower, Ahmedabad - 380054.
Tel. : 26854739
E-mail : khushalani @fotoflux.com
Publisher : St. Kanwar Foundation,
407, Sakar-III, Near Old High Court,
Ahmedabad-380014. India.
Phone : 27541971 Fax : 27542644
Codes : STD - 079 ISD - 009179
Edition : 1st; September - 2006
Price : Rs. 60/-
Printer : Web - Off-Set Printers

شڪرگذاري: شري نارائڻ ڀارتي - ڪتاب جي مهاڳ لاءِ.
: شري مڪيش تلوڪاڻي، ڪلاتمڪ ڪوَر ڊزائن لاءِ.
: ساهتيڪار شري ڪشن کوبچنداڻي ’رنجايل‘- جنهن
جي اڻٿڪ محنت سان هي ڪتاب تيار ٿي سگهيو آهي.



ڪتاب جو ليکڪ

شخصيت - خاڪو

نالو : گوبند ڪوڙومل خوشحالاڻي

جنم تاريخ: ٢٥ جنوري، ١٩٤٠ع

اَصل وڻ ڳوٺ : آبڙاڻ، تعلقو مورو، ضلع نواب شاھ.

تعليم : گرئجوئيٽ (انگريزي ساهتيہ سان).
۽ فيلو انشورنس اِنسٽيٽيوٽ آف اِنڊيا.

ڌنڌو/ نوڪري : وڏو حصو نيو اِنڊيا ائشورنس ڪمپني لميٽيڊ ۾.
هاڻ اَحمدآباد ۾ پنهنجو بزنيز سينٽر.

ساهتيڪ سرگرميون : ١٩٥٥ ۾ ١٥ سالن جي عمر ۾ لکڻ جي شروعات. اُن وقت جي اَخبارن ۽ مخزنن ۾ ڪهاڻيون، ليکہ ۽ چٽڪلا ڇپجندا رهيا. ڪئريئر جي ڪري ٽيهن سالن جي ماٺائي! هاڻ - رٽايرمينٽ ڪانپوءِ وري سرگرميون چالو. ليڪن ۽ ڪهاڻين جا وشيہ: سنڌيت، سماجڪ ۽ ٻين اَڄ جي ڳالهين سان گڏ، طنزون پڻ.

ڇاپيل ٿيل ڪتاب : (١) 'پاڻ هرتڙيون مايون' - ناول
(٢) 'هڪ دفعو وري' - ناول، جنهن تان سنڌ ۾ ٽي. وي. سيريل ٺهي آهي.
(٣) 'گلستان غليظ ٿي رهيو آهي' - ناول جنهن کي NCPSL طرفان اوارڊ مليل آهي.
(٤) 'پيار ۾ پاڻ کهڙو؟' - ناول
(ناول ١، ٢ ۽ ٤ سنڌ ۾ بہ ڇپجي چڪا آهن.)
(٥) 'هر ديڳي چمچا' ۽ ٻيون ڪهاڻيون
(٦) 'Chachnamah Retold' چچنامو اڄ جي انداز ۾- انگريزيءَ ۾.
(٧) 'اِستمراري' ۽ ٻيون ڪهاڻيون. (توهان جي هٿن ۾)

ايندڙ ڪتاب : (١) 'دل ڪردرخت دستور' ناول، (اَڄ جي ڪارپوريٽ سرڪل/ ڌنڌي ۾ ناجائز پرئڪٽس جي اوگهڙ) - 'پاڻ هرتڙيون مايون' جي سلسلي ۾، 'پاڻ هرتڙيا مرد'.
(٢) 'چچنامو اَڄ جي اَنداز ۾' سنڌي ۾.
(٣) 'مُلڪ تہ منهنجو'-ناول، (٥ هزار سال پهرين، سنڌو سڀيتا جي پرشنيوميءَ ۾، ان وقت جي حقيقي تفصيلن سان)

سلسلو

سنڌي ساهتيہ ۾ زوم

-نارائڻ ڀارتي

سنڌي ادب جي کيتر ۾ کيترا اهڙا شخص بہ آيا آهن، جن کي اڳہ ۾ پڙهندڙن نہ ٻڌو هو ۽ نہ پڙهيو هو، پر اُنهن جي آمد ائين هئي جيئن سنڌ ۾ جابلو حصن ۾ نئن اوچتو ئي اوچتو اچي زوم سان پنهنجي هستي ۽ موجودگي سان ڏسندڙن کي عجب ۾ وجهي ڇڏيندي آهي. انهن بابت اڳ۾ ڪن ڄاتو سڃاتو بہ ڪونہ هو، پر پوءِ نہ چاهيندي يا اَنمني هوندي بہ قبول ڪندا آهن.
سنڌي ادب ۾ بہ اهڙا وهڪرا آيا آهن - هڪ آهي ريتا شهاڻي ۽ ٻيو گوبند خوشحالاڻي. ريتا شهاڻي کي بہ سندس ڀهرين ڪوتا سنگره کان اڳہ ڪنهن نہ ٻڌو هو ۽ نہ پڙهيو هو، پر اڄ هوءَ سنڌي پڙهندڙن ۾ ڄاڻئي ڀيئي آهي. پنهنجين لکڻين دوارا گوبند خوشحالاڻي بہ سنڌي ادب ۾ اهڙي ڇوه مان آيو آهي جو ڏسندڙ-پڙهندڙ ڏسندا ئي رهجي ويا آهن.
سندس ناول ڪشمير جي پسمنظر ۾ ڪافي پرسڌ ٿيو آهي ۽ اجهو ڪي اجهو هندي ۾ بہ اُلٿو ٿي اچي رهيو آهي.
اُن نموني سندس ڪهاڻيون بہ ڪافي لوڪ پريہ ٿيون آهن ۽ پڙهندڙن جو ڌيان پاڻ طرف ڇڪايو آهي.
گوبند خوشحالاڻي نہ فقط ناول لکيا آهن، ڪهاڻيون لکيون آهن، پر هن سٺا ۽ ڄاڻ ڏيندڙ ليکہ بہ لکيا آهن.
تازو سنڌ جي تواريخ بابت ”ڇچ نامو“ بہ انگريزي ۾ ظاهر ٿيو آهي. معنيٰ تہ گوبند تواريخ نويس بہ ليکيو ويندو. ”ڇچ نامو“ اڃا پڙهندڙن تائين پوري طرح ڪونہ پهتو آهي جو ان بابت رائزني ڪري سگهجي، پر جن پڙهيو آهي تن ساراه ڪئي آهي. منهنجون دعائون آهن تہ جڏهن سنڌي ادب ۾ مانائي آيل آهي تڏهن گوبند خوشحالاڻي جي ڇوه ۾ آمد خوش آمديد آهي.
سنڌي ادب ۾ هيءَ هڪ واڌ آهي، جو پنهنجي ڄاڻ ۽ لکڻين دوارا پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪائي سگهي آهي.
سنڌي ادب وڌندو ويجهندو اِهو ان مان ظاهر آهي ۽ بس.

رڪڙي ٻنڌن

اُلهاسنگر. ۹، آگسٽ-۲۰۰۶

گذارش

ڪهاڻين جا سڀ ڪردار ۽ واقع سوپاويڪ ريت خيالي آهن. پاڻ کي سماج سڏارڪ ۽ سماج شيوڪ سڏائيندڙ هلڪن شخصن جي لڇڻن جي اوگهڙ ڪيل آهي. وشيہ ساڳيو آهي اُنکري سيني ڪهاڻين جو مکيہ ڪردار هڪ ئي لڳندو- ساڳيو ئي لڳندو. ڪهاڻين ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي پنهنجي جيونيءَ جا ڪجهہ انش (Biographical Notes) نظر اچن تہ اِهو محض اتفاق آهي، پر مون کي خوشي ٿيندي تہ منهنجا ڪردار سچائيءَ جي نزديڪ آهن.

- گوبند خوشحالاڻي

عالمن جا رايا

گوبند خوشحالاڻيءَ جي ڪهاڻين بابت

مجموع پهريون :

هرديگي چمچا ۽ ٻيون ڪهاڻيون

قمر شهباز- مشهور ساهتيڪار ۽ ودوان-ڪراچي.

گوبند خوشحالاڻي اُنهن ٿورن سنڌي ليکڪن مان هڪ آهي، جيڪي گنڀير کان گنڀير مسئلن تي بيحد سنجيده انداز ۾ ته لکي ڄاڻن، پر جڏهن چاهن تڏهن هلڪي ڦلڪي انداز ۾، کل ئي کل ۾، انساني رشتن جي مونجهارن ۾ مامرن تي ڀرپور طرح لکي سگهن ٿا. گوبند جا ناول جن دوستن پڙهيا هوندا يا جيڪي سنڌس ڪالمن کان واقف هوندا، تن کي ڀلي ڀت ڄاڻ هوندي ته هو تمام ڏکين پلاٽن کي پنهنجيءَ پوريءَ مهارت سان نباهي ڄاڻي. کين اِها به پروڙ هوندي ته اُنهن ناولن ۾ هن ڪڏهن به ڄاڻي ٻجهي گنڀيرتا جو پلاند نه ڇڏيو آهي. ڪهاڻين ۾ البت هو هڪ نئين روپ ۾ نظر ٿو اچي.

ڪهاڻين جي هن مجموعي ۾ گوبند اهڙن مختلف موضوعن تي لکيو آهي جيڪي ڏسڻ ۾ ته عام رواجي ۽ روزمره جا واقعا آهن، پر سندن اهميت کان انڪار ممڪن ناهي. مثال طور سرڪاري ڪامورن جي بي ايماني، پوليس جا ڪوڙا ۽ هٿ ٺوڪيا مقابلا، نقلي شيواڌارين جا ڪارا ڪارناما، ورهاڱي جا ڪلور، هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اونداهو آئندو، ڌرمي فساد وغيره. انهن مان 'اينڪائونٽر' نالي ڪهاڻيءَ کي ته راجستان اڪيڊميءَ طرفان انعام پڻ مليل آهي.

گوبند جون ڪهاڻيون دلچسپ ۽ تفريڪي هئڻ سان گڏ سماج جون اکيون کولڻ لاءِ ڪارائتو ذريعو پڻ آهن. ليکڪ جي هڪ خاص اسٽائيل آهي جنهن ۾ هو ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ گهڻي ڀاڱي ڊائلاگن جو سهارو ٿو وٺي.ڊائلاگ به اهڙا جيڪي مختصر، وڻندڙ ۽ حقيقي ٿا لڳن. ائين، جئين عام رواجي وهنوار ۾ ڳالهايو ويندو آهي. لفظن کي نه ميڪ اپ جي گهرج آهي ۽ نه وري سرخي پائوڊر جي. سڌي راند سونٽي جي، جهڙو ڪردار هوبهو اهڙي گفتگو، نه گهٽ نه وڌ.

ڪهاڻي ''هرديڳي چمچا'' فقط ٻن ڪردارن جي پاڻ ۾ ڪيل گفتگو تي ٻڌل آهي. ٻئي سماج شيوڪ ظاهري روپ ۾ نه رڳو عام جنتا کي ٺڳڻ جي ڪم ۾ رڌل آهن، بلڪ موقعو ملنديئي هڪ ٻئي جا ترا ڪڍڻ لاءِ به تيار آهن.

گوبند خوشحالاڻيءَ جو ايندڙ ناول

دل کر درخت دستور

(پاڻ هرتڙيو مرد)

اڳئين ناول ”پاڻ هرتڙيون مايون“ جي سلسلي ۾.

هڪ اهڙي شخص جي ڪهاڻي جو ابهرائيءَ ۾ پنهنجن گهٽگهرن کي نقصان پهچائي، پاڻ کي برباد تو ڪري ڇڏي.

هڪ ستايل عورت جي ڪهاڻي، جيڪا ستائيندڙ کي ورسائڻ ۾ مدد ڪري پنهنجي دل جي وشالتا جو اظهار تي ڪري.

اڄ جي ڪارپوريٽ سرڪل / ڏنڌي ۾ ناجائز پرئڪٽس جي اوگهڙ.

اٽڪل اڍائي سؤ صفحن جو ناول جلد پريس ۾ وڃي رهيو آهي.

استمراري

ڪميالال جي ڪمائي ڪجهه وقت کان گهٽجي رهي هئي. ڪافي ڪوشش ۽ منٿن جي باوجود به ماڻهو هن کي مدد نه ڪري رهيا هئا. هن جون سماجڪ سرگرميون صفا بند ٿي ويئيون هيون. سماج ۾ نالو خراب ٿي رهيو هئو. هاڻ ته پيٽ گذر لاءِ به ڪجهه نه بچي رهيو هئو، ۽ ايتري ڇڻ پڇڻ ٿي رهي هئي جو هن کي لڳو، هئڙي جيئڻ کان ته موت ڀلو.

ائين هن کي ڀڳوان ياد آيو. مندر مڙهين ۾ ته روز پيو ٿو وڃجي- هرڪو پيو وڃي. تيرٿ آستان ڀيٽڻ پڻ رواجي ڳالهه ٿي ويئي هئي. هن اڳئين زماني جي رشين منين جيان تپسيا ڪرڻ جو سوچيو. جيڪڏهن ڀڳوان نه ٻڌو ته هن نموني مرڻ سان سماج ۾ واهه واهه ته ٿيندي؛ مرڻ جو ته هونئن ئي سوچي رهيو هئو. هن کي لڳي رهيو هئو ته جيڪڏهن تپسيا جي ڳالهه کلي ته هرڪو ڪِلندو. گهر ڇڏي ته تيرٿ ياترا تي وڃي رهيو آهيان، هي اڪيلو هردوار آيو.

هردوار کانپوءِ گنگوتري طرف ويندي، هماليه پربت تي هڪ سني ڪنڌ ڏسي، هن اُتان تپسيا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جاءِ وهندڙ رستي کان ڇڱو اندر هئي. عام ماڻهن جو اچڻ وڃڻ نه هئو. صبوح جو ساڌن ۽ سنتن جي ڪجهه اچ وڃ رهندي هئي، ڪي ته يوگا ڪرڻ لاءِ به ايندا هئا. هنکي لڳي رهيو هئو ته ڪي ٿورا ماڻهو ايندا رهن ته سٺو. سنسار سان رابطو ته رهندو- پاڻ ڪجهه ڪري رهيو آهي اُن جي ماڻهن کي ڄاڻ ته پوندي.

هن هڪ شپ ڏينهن ڏسي، ڏئي ڪاڏو پيتو ورتائي، گنگا جي پوتر ٿڌي جل سان سنان ڪري، تپسيا جي شروعات ڪئي. پرن ڪيو هئائين ته کائڻ، پئڻ ۽ ننڊ ڪرڻ کانسواءِ رات ڏينهن تپسيا جاري رکندس. ست ڏينهن ٿي ويا. بک ۾ بيحال ٿي ويو، پر هن جي منهن

ڪهاڻي اسان جي سنڌي سماج جي جيئري جاڳندي تصوير آهي. سرحد جي ٻنهي پار اسانکي اهڙا ڪردار عام جام ملندا، جيڪي هونءَ تہ وتن ماڻهن جي خدمت بهاني لوڪ کي ڦريندا، پر موقعو ملندي ئي سنڌيت جي نالي تي بہ فريب ڪندي ڪونہ گسندا. خوشحالاڻيءَ پنهنجي هن ڪهاڻيءَ ۾ اهڙن نڙڪائو سماج سيوڪن جا ڏاڍيءَ مڻيءَ چريءَ سان چوڏا لاٿا آهن. پڙهي ڏسو، اوهانکي بہ ڏاڍو مزو ايندو.

مان هت ”حيواني حماقت“ نالي ڪهاڻيءَ جو ذڪر خاص طور ڪرڻ ٿو چاهيان. منهنجي خيال ۾ هيءَ ڪهاڻي سنڌي ادب جي اُنهن ٿورين ڪهاڻين مان هڪ آهي، جن کي ڪردارنگاري (Characterisation) جو شاهڪار سڏي سگهجي ٿو. سردار نهالسنگهہ جي مُنجهيل پر دلچسپ ڪردار کي خوشحالاڻيءَ جنهن سهڻي نموني سان نيايو آهي، ان لاءِ هن کيرون لهڻيون.

مون کي پڪ آهي تہ هن مجموعي کي پڙهڻ وقت اوهان بہ اِهو ئي لطف ۽ مزو ماڻيندؤ، جيڪو مون ماڻيو آهي. (ڪتاب جي مهاڳہ تان)

تاج بلوچ-ساهتيڪار ۽ ايڊيٽر ’سوجهرو‘ ماهوار، ڪراچي.

گوبند جو فن، خاص طرح سان، هند جي سنڌي سماج جي چوڏاري ڦري ٿو. شعوري طور تي هن جي ڪهاڻين ۾ طنز جا تکا تير آهن. جيڪي معاشري جي جوڳي تبديليءَ جا محرڪ بنجي سگهن ٿا. افسانوي فن ۾، اهڙي پختگي ۽ برجستائي ئي کنهن ڪلاڪار کي اوچي پد تي رسائيندي آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ گوبند مختصر عرصي اندر، ڪهاڻي ۽ خاص طرح سان ناول جي کيتر ۾ نالو ڪمايو آهي. هن جي ٻولي، عام فهم ۽ مڪالماتي ادراڪ کيس همعصرر عهد ۾ ممتاز بڻايو آهي.

’هر ديڳي چمچا‘ هنجي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو آهي. ان ۾ڳڪي ۾ شامل گهڻيون ڪهاڻيون، سنڌ ۾ ئي شايع ٿيون آهن، جن کي هتي ميٽا ۽ مان مليو آهي.

گوبند خوشحالاڻي جي فن جي اِها خوبي آهي تہ هو پلاٽ، منظرنگاري ۽ ڪردارنگاريءَ ۾ پنهنجي سماجي پس منظر ۾ رهندي کنهن فلسفي بيان ڪرڻ بدران معروضي حالتن کي بيان ڪري ٿو. هند جو پوءِ ڊايو ۽ منافق فرد ۽ مذهبي ڪٽرپڻي ۾ ورتل بنياد پرست ڪردار، هن جي تکي تيرن جي نشان تي لڳل آهن. هن جي موضوعن ۾ سياست، مذهب ۽ ٻيا بہ ڪيئي عنوان اچيو وڃن ٿا جن کي هو ادبي ديانتداريءَ سان پيش ڪندو رهيو آهي.

دل ۾ چيائين- ”اسان کي بہ تہ ڀڳتن جي ضرورت آهي.“

ڪميالال چيو- ”سچ تہ مان اڄ پنهنجو جنم سڦل سمجهي رهيو آهيان.“

”پر ٻڌاءِ تہ سهين، توکي هيڏي گهور تپسيا ڪرڻ جي ضرورت ڇو پئي.؟“

”ڀڳوَن ڪيترن ڏينهن کان مون کي لڳي رهيو آهي تہ منهنجي ڪمائيءَ جا ذريعا سڪندا ٿا وڃن. مهرباني ڪري ڪجهہ اهڙو ڪري ڏيو تہ جيسيتائين ڪائنات قائم آهي، تيسيتائين اهي ذريعا نہ سڪن.“

ڀڳوان چيو- ”تٿاستوُ!“

ڪميالال خوش ٿي وري هن کي پيري پيو. ائين ڀڳوان محسوس ڪيو تہ ڪائنس هڪ وڏي پل ٿي ويئي آهي. نہ اِنسان جي اندر ۾ جهاتي پائي، نہ ئي هن جي بايو-ڊيٽا جو اڀياس ڪري، ڪائنات جي قائميءَ تائين روزيءَ جي ڪيس خاطري ڏني اٿائين. ڪجهہ پل اڪيون ٻوٽي اڀياس ڪرڻ کانپوءِ من ۾ چيائين تہ هي شخص اهڙي وردان جي قابل نہ آهي. هي تہ تپسيا سان مون کي بہ ٺڳي ويو. سڄي عمر تہ ماڻهن کي ٺڳيندو آيو آهي. هاڻ ڇا ڪجي؟ ڏنل وردان تہ واپس نٿو وني سگهجي. چيائين- ”هي منش، هتان ٿورو پريان ڪجهہ ٿلن جا وڻ اٿيئي-وڃي ڪجهہ ڪائي پي اچ.“

”جي!“ چئي ڪميالال آهستي آهستي اوڏانهن هلي ويو.

ڀڳوان ناردمنيءَ کي سڏايو. هو ڪجهہ منٽن ۾ اچي حاضر ٿيو. ڀڳوان ڪيس سموري ڳالهہ ٻڌائي تہ هن چيو- ”سوامي توهان جو نياپو ملڻ تي اچي رهيو هئس تہ رستي ۾ سڀ معلومات بہ حاصل ڪندو آيس. مان سمجهي سگهيو هئس تہ توهان مونکي ڇو سڏائي رهيا آهيو.“

”تون هونئن هئڙن موقعن تي يڪدم اچي ويندو آهين. اڄ اچي مون کي هي قدم کڻڻ کان روڪين ها تہ مونجهارو پيدا نہ ٿئي ها.“

مان ”رام، رام“ جو نالو باقاعدي نڪرندو رهيو؛ پلي ڏينهون پوءِ ڏينهن آواز ڏيمو پئي ٿيندو ويس. وانهرو هن جي حالت تي شرڌا وچان قياس ڪرڻ لڳا. مکيون پريشان ڪنديون هئس ته جڪ ڪائيندي هن جي واڇ ٻڙي ويندي هئي. وري ڪڏهن ڪڏهن هن جي منهن تي مرڪ ايندي هئي ته به واڇ ٻڙي ويندي هئس. مرڪ جو ڪارڻ شايد هن جي من ۾ اُمنگ پريل سڻن خيالن جو جاڳڻ هئو، يا ڪو خوشفهميءَ جو سپنو هئو، پر ڏسندڙن کي هن جي ان انداز مان مزو ايندو هئو. ڪي رؤنشي ڪوڏيا ته اهو انداز ڏسڻ لاءِ ڪيترو وقت چپ چاپ اُتي بهي هن کي تڪيندا رهندا هئا. سيني کي عجب لڳي رهيو هئو ته ڀڳوان اڃا هن کي ڇو ڪونه ٿو ٻڌي. سچ پچ ويچارو ڪنهن وڏي تڪليف ۾ هوندو جو هن زماني ۾ به هن نموني جي تپسيا ڪري رهيو آهي.

هوڏانهن ڀڳوان رامچندر هي سڀ ڏسي-ٻڌي خوش ٿي رهيو هئو. ڪيتري وقت ڪانپوءِ هئڙو شرڌالو، سو به ڪلجڳ ۾ پئدا ٿيو آهي. بهرحال هن ڳالھ گنڀيرتا سان نه ڪٿي، سوچيو ته ڏسجي ڪيترو وقت تو صبر سان بهي سگهي. ائين وري ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن ياد آيس ته يڪدم ڊوڙي اُن آستان تي آيو. اُن وقت آس پاس ڪير ڪونه هئو.

ڀڳوان جي زمين تي لهڻ سان هڪ زوردار شعلو پئدا ٿيو. اُن جي تِکي روشني ۾ ڪميالال اکيون کوليون، ساکيات ڀڳوان کي ڏسي، اتي اڇي ڪيس پيري پيو. ساڻو ته تي چڪو هئو؛ اکين ۾ پاڻي پرجي آيس. گهتيل آواز ۾ چيائين-”ڀڳوان لک ٿورا توهان جا، جو هن داس تي مهر ڪئي اٿوِ. ورنه مان ته آسرو لاهي وينو هئس ته شايد ايترا پاپ ڪيا اٿم جو توهان جو درشن ڪڏهن نصيب ئي نه ٿيندو.“

ڀڳوان چيو-”ائين نه آهي. ڪو ڀڳت ڪڏهن به سچي دل سان اسان کي ياد ڪري ته اسان هن ڪان منهن موڙي نه سگهندا آهيون.“

ڪجهه هرفن مؤلا جيان آهي. هي ڪم توهان جهڙي سڌي سنئين اوتار جو نہ آهي. توهان اڃا رام راڄ جي زماني ۾ هلي رهيا آهيو، جيڪو ڪڏهڪو ختم ٿي چڪو آهي. توهان هن معاملي مان رٽاير ڪري چارج ڪرشن ڀڳوان کي ڏيئي ڇڏيو. هو راڄنيتيءَ جون سڀ انڪلون واپري چڪو آهي. اُلٽو پلٽو ڪري وري سڌو سنئون بہ ڪري سگهندو آهي. هو پاڻهي انڪل سان هن انسان کي منهن ڏيندو - ساڳئي وقت توهان جو مان بہ مٽي ڪندو.''

ڀڳوان مشڪي چيو-''نيڪ آهي تہ تون پلي ڳالهاءِ ڪرشن سان.''

ناردمنيءَ چيو-''جي !''

ڀڳوان هن کي آشيرواد ڏنو تہ هو انترڌيان ٿي ويو.

ٿوري دير ڪانپوءِ ڪميالال ڦل پٽي آيو تہ ڀڳوان رامچندر چيو-''هي منش تو مون کي اِهو ڪونہ ٻڌايو تہ تنهنجو ڪم ڏنڊو کهڙو آهي؟''

ڪميالال مشڪي چيو-''سوامي جو ٿا مزاڪ ڪيو داس سان. توهان پاڻ جاڻي جاڻنهار آهيو.''

ڀڳوان رام پنهنجي جلدبازيءَ تي جهنجهلائي رهيو هئو.

هوڏانهن ناردمني ڀڳوان ڪرشن وٽ آيو. هو باغيچي ۾ ٽهلي رهيو هئو. ناردمنيءَ جو ''نارائڻ-نارائڻ'' ٻڌي اُن طرف مڙيو. چيائين-''ها ديورشي ڇئہ ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟''

''سوامي توهان سڀ ڄاڻو ٿا. مان توهان کي ڇا ٻڌايان؟''

''خير تون پلي نہ ٻڌاءِ، پر هي سڀ سنسار ۾ ڇا ٿي رهيو آهي ! رام جهڙا اوتار بہ اُتساهہ ۾ اچي پلون ٿا ڪن. وري اڃا هاڻ ٻڌم تہ ڊانس بار بند ٿي رهيا آهن. آخر ڇو هي بندا رس ۽ راس جي پٺيان پيا آهن؟''

''ڀڳوَن اِهو سوال رس ۽ راس جو نہ آهي-مديرا جو آهي. ڇڏيو

”سوامي، هڪ ته توهان صِدق جي ڪري تڪڙ ۾ هئا؛ ٻيو اڄڪلهه اهڙا ڪاريه ڪتي ٿا ٿين جو مان سرگرم رهان. سچ ته توهان جو نياپو نه اچي ها ته مون کي ڪا خبر ئي نه پوي ها.“

”خير هن شخص جو بايو ڊيٽا ٻڌاءِ“

”سوامي توهان ڄاڻي ڄاڻهار آهيو. خير وري به مون کان ٻڌڻ ٿا چاهيو ته ٻڌو. هت ڌرتيءَ تي هن شخص کي هر ديڳي چمچو چوندا آهن. سماج شيوا جي نالي ۾ پنهنجي شيوا خوب ڪندو آهي. هر سنستا ۾ حاضر هوندو آهي-اُن جو سيڪريٽري يا پريزيڊنٽ پيو ٿيندو آهي، پوءِ سنستا کڻڙي به هجي-ڌارمڪ، مندر يا ڌرمشالا ته ساهتيه يا پانشالا، واپار يا مڌوشالا، بکاري يا گئوشالا. ايتري قدر جو رشوتخورن تائين به پهچي ويو آهي. مطلب ته هر هنڌ پهچي هي سماج سڌارڪن، شيواڌارين ۽ دانويرن جي جذبات جو فائدو وٺندو آهي. هنن جي ڏنل پئسن مان ٿورو ڪم ڪندو آهي ته گهڻو پاڻ کائيندو آهي. آهستي آهستي جيئن ماڻهن کي خبر پوڻ لڳي ته هو هنڪي پئسا ڏيڻ کان نٽائڻ لڳا. مول ريت ذريعا دراصل سُڪا ڪونهن. هي ته توهان وٽ پنهنجي مطلب لاءِ آيو آهي. باقي ماڻهن ۾ اِها ئي شِرڌا آهي، اِهو ئي صدق آهي، مول ڪاريه طرف ۽ ايماندار ڪم ڪندڙن طرف. هن کي پئسا ملڻ بند ٿي ويا آهن. هن لاءِ ذريعا سڪي ويا آهن. ڇوڪرن سندس گڏ ڪيل حرام جي ڪمائي هڙپ ڪري هن کي ڪڍي ڇڏيو. ايتري تڪليف ۾ آهي جو تنگيءَ جي ڪري ڪنهن وقت آپگهات جو سوچي رهيو هئو.“

”هاڻ مان ڇا ڪيان؟ وردان ڪيئن واپس وٺان.“

”ڏسو، جيڪڏهن گستاخي معاف ٿئي ته ڪجهه چوان.“

”ها چئه نه يار!“

”ڀڳوان وشنوءَ جو توهان ڪانسواءِ ڪرشن مهاراج جو به اوتار آهي. اسان لاءِ -توڙي سنسار لاءِ ٽيئي هڪ آهن، پر ڀڳوان ڪرشن جو اوتار

ٿيو آهي، پر ڏرمراج جو ڪاٿو نہ ڏسڻو پوندو.''
هن ڪجهہ دير شانت رهي اڪيون ٻوٽي ڏرمراج کي پڌارڻ لاءِ چيو. ٿوري دير ۾ هو اچي حاضر ٿيو-هٿ ۾ هڪ پوٿي هئس. ڀڳوان چيو-''ڏرمراج مان هن منش کي وردان ڏيئي وينو آهيان تہ سندس حياتيءَ تائين نہ، بلڪ ڪائنات جي قائميءَ تائين سندس ڪمائيءَ جا وسيلا نہ سڪندا. هاڻ ٻڌايو تہ هن جي عمر ڪڏهن تي پوري ٿئي؟ هن کي دائمي تہ نٿو رکي سگهجي.''
ڏرمراج چيو-''سوامي ھيل تائين ڪنهن کي ڌرتيءَ تي دائمي طور نہ رکيو ويو آهي-جڙ توڙي چيتن کي. خود ڀڳوان جڏهن اوتار تي هٿ آيو آهي تہ اُن کي بہ واپس وڃڻو پيو آهي. پوءِ هي ڪهڙي چيز آهي.''
''پر هن کي ڏنل وردان جو ڇا ؟''
''ڀڳوَن اِهو تہ قائم رکي سگهبو-ساري ڪائنات جي قائم رهڻ تائين، پر ضروري ناهي تہ انسان جي جوڻ ۾. هو ڪنهن بہ جوڻ ۾ هوندو، توهان جو وردان ماڻي سگهندو. هن جي روزي روٽي قائم رهي، اُن لاءِ جيڪڏهن مڇر جي جوڻ ۾ اچي ٿو تہ اِهو ڏسڻ سوَلو آهي تہ هن جي آس پاس گندي پاڻيءَ جون ڪُسيون هجن؛ جي مڇي ٿئي ٿو تہ هن لاءِ درياہ سڪڻ نہ کپن ۽ جيڪڏهن جانور ٿئي ٿو تہ جنهن جهنگل ۾ هن جو واس هجي اُتي سڀ سهوليتون حاضر ڪيون وڃن. پلي ٻين کي ڪجهہ تڪليف ٿئي، پر هن کي توهان جي وردان تحت ڪا جفاڪشي نہ ڪرڻي پوندي. مطلب تہ هر جوڻ انوسار اسان کي خيال رکڻو پوندو تہ هن لاءِ ڪمائي-يعني روزي روٽيءَ جا ذريعا نہ سڪڻ کپن. هن معاملي ۾ سچو استمراري ٿيندو.''
ڀڳوان دل ۾ سوچڻ لڳو تہ ڏرمراج کي ڇا سمجهائجي تہ هن روزي روٽيءَ لاءِ تپسيا نہ ڪئي هئي، پر پڌن ڪمن مان ڪمائيءَ جي لاءِ ئي ڪئي هئي. روٽي ڏيڻ لاءِ تہ اسان ٻڌل آهيون.

اُنهن ڳالهين کي، اِها ڊپارٽمينٽ پولينائٽ جي آهي. توهان هاڻ اسان کي هن اُلجهن مان ڪڍو.''

''پر رام ڇو ڪونہ تو ڪجھ ڪري؟''

''سوامي هو ويچارو سڌو آهي. سڄي عمر هن جي سِيتي-سِيتي ڪندي گذري ويئي. ڏوہيءَ جهڙو ماڻهو بہ هن کي چڪر ۾ وجهي سگهيو.''

''تہ تون مون کي سڌو نٿو سمجهين؟''

''اِن جهڙو-اُن موجب سڌو نہ. توهان هرفن مؤلا آهيو. هيٺيون مٿيون ڏيئي سگهو ٿا. سياست ۽ ڊپلومسيءَ جي چاڻ بہ رکو ٿا تہ اُنهن کي موزون وقت تي واپري بہ سگهو ٿا. اڄ سنسار کي منهن ڏيڻ لاءِ اهڙيون انڪلبازيون، سياستبازيون ضروري ٿي پئيون آهن.''

''نيڪ آهي پلا، تہ مان هيٺ وڃان ٿو، رام جي روپ ۾.''

هن ٽيليپٽيءَ ذريعي رام کي واپس اچڻ لاءِ چيو. ٿوري دير ۾ جڏهن رام اُتان نڪري ويو ڪرشن اهڙي نموني هن جي روپ ۾ هن جي جاءِ ورتي جو ڪميالال کي خبر نہ پئي. هنن جي گفتگو جاري هئي. ڪميالال چئي رهيو هئو-''ها سوامي، هاڻ مون لاءِ آگيا.''

ڀڳوان چيو-''ڏس تو مون کي ڌرم سنڪٽ ۾ وجهي ڇڏيو آهي. غلط ڪمن لاءِ اِستمراري ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهين. مون توکي وردان ڏنو آهي تہ جيسيتائين ڪائنات قائم آهي تيسيتائين تنهنجي ڪمائيءَ جا ذريعا نہ سڪندا-يعنيٰ توکي روزي روٽي هڪي حاضر ملندي، پر توکي هميشه لاءِ انسان جي جوڻ ۾ رهڻ بابت مون ڪجھ نہ چيو آهي. ٿورو اونهو وڃڻ سان خبر پئي اٿم تہ تنهنجا ڪم سڀ پڌرا آهن ۽ اهي قائم رکڻ لاءِ تو وردان گهريو آهي. تنهنجن ڪرمن جو حساب ڪتاب ڌرمراج وٽ تہ هوندو ئي. اِهو سڀ ڏسڻو پوندو.''

''پر توهان وردان تہ ڏيئي چڪا آهيو.''

''اِهو تہ اٽِمٽ آهي-جيسيتائين ڀڳوان وشنو تو مان ناراض نہ

برابر ٽن ڏينهن ڪانپوءِ نديءَ ۾ سنان ڪندي ڪميالال ٻڏي ويو. هن جو لاش ڳولهي سندس مائٽ ڪٽائي ويا ۽ آتما متي وئڪنٺ ۾ پهتي ته اُن کي ٻاهر بهاريو ويو. ڌرمراج هنڪي نرڳ يا سرڳ ۾ موڪلڻ بابت اڃا طئه نه ڪيو هئو. اندر جڏهن ڪرشن ڀڳوان رام جي روپ ۾ اچي وينو تڏهن ڪميالال جي آتما کي سڏايو ويو.

ڀڳوان چيو-”هي منش، هاڻي ٻڌ ڌرمراج جي فيصلي موجب توکي ڪتي جي جوڻ ملڻي آهي. مون ويچار ڪري ڏٺو ته ڪتي جي روپ ۾ منهنجو وردان توکي سڏو ڪم نه ايندو. سڄي عمر ٻين جو ڳيجهو ٿي رهڻو پوندءِ. روٽيءَ جو چڪر پليءَ نه هوندءِ پر ڦِٽي ڪيل روٽي کائڻي پوندءِ. پلي اڳتي هلي توکي اُن جوڻ مان به لنگهڻو آهي، پر چاڪاڻ ته منهنجي وردان ڪانپوءِ پهريون دفعو تنهنجي جوڻ مٽجي رهي آهي، مون ڌرمراج کي مڃايو آهي ته هو توکي گڏهه جي جوڻ ڏئي.“

ڪميالال هٿ ٻڌي بيهي رهيو، چيائين ڪجهه ڪونه.

ڌرمراج چيو-”ڪيئن نيڪ آهي نه؟“

ڪميالال-”پر....“

ڀڳوان چيو-”پر، ٻر ڪجهه نه. فيصلو اٽوٽ آهي. مان توکي گڏهه تيڻ جا فائدا ڏسيان ٿو. ٻين گهٽين جوڻين کان سٺي جوڻ اٿيئي. صرف هڪ محدودگي آهي، پر اِها تو لاءِ ته موزون آهي. تون ٻين ڪيترن کي لتاڙي اڳيان آيو آهين. انڪري هن جوڻ ۾ تنهنجون اڳيون ٽنگون تنهنجو بچاءُ نه ڪنديون. توکي بچاءَ لاءِ هميشه پوين ٽنگن تي پاڙڻو پوندو.“

ڪميالال سمجهي رهيو هئو، برابر گڏهه هميشه پوين ٽنگن سان اِٽون هڻندو آهي.

ڀڳوان چئي رهيو هئو-”ٻي ڳالهه تون عوام کان سماجڪ ۽ ڌارمڪ ڪارين لاءِ چندا وٺي اُنهن مان گهوٽالا ڪري ڪمائيندو رهيو آهين.

ڀڳوان چيو-”اَڇا، هن جو ڪاتو ڇا ٿو چوي ؟“
ڌرمراج وهي کولي اڀياس ڪرڻ لڳو. ڪميلال هي سڀ ڏاڍي خوش ٿي رهيو هئو تہ چوراسي لک جوڻين ۾ بہ هن کي ڪڏهن تڪليف نہ ٿيڻي آهي.
ڌرمراج چيو-”هن جي حياتيءَ ۾ صرف ٽي ڏينهن باقي آهن. جيڪڏهن توهان هن کي درشن نہ ڏيو ها تہ ٽن ڏينهن ۾ ٻڪ ۾ پاهہ تي مٿي پهچي وڃي ها. اسان جي ڪاتي ۾ هن جو ڪو اهڙو سٺو ڪيل ڪم درج ٿيل نہ آهي، جنهن جو هن کي لاڀ ڏنو وڃي. تپسيا تہ هن ڀڳوان کي ڏسڻ لاءِ ڪئي هئي. اسان تہ هن جي خوشامد ۾ اچڻ وارا نہ هئاسين. اڌ تپسيا مان ئي وقت پورو ٿيڻ تي ڪيس وٺي وڃون ها. هاڻ هن کي گهرائڻ لاءِ ٻيو ڪو طريقو سوچڻو پوندو.“
”پوءِ هن جو ٻيو جنم ؟“
”هن جو ٻيو جنم، ڪتي جي جوڻ لکيل آهي.“
”ٺيڪ آهي.“ ڀڳوان وري ڪميلال ڏانهن منهن ڪري چيو-”تون ٽن ڏينهن ۾ ڪجهہ سٺو ڪري وٺ تہ ڌرمراج وٽ توکي ڪجهہ مارڪون ملن. تو سنسارين کي ٺڳيو آهي. اُن جو حساب ڌرمراج ڪري رهيو آهي. باقي ڀڳوان کي ڏسڻ جي ڪوشش جو نتيجو توکي الڳہ سان ڀوڳڻو پوندو.“
ڪميلال جي واڇ ٽڙي ويئي. مشڪي چيائين-”سوامي مان ڪير ٿيندو آهيان اوهان کي ڏسڻ وارو. مون کي تہ پڪ هئي، توهان منهنجي باري ۾ سڀ ڄاڻندا هوندا.“
ڀڳوان کيس ٽوڪيندي چيو-”ءُ اها بہ توکي پڪ هئي تہ ڀڳوان ڀڳتن مٿان انڌ وشواس رکندو آهي. تو اسان جي اُن ڪمزوريءَ جو فائدو ورتو آهي. جذباتي ريت بليڪميل ڪيو آهي. خير هاڻي جڏهن وٺڪنٽ ۾ ايندين تہ تنهنجي آئينده بابت فيصلو ڪنداسين.“
ائين چئي ڀڳوان انترڌيان ٿي ويو. هن جي پٺيان ڌرمراج پڻ.

پڳوان چيو-''ڇو ڀائي ؟''

''سوامي سڄي عمر سنڌين جي شيوا ڪئي اٿم. محنت جو قدر ته ڪونه ٿيو، جيڪو سو هرڪو مون کي پنهنجو حريف سمجهي رهيو هئو: مٿان منهنجو نالو ٿي وڃي ۽ پاڻ اُتي جو اُتي بيٺا هجن. مون ته ڪنهن لوڀ لالچ ڪانسواءِ شيوا پئي ڪئي. منهنجو نالو ٿئي اهو ته ڪڏهن ڪونه سوچيو هئم. ڪم پاڻيهي ڳالهائيندو آهي. سوپاويڪ جن ڪم نه ڪيو آهي، نه ڪري ڄاڻن، انهن کي لڳو ته هو پوئتي پئجي رهيا آهن. اڳتي اچڻ لاءِ ڪجهه ڪرڻ بدران مونکي پوئتي ڌڪيلڻ جون سازشون ڪرڻ لڳا. ايتريون ته غير واجبي گاريون ڪاڏيون اٿم-مهڻا ٻڌا اٿم ۽ حاسدن جي منصوبن جون پريشانيون سٺيون اٿم جو منهنجي هيءَ آتما به هت زخميل حالت ۾ پهتي آهي، ورنه ٻڌو اٿم ته سرير ڇڏڻ ڪانپوءِ هر آتما تندرست هوندي آهي.''

''پوءِ گڏهه ٿيڻ مان ڪهڙو فائدو ؟''

''مان توهان جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هئس. اُن مان لڳم ٿلهي چمڙيءَ ڪري سڀ سهي سگهبو آهي. لتون گهوبا، سرير تي سهڻ سوَلا آهن بنسبت گارين ۽ اجائي واهيات نڪتچينيءَ جا حملا آتما تي. گڏهه ٿيڻ ۾ ٿلهي چمڙيءَ سان گڏ عقل جي ڪميءَ ڪري جذباتي گهٽ ٿي رهبو ۽ گهٽيون ڳالهيون سمجهه ۾ نه اينديون ته ڏک ڪونه ٿيندو. ائين نئين جنم ۾ تندرست آتما ته ڪٽي وڃبي.''

ڪميالال کان رهيو نه ٿيو مشڪندي چيائين-''توهان گڏهه جي باري ۾ ڪجهه اڀياس ڪيو آهي ڇا ؟''

سنڌي سائين ڪجهه جواب ڏئي، اُن کان اول پڳوان مشڪي چيو- ''ڪميالال توکي هڪ ٻيو به فائدو ٿيندو. گڏهه جي جوڻ ۾ مشڪل وقت تنهنجي واچ ڪونه ٺڙندي-انڪري ماڻهو توتي ڪونه ڪِلندا.''

سنڌي سائينءَ چيو-''مان توکي گڏهه جي مهما ٻڌايان ٿو، جيڪا مون کي گروجن ٻڌائي هئي. دنيا جي سڀني جانورن (ان ۾ انسان به

تو تہ پنهنجن ڀائرن کي بہ نہ ڇڏيو آهي، عوام جي جذبات سان کيليو آهي؛ پر اڄ بہ عوام صدق ۾ آهي، سماج شيوا ۽ ڌارمڪ ڪارين لاءِ چندا ڏيئي رهيا آهن. تنهنجا افعال ڏسي هاڻي ماڻهو توکي پئسا ڏيندا بہ هئا تہ ڪجهہ چوائي ۽ شرمائي. گڏهہ ٿيڻ سان توکي فائدو ٿيندو تہ تنهنجي چمڙي ٿلهي رهندي دماغ گهٽ رهندو. ڪيتري بہ ٿڪ لعنت، لتون گهوٻا توتي ڪو اثر نہ ڪندا.“

ڌرمراج چيو- ”تو ۾ ايشور جي مهر سان ايتري سگهہ رهندي جو ٻين سيني جانورن ڪان وڌيڪ مال ڍوئي سگهندين. پنهنجي اڳين هلت ڪري پشيمان هوندي بہ ٻرڪ نہ ٻوليندين. اهڙو جذبو تنهنجي مؤل سياءَ ۾ رهندو.“

هڪ دربان اندر آيو. هٿ جوڙي نمرتا پوروڪ ڌرمراج کي چيائين- ”سوامي ڪجهہ دير پهرين هڪ آتما کي آندو ويو آهي. اُن باري ۾ بہ ڪو حڪم نہ آهي تہ ڪيس نرڪ ۾ موڪليون يا سرڳ.“

ڌرمراج چيو- ”ٿوري دير ترسايوس.“

”هو چئي رهيو آهي تہ ڀڳوان جي حاضريءَ ۾ توهان سان ملڻ ضروري آهي.“

ڌرمراج اکيون ٻوٽي ڪجهہ ڌيان ڪيو. چيائين- ”ها، هڪ سنڌي سماج شيوڪ آهي. چڱا ڪم ڪيا اٿائين. ڀلي موڪليس اندر.“

هو اندر اچي رهيو هئو تہ ڀڳوان کي چوندو ٻڌائين- ”ها ڪميالال انهن سيني گڻن جي بدران گڏهہ کي هڪ قرباني ڏيڻي پئي آهي، سا آهي عقل جي. هن کي حساب ۾ عقل گهٽ ڏنو ويو آهي. هڪ ڪري اِهو پهلو بہ تو لاءِ سٺو آهي. عقل سان تون سوچيندين ۽ پنهنجي حال تي دکي ٿيندين، پر هن جوڻ ۾ نہ تو وٽ عقل هوندو، نہ سوچيندين ۽ نہ ئي دکي ٿيندين.“

سنڌيءَ هٿ جوڙي چيو- ”ڀڳوَن، وچم ڳالهائڻ لاءِ معافي چاهيندس. عقل ڀلي گهٽ تہ گهٽ، پر مون کي بہ گڏهہ جي جوڻ بخشيو.“

سنڌي سائين مشڪي چيو-”پوءِ ته سوامي مون جهڙي وينتي ڪندڙ گهڻا پئدا ٿي ويندو.“

يڳوان مشڪي چيو-”سو ته ٺيڪ پر مون کي ايپاس ڪرڻو پوندو ته وئڪنٺ جو وڏان ڇا ٿو چوي.“

ڪميالال ڊينچون ڊينچون ڪرڻ شروع ڪئي. يڳوان هن ڏانهن مخاطب ٿي چيو-”تنهنجي ڳالهه سچي آهي. هي شخص دنيا جو ڪافي ستايل آهي، سنا ڪم ڪرڻ جي باوجود به؛ پر توکي ته هيءَ جوڻ بنا گهرڻ جي ملي آهي.“

هو وري ڊينچون ڊينچون ڪرڻ لڳو. يڳوان مشڪي چيو-”چوپٿو هي منهنجي تپسيا جو ڦل آهي، ورنه توهان کي هيءَ جوڻ ته مون لاءِ ياد ئي ڪونه هئي.“

ڪميالال هڪ دفعو ڊينچون ڪئي ۽ پوين ٽنگن تي ويهي اڳين سان هٿ جوڙڻ جو انداز ڪيو.

يڳوان ٽيليپٿيءَ ذريعي ڌرمراج کي چيو-”تو ته يار هن کي جوڻ ڏيئي ڇڏي، پر هن ٻئي شخص جو ڇا ؟“

”ڏسو نه ٻنهي جا ڪم هڪ ٻئي جي اُبتڙ آهن، ته به ساڳي جوڻ گهري رهيا آهن.“

”ڪميالال ته ڪونه گهري هئي، مان ڪيس فائدا ٻڌائي للچائي رهيو هئس.“

”مون کي لڳي ٿو هي سنڌي سائين به توهان جون ڳالهيون ٻاهر ٻڌي رهيو هئو، ان ڪري للچائجي آيو.“

”نه يار ! گڏهه جي مهما جنهن نموني ٻڌائي رهيو هئو، ان مان ظاهر آهي ته هو ايپاس ڪري آيو آهي.“

”دراصل هن سنا ڪم ڪيا آهن. بنا ڪنهن لالچ جي نشڪام شيوا ڪئي اٿائين. ان ڪري سرڳ جو حقدار آهي.“

”ته ٺيڪ آهي، حال ڪجهه وقت ڪيس سرڳ ۾ رکه. اڳتي هلي

اچي وڃيٿو) ۾ گڏهه وڏ ۾ وڏ حليم آهي. پلي اسان جي ويدن پراڻن يا ٻئي ڪنهن ڌرمي ساهتيه ۾ اُن جو ذڪر نه آهي- ان جي ڪا مهما درج ٿيل نه آهي، پر گڏهه جي هڪ انوکي اهميت آهي- انوکي سڃاڻپ آهي. هو اڳين ٽنگن کان هٿن جو ڪم وٺي، سپ سٺو ڪندو آهي. وڙهڻ جو ڪم صرف پوين ٽنگن کان وٺندو آهي. انسان توڙي ٻيا جانور لڙائيءَ وقت ته چار ئي انگه واپرائيندا آهن. گڏهه دنيا جو پهريون جانور آهي جنهن بار ڍوئڻ ته شروع ڪيو، پر انسان ان تي سواري به ڪرڻ شروع ڪئي. ڪُرڪڻ ته هو ڪڏهن سکيو ئي ڪونهي. ماحول کي هلڪو رنگه ڏيڻ لاءِ يا ڪجهه مزاکي موڊ پئدا ڪرڻ لاءِ گڏ ـه جو ذڪر، يا ان جو فوٽو يا ماڳهن ان جي ساکيات حاضري اثر ڏيکارڻ لاءِ ڪافي آهي. ڪنهن کي وڏي گار ننڍي نموني ڏيڻ لاءِ هن جو نالو ئي ڪافي آهي ۽ ان کي غير پارليامينٽري نه چيو ويندو آهي. عورتن ۽ وڏن جي سامهون به اهڙي گار ڏيڻ بي ادبي نه سمجهي ويندي آهي. مزي جي ڳالهه اِها آهي جو هن هڪ ئي گار سان غصي ۾ دشمن لاءِ لعنت جو اظهار ڪيو ويندو آهي ته وري پنهنجن لاءِ پريم جو.

جيستائين سنسار ۾ بلئڪ ۽ وائيٽ سنيما جو زمانو هئو ته ڪيترين فلمن ۾ گڏهه نظر ايندو هئو-هندي فلمن ۾ ته خاص. ڊائلاگن ۾ به اُن جو ڪافي استعمال ٿيندو هئو. ائڪٽر توڙي درشڪ چاهه سان اهڙي سِين جو انتظار ڪندا هئا. اِهو گڏهه لاءِ سونهري دؤر هئو. چاڪاڻ ته هاڻ ائڪٽر پاڻ اِهو رول ڪري رهيا آهن ته ويچاري گڏهه لاءِ ڇنڊي اچي ويئي آهي، ورنه هن جون ته آتما ڪتائون به لکيون وئيون آهن.''

پڳوان چيو-''تنهنجون ڳالهيون ٻڌي مان سوچي رهيو آهيان ته ڌرتيءَ تي انسان جي اندر ۾ اهڙا اِشارا موڪلجن جيئن هو هاڻ گڏهه جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪن.''

حرفتباز هريِ

هري ۽ جيا جي جڏهن شادي ٿي ته جيا جو ڪٽنب واڌوءَ ۾ هئو. سيٺ بسنترام تي سماج ۾ آڱريون پئي کنيون ويون ته هن هي رشتو گهٽي ڏيتي ليتي ملڻ جي لالچ ۾ ڪيو آهي، حالانڪ هو پاڻ به ماني مچيءَ وارا هئا. چوٽي آهي ته سچ به پاڇا آهي. آهستي آهستي جيا جا پيڪا پوئتي پئجي رهيا هئا. هيڏانهن هريءَ تي وري تڪڙو اوُچو اچڻ جو ڀوت سوار ٿي ويو هئو. هن پئسي گڏ ڪرڻ جي موهه ۾ هر واجبي، غير واجبي طور طريقو اپنائڻ شروع ڪيو. واپاري طبقي ۾ هن جيترو پڙهيل ڪو ورلي هوندو هئو. قاعدي جو اُلنگهن اهڙي نموني نه ڪندو هئو جو پڪڙجي پوي. ڪجهه سالن ۾ هن چڱا پئسا گڏ ڪري ورتا پر سماج ۽ واپاري طبقي ۾ هو هڪ حرفتباز ۽ ڪُپتيو شخص ليکجڻ ۾ اچڻ لڳو. هن پريوارڪ ناتن رشتن جو به خيال نه ڪيو. سيٺ بسنترام کي هي سڀ پسند نه هئو، پر وڌندڙ عمر جي ڪري ڏنڊي مان هٿ ڪيڍائڻ لڳو هئو. هري پيءُ سان بحثبازي ڏاڍي ڪندو هئو ۽ ذري ذري تي پنهنجي ڳالهه دهرائيندو هئو ته هاڻ زمانو ٻيو آهي. توهان جي پراڻن طور طريقن سان صرف پيٽ نڪري سگهي ٿو ۽ پورهيي جي پيٽ ۾ اُجورو پورو نٿو ملي. بسنترام کي لڳي رهيو هئو، اڳتي هلي پٽ جي هئڙي وهنوار ڪري، ڪٿي سماج ۾ ڪنڌ نه جهڪائڻو پوي. هري چوندو رهندو هئو ته جڏهن پئسو هٿ ۾ هوندو ته سماج پاڻ سلام ڪندو- چاپلوسي ڪندو. آخر بسنترام رٽاير ڪرڻ جو فيصلو ڪيو؛ گهر ۽ من جي شانتيءَ لاءِ هن ضروري سمجهيو. واحد اؤلاد سان ڇا وواد ڪجي. اڳي ڪي پوءِ سڀ سندس آهي ۽ ڪيس ئي سنڀالڻو آهي.

هريءَ جي هن نموني ورتاءُ جو اثر گهر گرهستيءَ تي به پوڻ لڳو. بسنترام ڪانسواءِ هڪ ٻيو ڪردار جو ناخوش هئو، سو هئو جيا. هري

متان ويچار مٽائي.“

”اِهو صحيح ٿيندو. ٻنهي کي هڪ جهڙي جوڻ ڏيڻ مون کي انصاف ڀري ڳالهه نٿي لڳي.“

”ٺيڪ آهي، تون هئنڊل ڪريس.“

ائين چئي ڀڳوان انترڌيان ٿي ويو.

◆◆◆◆

ڪرڻ جي اِرادن تي پاڻي نه ڦِري وڃي. جيا هڪ سلجهيل عورت هئي. پڙهيل لکيل هئي، ڪوشش ڪري پاڻ مان احساس ڪمتريءَ جو پاءُ ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي. ٻين عورتن سان برابري جي درجي تي ڳالهائڻ ۾ هن کي آنند اچڻ لڳو. آهستي آهستي هوءَ مڪاني ٻولي پڻ سکڻ لڳي هئي.

پاڻ هرتڙين ماڻ وانگر ڪيترا دفعا ڪنهن وشيه تي بحث ڪندي ڪندي شخصي مهٽن ۽ چريتر تي اچي پهچنديون هيون ته جيا ڪيترين حالتن ۾ هنن مٿان حاوي پئجي ويندي هئي. جيا هڪ پياري شخصيت هئي. پلي اُنهن عورتن يا مردن ڪڏهن شڪايت ڪونه ڪئي پر هريءَ کي لڳندو هئو ته هن ريت هوءَ سينئين سان سندس رشتو وڌائڻ جي مقصد کي دهرم رسائي رهي آهي. آخر هڪ ڏينهن ٻنهي جي وچ ۾ وِواد ڪڙو ٿيو.

رات جو ڊير سان گهر موٽيا. ڪاڪو ڪاڪي آرامي هئا. هي اچا پنهنجي روم ۾ داخل مس ٿيا ته هريءَ ڪجهه خفي انداز ۾ چيو- ”جيا توکي ڪيترا دفعا چيو اٿم، هنن سان بحث نه ڪندي ڪر. ضرورت کانسواءِ هنن کي ڪو جواب نه ڏيندي ڪر.“

جيا ڪجهه رکي انداز ۾ چيو- ”ته ڇا ڪيان-چرين وانگر هنن کي ڏسندي رهان يا ڏند پڪوڙي مشڪندي رهان؟“

”جيڪڏهن موقعي سان ڳالهائڻ نه اچي ته بهتر ائين ڪر.“

”مون کي ڳالهائڻ نٿو اچي؟“

”ها ! ڏاڍي ساراه ڪڍي رهي آهين!“ هريءَ ٽوڪڻ جي انداز ۾ چيو.

”ته مان پوءِ پارٽين ۾ هلان ئي ڇو؟ هو سڀ شاهوڪار آهن- پئسي نکي، باقي عقل ۾ ته اسان هنن کان گهٽ نه آهيون؛ پر مان ڪو هنن سان وڙهي ته ڪونه آهيان. مون کي ته پاڻ لڳي ٿو ته اسان عورتن ۾ جيتري پنهنجائپ وڌي آهي، اوتري توهان مردن جي گروپ ۾ ڪونهي.“

وڏن وڏن سيٺين ۽ شاهوڪارن جي پارٽين ۾ حاضري ڏيڻ لڳو هئو. سنڌي واپارين ۾ رواج هوندو هئو: شادين يا ٻين پارٽين ۾ گهڻو ڪري اڪيلا ويندا هئا، پر هري جن غير سنڌين جي پارٽين ۾ ويندو هئو اُتي هميشه سڀ فئمليءَ سان هوندا هئا. هي ٻه جيا کي ساڻ وٺي وڃڻ لڳو. جيا پهرين ته هڪ قسم جي گُهٽن محسوس ڪرڻ لڳي. هڪ ته شريڪ ٿيندڙن سان پوري واقفيت ڪونه هوندي هئس. ايتري قدر جو هريءَ کي به ڪيترا چٽا نه سڃاڻندا هئا، ٻيو ٻوليءَ جي تڪليف. جيا کي سنڌي ۽ هنديءَ ڪانسواءِ ٻي ڪا ٻولي ڪونه ايندي هئي. جڏهنڪ مڪاني ٻندا ۽ ٻنديون صرف پنهنجي ٻوليءَ ۾ ئي ڳالهائڻ پسند ڪندا هئا. جيا جي من ۾ احساس ڪمتريءَ جا پاوَ جاڳڻ لڳا. هري ٻه هنن سان ويچارو منهن ڪري ڏند ٽيڙي اهڙي نموني ڳالهائيندو هئو جو جيا کي لڳندو هئو هي پارٽيون سنڌن سطح کان گهڻو مٿي آهن. جيا ته ڇا پر هري ٻه پاڻ کي ڪڏهن ڪڏهن اڪيلو محسوس ڪندو هئو. هري اجا اُنهن سان خاص اُٿيل ويٺل نه هئو. وڏا وڏا شاهوڪار سيٺيون ۽ عملدار ايندا هئا. گهڻي پاڱي سڀ ڪارين وارا هئا پر ڪار هنن لاءِ اجا هڪ سپنو هئي. ڪڏهن ڪڏهن جيا کي لڳندو هئو ته هنن پارٽين ۾ ڪين دستوري دعوت ٻه آهي الائي نه، پر گروپ ۾ ماڻهو اڪثر ساڳيا ساڳيا نظر ايندا هئا ته هن کي ڪجهه پنهنجائپ جو احساس ٿيڻ لڳو.

جيا جلد ئي عورتن جي گروپ ۾ گهائل مائل ٿي ويئي. اُنهن سان بحث مباحثو يا چرچا گهٻا ڪندي هئي ته هريءَ کي نه وڻندو هئو. هن جي مٿان هميشه احساس ڪمتريءَ جو جذبو ڇانيل رهندو هئو- ڪٿي جيا پنهنجي اهميت ڏيکاريندي هنن مٿان حاوي ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪري ۽ هو عورتون ناراض نه ٿي وڃن. نتيجن هنن جا مرد هن سان ناراض ٿيندا ۽ هن جي پنهنجي مقصد، هنن سان رشتو وڌائي ڪجهه ايجنسيون حاصل ڪرڻ ۽ واپار ۾ ٻيئي فائدا حاصل

وٽنندي هئي.

ائين هي ڪافي ترقي ڪري چڪو. ڪيترن کي لتاڙي اڳيان وڌي آيو. هن نہ يار دوست ۽ عزيز ڏٺا ۽ نہ ئي پنهنجي بزرگن ۽ اُستادن جو لحاظ رکيو، جن جي آڱر پڪڙي اڳتي آيو هئو. جيا تہ ڪڌهوڪو محسوس ڪري چڪي هئي تہ هي هڪ خود غرض اِنسان آهي. هاڻ بہ پوءِ-ڊائپ جو ڪجهہ سڌو اڻسڌو فائدو هنکي نہ ٿي رهيو هئو. سو تہ سکہ پر راتيون اڪيلي سِرُهن جي حاضريءَ ۾ بہ پاسا ورائي ڪاٽڻ سان بر ٿي پئي هئي. هريءَ جو ٻاهر مسافريءَ ۾ بہ ڪافي وقت ويندو هئو.

گهر ۾ سس سهري ۽ ٻن ٻارن جو ڏيان جيا کي ئي رکڻو پوندو هئو. هاڻ تہ مڪان بہ وڏو ورتو هئائون، ان جي چنڊڦوڪ ۾ بہ ڪافي وقت ويندو هئس ۽ محنت ڪرڻي پوندي هئس. هريءَ کي چوندي رهندي هئي تہ هاڻ جنهن سوسائٽيءَ ۾ توهان اٿو وهو ٿا انهن وٽ تہ گهر ۾ هر ڪم لاءِ نوڪر آهن - رسويا آهن. وري جڏهن ڀڳوان جي ديا ٿي آهي ۽ پاڻ ۾ نوڪر رکڻ جي توفيق آهي تہ چو ڪونہ رکون. هري ان ڳالهہ کي هلڪي نموني کڻي نظرانداز ڪري ڇڏيندو هئو. پارٽ ٽائيم مائي نيم سِر اچي ٿي، ڪافي آهي. بسنترام جي طبيعت ڏيئي وني بيني هئي. هريءَ ماءُ اچا سگهي هئي، پر نونهن سان نوڪرن جهڙو ورتاءُ ڪرڻ ۾ مزو ايندو هئس. پٽ ۽ نونهن جو پاڻ ۾ رخو ورتاءُ ڏسي هن کي هڪ قسم جي خوشي ٿيندي هئي. هوءَ انهن جهوني زماني جي عورتن مان هئي، جيڪي نونهن کي هميشہ لاءِ پنهنجو ٻيجهو ڪري رکڻ پسند ڪنديون هيون ۽ نونهن کي مار نہ تہ دڙڪا ڪارائڻ لاءِ جاڻي واڻي هنن جي سٺي رسوئيءَ ۾ چوريءَ وڌيڪ لوڻ يا مرچ وجهي خراب ڪري ڇڏينديون هيون.

شاديءَ کي ڏهہ سال ٿي چڪا هئا. جيا جي ماءُ پيءُ جو ديهانت ٿي چڪو هئو. پاڻس ۾ ايترو ڏانوُ ڪونہ هئو، ڏنڌي ۾ پوئتي پئجي

”توکي خبر نٿي پوي. اجايو پيئي بحث ڪرين.“

”بهتر مون کي نہ وٺي هلو.“

”تون سمجهين نہ ٿي. مون کي هنن مان ڪجهہ فائدا حاصل ڪرڻا آهن. ان ڪري ئي رستو وڏائي رهيو آهيان. هو بلڪل رُسڻا آهن. جيڪڏهن توري تان بہ رُسي ويا تہ سڄي ڪئي ڪرائي تي پاڻي ڦري ويندو.“

”پر رستو تہ پاڻ، پنهنجائپ ۾ وڏيڪ سٺو ۽ مضبوط ٿيندو آهي. پنهنجائپ، ليول تي وهنوار ڪرڻ سان ايندي آهي، نہ چمچاگيري ڪرڻ سان.“

”مان چمچاگيري ٿو ڪيان؟“

”بلڪل! بلڪ غلامي ٿا ڪيو. گهران سيرا مالپڙا ۽ ٻيا طعام نهرائي اُنهن کي ڪنهن نہ ڪنهن فنڪشن يا شپ ڪاريہ جو بهانو ڏيئي موڪليندا ٿا رهو - ڇئي تہ خاص سنڌي وٿراڻي آهي گهر ۾ نهي تہ توهان جي خاص ياد آئي. ان جو ڇا مطلب؟ جيڪڏهن طاقت اٿوَ تہ گهر گهرائي ڪاريون نہ. هت تہ هنن طعامن ۾ گهر جي ٻاتين جو حصو بہ نٿا رکايو؛ صرف جن کي موڪلڻو آهي اُنهن لاءِ ئي اوتري انداز ۾ نهي ٿو.“

”ڇڏو هاڻ بڪ بند ڪر.“

آهستي آهستي جيا پارٽين ۾ وڃڻ بند ڪيو تہ هريءَ ماڻهن هنکي نظرانداز ڪرڻ شروع ڪيو. رات جو دير سان گهر اچڻ لڳو. هاڻ تہ دارون پيڻ بہ شروع ڪيو هئائين. ڪيترا دفعا تہ گهر رات جو ايندو ئي ڪونہ هئو؛ وري بي رخي وهنوار ڪري جيا کي ڪافي انديشا ٿي رهيا هئا ۽ هوءَ پنهنجي نموني انومان لڳائيندي رهندي هئي. هن کي ڪير حقيقت ٻڌائڻ وارو ڪونہ هئو. هاڻ تہ چاهيندي هئي، بهتر هن سان گڏ رهجي؛ پر هري پنهنجي ۾ اهڙو مشغول ٿي ويو هئو - اونهو گهسي ويو هئو جو جيا جي ڪمپني هاڻ هنکي نہ

ڪلپنا بہ نہ ڪئي هوندي.“

ٻلرام بہ گنڀير ٿي ويو. چيائين- ”ٻڌاءِ تہ سهين ڇا ٿيو؟“

نانڪي بہ اچي هنن جي پرسان ويٺي.

جيا سڏڪا ڀريندي چيو”مارڪيٽ ڪرڻ شروع ڪئي اٿائون.“

ٻلرام عجب ۾ پئجي ويو- ”ڇريو ٿيو آهي ڇا؟ ڪڏهن کان ائين ڪيو اٿائين؟“

”ائين تہ ڪافي وقت کان، پر ٻہ ڏينهن اڳہ سڀ ليڪا لنگهي ويا.“

”ڪاڪو ڪاڪي ڪجهہ ڪونہ چوندا اٿس؟“

”بابا تہ ڇڻ هوش ۾ ئي ڪونهن. باقي اَمان تہ پاڻ خوش ٿيندي آهي.“

”پر ائين ڇو ٿو ڪري؟“

”ڏسو، اڄڪلهہ ليٽ سيٽ ڏاڍو ٿا اچن. چون ٿا ڏنڌي جي ڪم سان دير ٿئي ٿي. منهنجو ورجائڻ تہ اهڙو کهڙو ڏنڌو آهي جو راتيون بہ غير حاضر ٿا رهو، هنن کي نٿو وڻي. در اصل ويندا پارٽين ۾ آهن - دڪان تان ئي سڌو فريش ٿي. ڪپڙا بہ اِلائي ڪٿي مٽائيندا آهن. سِڌيءَ ريت جواب نٿا ڏيئي سگهن تہ ڏڪ هڻڻ شروع ٿا ڪن. بوٽ چمپل يا ڪجهہ بہ هٿ ۾ اچين تہ وهائي ٿا ڪڍن. روٽيءَ ۾ ڪس پڪائي ٿي وڃي تہ ٿالهي ڦٽي ڪري هوٽل ۾ هليا ٿا وڃن.“

”اهڙو ڇڙ ڇڙيو سياڻ پهرين تہ ڪونہ هوندو هئس.“

”هاڻي پئسي جو بانوَر آهي. زالن وانگر گهڙيءَ گهڙيءَ منهنجا پيڪا ٿا ڪڍن. اُنهن کي حق بہ ناحقون ڪچيون گاريون ڏيندا رهندا آهن.“

”ٻار گهر ۾ آهن، ان جو بہ خيال نٿو رکي؟“

”ٻارن جي حاضري غير حاضريءَ جي تہ هنن کي پرواهہ ئي ڪونهي. هنن جي آئينده لاءِ-واڌاري لاءِ بہ ڪو چاهہ نٿا ونن.“ ڇئي اچي روئڻ ۾ پئي. نانڪي هنڪي پرچائڻ لڳي.

رهيو هئو. هيڏانهن هريءَ جو چوڻ سچ نڪتو. پئسو ڪمائڻ ڪانپوءِ سماج ۾ هنجو رتبو وڌيو. هو خوش نظر اچڻ لڳو. سماجڪ فنڪشن ۾ چندا ڏيندو هئو ته گلن جي هارن سان سندس سواگت ٿيندو هئو. ماڻهو ساراه جا پل ٻڌي سندس باري ۾ ڳالهائيندا هئا ته هن جو ڳاٽ اوچو ٿي ويندو هئو. جيترو چندو وڏيڪ اوتريون ساراه جون صفتون وڌيڪ ۽ اوترو هن جو ڳاٽ اوچو. جيڪي هريءَ جي ليول جا ماڻهو هوندا هئا ۽ هنکي سڃاڻندا هئا اُنهنجي نظر ۾ ته هي حرفتباز ۽ ڪُپتيو ئي هئو.

زندگيءَ جي هن سفر ۾ هري ڪيترن جڻن کي لتاڙي ته ڪيترن کي وساري اڳيان آيو پر هڪ جهوني دوست سان هنجي لڙه وچڙه چالو رهندي پئي آئي- ٻلي اڳي کان گهٽيل هئي. ٻلرام هنجو هم ڪلاسي هئو ۽ کنهن وڏي سرڪاري عهدي تي هئو. آفيسريءَ ڪري سماج ۾ هن جو ڪافي رتبو هئو، ٻلي پئسي ٽڪي هريءَ جي ماپن ۽ قدرن تي کرو نه اترندو هئو، پر هن وانگر سڀ دنيوي سک سهنج ميسر هئس. ڇاڪاڻ ته هو واپاري ڪونه هئو ۽ ٻنهي جا ڪيتر ۽ رستا الڳ الڳ هئا، ڪٽي ٽڪراءُ جو چانس نه هئو ته هريءَ جي دوستي هن سان هلندي پئي آئي.

هڪ ڏينهن جڏهن هري ٻاهر ويل هئو ته جيا ٻلرام سان گڏجڻ آئي.

”دادا هنن کي سمجهايو نه-عجيب سياءُ ٿيندو ٿو وڃينِ.“

ٻلرام کي خبر هئي ته هوءَ هڪ نظرانداز ڪيل عورت آهي. وري هن لاءِ گهرو ماحول به خوشگوار نه هئو. ٻلرام کي نانڪيءَ مان گهٽيون خبرون پونديون رهنديون هيون. اڪثر هنن ٻنهي جون ٽيليفون تي ڳالهيون ٿينديون رهنديون هيون.

ٻلرام مشڪي چيو-”ڇو ڇا ٿيو وري؟ عجيب سياءُ ته ڇائي جم کان اٿس.“

جيا ڪجهه روئڻ هارڪي ٿي ويئي-”دادا هن ڳالهه جي توهان

هن جي وچڻ ڪانپوءِ نانڪيءَ چيو- ”هيڏانهن هري هي ظلم نٿو ڪري؟“

”سو تہ هاڻ دماغ ۾ هوا ضرور ڀرجي ويئي اٿس، پر مان نٿو مڃيان تہ ڪو پراسترين وٽ ويندو هوندو.“

”هيءَ تہ ڳالهيون مون سان ٻن سالن کان ڪندي ٿي اچي.“

”تو مون کي ٻڌايو تہ ڪونہ. ٻہ سال هئڙيون ڳالهيون لڪي نہ سگهنديون آهن. هريءَ جا ستايل ٻہ گهڻا آهن؛ وجهہ ملڻ تي هن کي بدنام ڪرڻ ۾ ويرم نہ ڪندا.“

”مان بہ ڇا ٻڌايانوَ. هري هڪ مدمغز شخص آهي. هو ڪنهن جي ٻڌڻ وارو ٿوريئي آهي.“

”ڏسون ٿا، ڪجهہ تہ ڪرڻو پوندو.“

هن ڏکو ساهہ کڻي چيو- ”ها بابا ڪجهہ ڪيو. ويچاريءَ کي پيڪن جو بہ ڪو ٻل ڪونهي. سسٽس تہ اچا بہ مهڻا ڏيندي اٿس تہ ڏڻ وار ڪونہ ٿو اچي. پڇيس توهان کي کهڙي پئي آهي؟ هاڻ تہ اٺميو ڏن اٿو، هو ويچارا غريب ڇا ڏيئي سگهندا؟ هيترن سالن جي شاديءَ ڪانپوءِ کهڙي منهن سان ٿي گُهر گُهر ڪري؟“

”سچ پچ جيا ويچاري ٽينشن ۾ هوندي.“

”ڏاڍو ٽينشن اٿس. هڪ دفعو، سس نونهن جو جهيڙو ٿيو تہ جيا چئي ڏنس مان وڃي ٿي پوليس ۾ رپورٽ لکايان تہ مونکي جيڪڏهن ڪجهہ ٿي وڃي تہ سمجهڻو ڏيتي-ليتيءَ جي پرابلم ڪري ٿيو آهي. سس ۽ مڙس مون کي ستائي رهيا آهن. ڇوري آهي تہ خارباز نہ!“

”تنهنجي معنيٰ هن تي سس سهري جو بہ هٿ ڪونهي. ڪٿي ڇري نہ ٿي پوي.“

ٻلرام هريءَ سان صرف هنجي هٿ هلائڻ جي ڳالهہ ڪڍي. هري ڳالهہ هلڪي انداز ۾ کڻي ٽاري ويو. ”يار ڪوڙ ٿي ڳالهائي. ڇريو ٿيو آهيان جو عورت تي هٿ هلائيندس. ان ڏيئي پڙهيو آهيان. تون

ٻلرام چيو-”ڏس، مان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندوسانس؛ پر ايترو تہ ڇوڪرو پوندو تہ تو مون کي ٻڌايو آهي تہ هٿ هلائڻ شروع ڪيو اٿائين.“

جيا ڳوڙها اُگهندي آهستي چيو-”سو تہ ٻڌائڻو پوندو، نہ تہ ڇوندا توکي ڪيئن خبر پئي-سڀ غلط ٻڌو اٿيئي.“

”ٺيڪ آهي، پر تون بحث نہ ڪندي ڪريس. عام طرح چيو ويندو آهي تہ مرد هٿ تڏهن ٿو هلائي جڏهن زبان سان عورت سان پڄي نٿو سگهي يا هوءَ سندس ڪنهن ڏکندڙ رڳہ تي هٿ ٿي رکي يا پاڻ نشي ۾ هوندو آهي.“

”نشو تہ ڪن ٿا، پر هميشه ضابطي ۾ هوندا آهن. ڪڏهن بهڪيا ڪونهن.“

”ٻہ ڏينهن اڳہ خاص ڇا ٿيو؟“

هوءَ خاموش ٿي ويئي. نظر جهڪائي ڇڏيائين. لڳي پيو الفاظ ڳولهي رهي هئي. آخر آهستي سان چيائين-”ڪيترا ڏينهن تہ ڇا پر هفتا ٿي ويندا آهن، رات جو ڳالهائيندا ڪونهن. اڳہ ائين ڪونہ هوندا هئا. اُن ڏينهن رات جو گهر ڪونہ آيا تہ ٻئي ڏينهن مون کان رهيو ڪونہ ٿيو. چيومانِ تہ ڪٿي ٻي تہ ڪا ڪونہ رکي اٿوَ. بس اِن تان باهہ لڳي. ڪمر مان پٽو ڪڍي ٻي دردي سان مارڻ لڳا.“

ٻلرام نهر سان چيو-”ڏس، اِهو وهم دل مان ڪڍي ڇڏ. اهڙو ڪجهہ هجي تہ اسانکي جيڪر سڌ پوي. بصر پڇندو تہ بانس ضرور نڪرندي. باقي مان سمجهايانس ٿو. رکہ مالڪ تي، هو مهر ڪندو.“

جيا کي صبر سان ٻڌي، هي ٻئي ڪيس پيار سان سمجهائڻ لڳا تہ پاڻ ۾ سهن شيلتا وڌائي ۽ غم ڪٺر ڪائڻ سکي. هريءَ کي سمجهائڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪبي؛ بهرحال هن جي گهٽ وڌاين کي نظرانداز ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارڙهو ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ من جي شانتي ۽ گهر گرهستي جي شانتيءَ ۾ رکنو پئجي رهيو آهي.

ائين هن جي من تي ٿڌو ڇنڊو وجهي ڪيس روانو ڪيائون.

آهن، جن جو هن سان اُٿڻ وهڻ آهي. مون تنهنجي لاءِ چيو مانس.''
''نيڪ آهي.''
ڊاڪٽر جيا جون سڀ ڳالهيون ٻڌي چڪو هئو. ان جو ايياس ڪري هن هريءَ ۽ ٻلرام کي سمجهائڻ شروع ڪيو ته عام طور هنن جو کهڙي نموني جو ورتڻ جيا سان هئڻ گهرجي؛ ڇا ڪرڻ گهرجي، ڇا نه. هريءَ ڪجهه بحث ڪرڻ شروع ڪيو، پنهنجو طرف پيش ڪرڻ لاءِ ته هو پاڻ صحيح آهي ۽ جيا غلط ڳالهيون ٻڌايون آهن يا ڊاڪٽر پورو سمجهيو نه آهي. ٻلرام پير سان هن کي اِشارو ڪري رهيو هئو ته صرف هن جي ڳالهه ٻڌ، پر هري نه سمجهي رهيو هئو. هلڻ کان اڳه ٻلرام پڇيو-''ڊاڪٽر ڪجهه دوائن جي ضرورت آهي؟''
''نه ! هن کي ڪير صرف سمجهڻ وارو کپي.''
ٻلرام مشڪي چيو-''هنکي سمجهائڻ وارا ته گهڻائي آهن.''
ڊاڪٽر جڻ هن جي ڳالهه ٻڌي ئي ڪونه. چيائين.''باقي ننڊ نه اچڻ جي شڪايت دور ڪرڻ لاءِ ڪجهه گوريون لکي ڏنيون اٿيمانس. ضرورت پوي ته هڪ روز ونٽي.''
ٻاهر اچي ٻلرام چيو-''يار تون ڊاڪٽر کي ڇو Convinceڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئين ته تنهنجي هلت چلت ۽ وهنوار صحيح آهي. هن ائين ته ڪونه پئي چيو ته تون غلط آهين جو هنکي صفائي ڏيئي رهيو هئين.''
''تو کي يار خبر نه پوندي. لڳي مون کي آهي. هو جو مون کي صلاحون ڏيئي رهيو هئو، ان جو مطلب ته مان ڪجهه غلط وهنوار ڪري رهيو آهيان.''
''ائين نه آهي. اسان جو فرض هئو صرف ٻڌڻ، پوءِ جيڪو جيترو صحيح ۽ ضروري لڳي اُن موجب قدم کڻو. هاڻ ته مون کي لڳي ٿو ڊاڪٽر جون صلاحون به خودمختيار نموني صحيح آهن اَلائي نه.''
''تون يار پنهنجو دماغ نه کپاءِ. مون کي سڀ هئنڊل ڪرڻ ڏي.''

هن جي وچ ۾ نہ اچ. اجايو ٽينشن ۾ اچي ويندين ۽ ڏک ٿيندءِ. مان هڪ ئي سهڻ لاءِ ڪافي آهيان.“ هن جي ڳالهائڻ ۾ تڪبر نمايان پڌرو هئو.

ٻلرام چيو- ”يار پيار سان هٿ ڪريس. رات جو تنهنجي دير سان اچڻ جي ڪري ٻہ هنجي دماغ جو گهوڙو غلط ڏشائن ۾ ڊوڙي رهيو آهي.“

هريءَ گنڀير ٿيندي چيو- ”يار توکي ڇا ٻڌايان. سچ پچ هڪ مانسڪ ڪيس ٿي ويئي آهي. هاڻ چوٽي تو ڪا ٻي عورت وهاري آهي.“

”خير اهي تہ غلط ڳالهيون آهن، پر جيڪڏهن سچ پچ مانسڪ ڪيس آهي تہ پيار سان سمجهائيس ۽ اهڙي نموني هل جيئن هِنن ڳالهين طرف هن جا ويچار ئي نہ مُڙن.“

”مان ڪوشش نہ ڪندو هوندس؟ هاڻ تہ ويچار وينو ڪيان تہ ڪنهن مانسڪ روڳن جي ڊاڪٽر- Psychiatrist کي ڏيکاريانس.“

”نہ يار، اهڙي ضرورت ڪونهي. اجايو معاملو لنبو ٿي ويندو.“

”ائين نہ آهي. هو مخصوص ريت هن کي صلاحون ڏيندو. جيڪو ڪجهہ مان نٿو سمجهائي سگهانس، سو هو سمجهائيندس. ان ۾ ڪهڙو هرج آهي؟“

”هو يار اجايون سجايون دوائون ڏيندو- مول ريت اهي ڊرگس آهن. عادت نہ پئجي وڃيس.“

”دوائن جي ضرورت تہ ڪونہ ٿي لڳي، پر جيڪڏهن هن جو چِت شانت رهي انلاءِ ڪجهہ ڏينهون پون ۽ عادت ٻہ پويس تہ ڪهڙو فرق پوندو. اشانتي تہ دُور ٿيندي.“

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ هريءَ جو فون آيو. ”ٻلرام يار اڄ ڊاڪٽر وٽ هلڻو آهي شام جو. تون ٻہ هلين تہ سٺو. جيا کي ڏيکاري آيو هئس. هاڻ مون کي صلاح ڏيڻ لاءِ گهرايو اٿائين. ڊاڪٽر جو چوڻ آهي تہ هن جي اهڙن سيني شيءِ چنتڪن کي ٻہ هدايتون ڏيٺيون

ڪونہ هئي؛ سڄو ڏينهن گم سم ويٺي هوندي هئي. هاڻ هٿ پير ڏڪڻ لڳس تہ ٻيءَ طرح سندس سرير ۾ ڪمزوري گهر ڪري ويئي. هن جي هيءَ حالت ڏسي هريءَ کي سٺو ۽ سچو بهانو ملي ويو. هاڻ ڪڏهن بہ ڪٿي بہ پاڻ سان گڏ نہ وٺي ويندو هئس، پڪچر تي بہ نہ. چوندو هئو طبيعت ڏاڍي نازڪ ٿي ويئي اٿس. هلڻ کان هلاڪ آهي. هن جا نوان دوست سنڌي چاهي غير سنڌي هن تي قياس ڪرڻ لڳا. هري هڪ ماڊرن خيالن وارو پرش آهي. هن نموني پتنيءَ سان نباهي وٺو آهي. ٻيو پارو هجي تہ جيڪر طلاق ڏيئي ٻي شادي ڪري وٺو هجي ها. ٻيو نہ تہ جنسياتي ضرورتن لاءِ ڀٽڪي وڃي ها. هريءَ هنن کي ڪڏهن بہ جيا سان گڏجڻ ڪونہ ڏنو. طبيعت پڇڻ لاءِ ڪو اچڻ جو چوندو هئو تہ هو چترائيءَ سان ٽاري ويندو هئو. سماج ۾ پنهنجو رتبو وڌائڻ لاءِ هريءَ هن همدرديءَ جي لهر جو پورو پورو اُپيوگ ڪرڻ شروع ڪيو.

هوڏانهن جيا ٻيو ڪجهہ سوچي رهي هئي. چار دفعا شاڪ ملڻ ڪانپوءِ هن جي جسماني حالت هيٺي ٿي ويئي. سوچڻ لڳي جيڪڏهن هن ريت تجربا ٿيندا رهيا تہ هوءَ سچ پچ چري بہ ٿي پوندي تہ شايد اپاهج بہ. مرڻ سولو آهي پر هن ريت جيئڻ ڏکيو آهي. هن کي پيڪن يا ٻئي ڪنهن جي سهاري جي اُميد ڪونہ هئي. ٻار ڀلي وڏڙا ٿي چڪا هئا پر هنن کي اڃا بہ ماءُ جي ضرورت هئي. هن پاڻ ماري جيئڻ جو فيصلو ڪيو. گهٽ ۾ گهٽ شاڪ تہ بند ٿيندا. جسماني ريت هوءَ پهرين جهڙي نہ ٿي، نہ ٿي. ان ڪري بہ آئين وارڻ ڪانسواءِ ڪو چاڙهو ڪونہ هئو. پنهنجي حالت تي هميشه پئي روئندي هئي. هي بہ ڪهڙو جيئڻ آهي؟ سڄو ڏينهن گهر ۾ اڪيلو وهڻ-ڪم ڪار ڪانسواءِ؛ پنهنجي ڪا ڳالهہ نہ ڪري سگهڻ، انگل تہ نهيو پر واجبي طلبون بہ نہ ڪري سگهڻ. سماج ۽ اوڙي پاڙي کان صفا ڪٽ ٿي ويئي.

بلرام کي خراب لڳو. ”سو ته ڪري رهيو هئين نه. مون کي ڇو سڏايئه. اِهو ڏيکارڻ لاءِ ته مڪمل ريت ڪوششون ڪري رهيو آهين؟“

اُن ڏينهن ڪانپوءِ هريءَ ڪڏهن به بلرام سان هن وشيه جو ذڪر نه ڪيو. جيا جو ٽيليفون تي نانڪيءَ سان ڳالهائڻ پيو ٿيندو هئو. هريءَ جي وهنوار ۾ فرق نه اچي رهيو هئو. جيڪو سو جيئڻ تڏ تيئڻ وڌ واري ڪار هئي. آخر جيا جو وروڌ وڌندو ويو. هوءَ سمجهي سگهي هئي ته ڳالهه بلرام جي وس کان ٻاهر آهي. سس سهرو هن ڏس ۾ ڪجهه مدد ڪرڻ ته درڪنار پر ٿڌو ڇنڊو وجهڻ جي ڪوشش به نه ڪري رهيا هئا. هوءَ هريءَ جي ڪن خاص غير سنڌي نوَن دوستن ۽ پاڙيوارن وٽ دانهين ويئي ته ڪجهه سمجهايوس. ”مان سڀ سهي سگهان ٿي پر هيءَ بي درديءَ سان مار نه.“

هريءَ کي سوياويڪ هي سڀ نه وڻي رهيو هئو. هو سيني کي چوڻ لڳو، ته هيءَ هڪ مانسڪ ڪيس آهي. هريءَ جي پيش ڪش جو نمونو ۽ ڳالهائڻ جو لحظو اهڙو هوندو هئو جو هرڪو جيا کي قصوروار نه ته ڇريو ضرور سمجهڻ لڳو. وري ٻئي ڊاڪٽر وٽ وٺي ويس. هن لنبي لسٽ دوائن جي لکي ڏنس. نه چاهيندي به جيا کي اِهي دوائون وٺيون پئي پييون. سڄو ڏينهن نشي واري حالت ۾ گذرندو هئس. گهر جو ڪم نه ڪري سگهندي هئي. هڪ نه پر ٻه نوڪر رکيا ويا. ڪڏهن ڪڏهن دوائن جي اثر کان آجي هوندي هئي ۽ پنهنجو وروڌ ظاهر ڪندي هئي ته مار کائيندي هئي ۽ زبردستيءَ کيس دوائون ڏنيون ويندي‌ون هيون.

ڊاڪٽر صلاح ڏني ته جيڪڏهن دوائن وٺڻ ۾ گوتناتي تي ڪري ته اليڪٽرڪ شاڪ ڏنا وڃن. اهي دائمي اثر ڪندا. هريءَ هن بابت ڪنهن سان صلاح ڪونه ڪئي ۽ لڪ ڇپ ۾ هنکي شاڪ ڏياري ايندو هئو. چار دفعا هيءَ ڪارروائي هلي. سچ پچ جيا کي فائدو نظر اچڻ لڳو. هري خوش ٿيڻ لڳو. هوءَ بحث نه ڇا پر پورو ڳالهائيندي به

''هاڻ ته هن جي شڪايت نه ٻڌبي آهي.''

''ته پڪ ئي پڪ هئڙي ڪا ٽريٽمينٽ ڪرائي هوندائينس.''

نانڪي اُتي رنڌڻي طرف هلي ويئي. ٻلرام چيو-''اڄ ته يار ڪنهن پڪچر تي هلون. گهڻا ڏينهن ٿيا آهن.''

''ڀلي-پر جيا ڪونه هلندءِ.''

''ڇو؟''

''پڇي ڏسيس متان توهان سان هلڻ پسند ڪري.''

جيا پڪچر تي هلڻ کان اِنڪار ڪيو. ٿوري دير ۾ هي ٻئي موڪلائي ٻاهر آيا.

رستي تي ڪار ۾ نانڪيءَ ٻڌايو ته هري اجا اهڙو جو آهي. جيا پڪچر تي به اُن ڪري نه هلي جو سمجهي ٿي ته جيڪڏهن ٻاهر اچڻ وڃڻ شروع ڪندي ته ٻئي نوڪر ڪڍي ڇڏيندو. چوندو هاڻ نيڪ آهين، نوڪرن جي ڪهڙي ضرورت آهي. هونئن به سسٽس ڪِٽ ڪِٽ ڪندي ايندي آهي. سڄو ڏينهن گهر ۾ ويٺي آهين. ڪڪم پڇي به نٿي ڪرين. نانڪيءَ کي عجب لڳي رهيو هئو ته هيءَ ڪهڙي قسم جي گرهستي آهي. ڪم ڪرڻو ته پڄنديءَ کان وڌيڪ ڪرڻو ورنه بلڪل نه. ٻلرام جي سڌي سوال پڇڻ تي نانڪيءَ ٻڌايس ته اجا به رات جو گهڻي ڀاڱي پاڻ ۾ نه ڳالهائيندا آهن. ٻلرام ڏکو ساهه کڻي چيو-''خير پاڻ ڇا ٿا ڪري سگهون؟ ڇڏي ڏين کين پنهنجي حال تي.''

''مون کي سچ پچ هريءَ تي به قياس ايندو آهي. ڏوهه ڪنهن جو به هجي پر گهر گرهستيءَ جو آنند ته هن به نه ماڻيو آهي. ٻارن جو لاڏڪوڏ ڪونه ڏٺو اٿائين. سڄو ڏينهن پيو ٿو چوراسيءَ جا چڪر ڪاٽي.''

''پر ان ۾ به ڏوهه ته سندس ئي آهي نه-کي قدر ماڻس جو به.''

''ڪجهه ته جيا جو به ٿي سگهي ٿو. هن حد تائين پهچڻ واريون

هري پنهنجي ليکي خوش ٿي رهيو هئو. ٻاهران پلي ڊاڪٽر جي ساراه ڪري رهيو هئو، پر هو سمجهي رهيو هئو ته جيا ۾ فرق ڇو آيو آهي. هيترو ڪجهه ٿي وڃڻ ڪانپوءِ به سندس آچار وهنوار ۾ ڪو فرق ڪونه آيو. جيڪو سو جيا کي چريو ڪري وڌيک نظرانداز ڪرڻ لڳو. هاڻي ڪيڏانهن ايندو ويندو هئو ته ڪير ائين ڪونه پڇندو هئس ته اڪيلو ڇو آيو آهين.

هريءَ جو شهر کان ٻاهر ڪافي وقت گذرڻ لڳو. مهني ۾ چار پنج دفعا ٻاهر ويندو ئي هئو. جيا چوندي هئس ته هاڻ ٻڪ ٻوڙ گهٽايو. اڻاه پئسو ڪمايو اٿوَ. هاڻ ان کي ماڻيو. اڳتي هلي وڏي عمر ۾ هن ٻڪ ٻوڙ جو حساب ڏيڻو پوندوَ. هريءَ وٽ هن جي پيار پريل سمجهاڻين جو هڪ ئي جواب هوندو هئو. ”توکي کهڙي خبر. گهڻو نه سوچ. تنهنجي طبيعت لاءِ سٺو نه آهي. گهر ۽ ٻار سنڀالي سگهين اوترو سوچ ۽ اوترو ڪر.“

بلرام ۽ نانڪيءَ وٽ هنن جو اچڻ وڃڻ گهٽجي ويو هئو. هڪ دفعو آرتوار ڏينهن هي ٻئي ڄڻا جيا سان گڏجڻ آيا. هري به وينو هئو. هنن کي ڏسي جيا خوش ٿي رهي هئي. هن جو ٽڙندڙ چهرو ڏسي هري به خوش نظر اچي رهيو هئو. جيا رنڌڻي ۾ ڪجهه ناهڻ ويئي ته هريءَ چيو- ”ڪيئن بلرام هاڻ نيڪ ٿي لڳي نه؟“

”ها يار سٺي سرهي نظر اچي رهي آهي.“

”چار دفعا شاڪ ڏيارڻا پيا.“

بلرام عجب ۾ پئجي ويو. چيائين- ”ڇا ٿو ڳالهه ڪرين يار؟ اهڙي کهڙي بيمار هئي جو شاڪ ڏيارڻا پيا.“

”يار ضروري هئا تڏهن ته ڊاڪٽر چيو ۽ هاڻ رزلٽ تنهنجي اڳيان آهي. تنهنجو هو ٻاڙيسري محبوباڻي به هن ريت ئي پريشان آهي نه؟ چئيس مون واري ڊاڪٽر وٽ جوءِ کي وٺي وڃي ۽ شاڪن ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن ڳالهه ۾ وقت نه وڃائي“

رات جو ڊنر تي ويڻا تہ تاج هنن سان گڏ وهڻ کان ڪترائي رهيو هئو. ٻلرام محسوس ڪيو تہ هو ادب وچان ٽيبل تي گڏ وهڻ نٿو چاهي. گهڻو چوڻ کانپوءِ ويٺو، پر ڪاڏي ۾ شامل نہ ٿيو. چيائين مون کي اسٽاف سان وهڻو پوندو آهي. ”سر هن توهان جي دوست هريچند کي ڏسندو رهندو آهيان. هو مون کي سچائي نہ سگهيو آهي، پر مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي، اُتي توهان وٽ آفيس ۾ ايندو رهندو هئو. مون هن کي واقفيت ڪونہ ڏني آهي. بامبي تہ ايندو رهندو آهي پر اڳئين هفتي هِت بہ آيو هئو.“

”ها يار هن جي ٽورنگہ تہ مون کان بہ وڌيڪ آهي. ڪاروبار وڏو اٿس.“

تاج مشڪي چيو-”ها، مون کي بہ ڀهرين ائين لڳندو هئو.“

”مطلب ؟“

”توهان کي خبر نہ آهي؟ هت لوناوالا ۾ ڪاروبار جي سلسلي ۾ ڪير ايندو؟ معاف ڪجو، مان صاف ٿو ٻڌايانوَ. هو چريتر جو نيڪ انسان نٿو لڳي. بامبي ۾ هڪ عورت سان ايندو هئو ۽ چوندو هئو تہ زال آهي. هت بہ رجسٽر ۾ زال مڙس لکيل هئو، پر عورت ٻي هئي. مون کي ڏسي شڪجي ويو تہ هي شخص بامبي مان هت ڪيئن آيو. مون ڪجهہ ڏيکاري ڪونہ ڏني. هاڻ خبر نہ آهي ٻنهي مان اصل زال ڪير اٿس.“

نانڪيءَ چيو-”ڪائي بہ نہ. اصل زال گهر ويٺي اٿس - هلڻ کان هلاڪہ.“

”تنهنجي معنيٰ تہ گوئا بہ اُنهن ڪمن لاءِ ويندو هوندو. ہہ ٽي دفعا بامبي مان مون ڪيس پلين جي بڪنگہ ڪرائي ڏني آهي. اُتي ويندو تہ اڪيلو آهي.“

ٻلرام کي هي ڳالهيون نہ وڻي رهيون هيون. نهر سان چيائين- ”تاج، ٻر هنڌ تہ هنن ڳالهين لاءِ نہ ويندو هوندو. ڪٿي تہ ڪاروباري لهہ بہ هوندي، ڪا ميٽنگہ يا ڪانفرنس هوندي. ڪنهن گراهڪ يا سپلاير سان گڏجڻو هوندس.“

ڳالهيون هڪ طرفيون نہ هونديون آهن. پلي ٻڳرين جو فرق هوندو. هري آسي سيڪڙو تہ جيا جو بہ ويهہ تہ هوندو. هري اسانکي ٻڏائي ڪونہ ٿو-بس.''

''شاڪ ڏيارڻ واري ڳالهہ ٻڌي مان تہ چوندس سؤ نہ پر سواسؤ سيڪڙو ڏوهہ هريءَ جو آهي. هن شروع کان جيا ۾ چاهہ وٺي ان جي خيالات جو موڙ پنهنجي نموني ڏيڻ جي ذري بہ ڪوشش نہ ڪئي آهي.''

نانڪي مشڪي رهي هئي. بحث اُتي ئي ختم ڪرڻ واجب سمجهي جواب ڪونہ ڏنائين.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ٻلرام ۽ نانڪي بامبي ويا. اُتي جنهن ڪم سان ويا سو جلد پورو ٿي ويو تہ سوچيائون لوناوالا جو چڪر هڻي اچون.

رات جو هوٽل جي لان ۾ ويٺا هئا تہ هڪ شخص اڳيان وڌي آيو. جهڪي پيري پوڻ جو انداز ڪندي ٻلرام کي چيائين-''سَر ڪيئن آهيو؟''

ٻلرام ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺو.''اڙي تاج ميمڻ تون هت؟''

''ها سر، اجا هاڻي ڏهہ ٻارهن ڏينهن ٿيا آهن تہ هت بدلي ٿي آهي. بامبي واري ساڳي هوٽل چئِنَ آهي. ڪجهہ پگهار ۾ اضافو مليو آهي تہ رهڻ لاءِ ڪوارٽر پڻ. مڙيئي نوڪري ڪرڻي آهي. هوٽل جي هيءَ ڇهين نوڪري ٿي. هت جنرل مئنيجر آهيان.''

''ڏاڍو سٺو.''

''اڄ گيسٽ لسٽ پڙهيم تہ توهان جو نالو ڏسي ڳولهڻ نڪتس. روم بند هئو تہ هت آيس. آرام سان ويهجو. مان ٿوري دير ۾ اچان ٿو. اڄ ڊنر آن د هائوس.'' چئي هو هليو ويو.

تاج ميمڻ ٻلرام جي آفيس ۾ ڪئنٽين مئنيجر هوندو هئو. بامبي جي ڪنهن هوٽل ۾ چانس مليس تہ هليو ويو. پڙهيل لکيل هئو سٺي ترقي ڪري رهيو هئو.

ڪل ٽِڙيل

ماحول سٽائو ٿي رهيو هئو. پارٽ پاڪ جا ناتا سڌري رهيا هئا. لڳي پيو سياستدانن ڪي جهرڪيءَ پونڊو ڏنو هئو. ٻنهي ديشن هڪ ٻئي ڏانهن الڳ الڳ سفارتون موڪلڻ شروع ڪري ڇڏيون هيون- واپاري، سپيتڪ ۽ ساهتيڪ وغيره. اهڙي هڪ واپاري سفارت ۾ اسانجي سيٺ مهيشچند جو نالو آيو. هن جي سفارش هڪ منسٽر دوست ڪئي هئي، جو پاڻ ٻه وچٿو هئو.

سيٺ مهيشچند هڪ ڪامياب واپاري هئو. سٺو پئسو ڳڏ ڪيو هئائين، پر هاڻ زندگيءَ جي سنجها ٿي ڪانئس ڪم ڏنڊو نه پئي پڄو. سماجڪ کيتر ۾ نالو ڪمائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئو، پر ان ۾ به هو پنهنجي واپاري سوجهه ٻوجهه کان ڪم وٺڻ لڳو. پئسا خرچ ڪري پاڻ پوڄائڻ ته نيڪ، پر ڊينگون ائين هٽندو هئو، ڇڻ هن ڪانسواءِ هر هنڌ اونده هئي. سچ ته اونده سندس دل ۽ دماغ ۾ پرجي ويئي هئي، جو هو سمجهندو هئو ته پاڻ جيڪو ڪجهه چئي رهيو آهي سو عام ماڻهو ته ڇا، پر سندس ويجها عزيز ۽ دوست پڻ سچ سمجهي رهيا آهن.

ان ڏينهن مهيش پنهنجي آفيس ۾ ويهي جهپڪيون ڪائي رهيو هئو ته انٽرڪام جو بزر وڳو. آپريٽر ڇوڪريءَ چيو-”دادا توهان سان ملڻ مسٽر نريشچند آيا آهن.“

”ها، موڪليس اندر.“

ڪجهه لمحن ڪانپوءِ ڪئبن جو در کليو ۽ نريش اندر داخل ٿيو. چيائين ”ڇا حال آهي مهيش؟“

”بس، سڀ نيڪ ناڪ آهي. تون ٻڌاءِ.“

”مڙيئي مالڪ جي مهر آهي. ٻڌو اٿم سنڌ وڃڻ وارو آهين.“

” ها يار، پروگرام ته اجا ٺهي رهيو آهي. اخبار وارن ڪي ٽڪڙ

”سو تہ تي سگهي ٿو.“

ٿوري دير ڪانپوءِ تاج هليو ويو تہ نانڪيءَ مشڪي سلام ڪندي چيو- ”ڏٺو نہ، مان چوندي ايندي هئس تہ ڪجهہ مڙيئي گڙٻڙ آهي، پر توهان کي پنهنجي دوست تي ڪافي وشواس هئو.“

”سچ تہ اهڙي ڪا لکا هن شهر ۾ نہ پوڻ ڏني آهي، نہ ئي اُتي ڪو اهڙو لفڙو ڪيو اٿائين. اسان سان هيتري اُٿڻي وهڻي اٿس پر ڪڏهن ڪنهن عورت ۾ چاهہ ورتو هجائين ان جو سڏو يا اڻسڏو اشارو نہ مليو آهي.“

”توهان کي خبر آهي-ڪافي حرفتباز آهي. پنهنجي شهر ۾ ڪجهہ ڪري تہ بدنامي ضرور ٿئيس. ٻاهر بہ لڪائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي اٿائين، پر نيٺ ڳالهہ ڦاٽ ڪاڏو.“

”چوٽي آهي ديش ڇوري پرديس ٻڪيا. هي سڀ ڪم ڪرڻ کان تہ بهتر جيا کان طلاق وٺي ٻي شادي ڪري ها.“

”پوءِ هيڏو جو ڀاڻ کي سماج سيوڪ ٿو سڏائي، چندا ڏيئي روز پيو ٿو ڀاڻ کي هار پارائي ان جو ڇا؟ طلاق جي حالت ۾ سندس اميج کي ڌڪ هڪ طرف لڳندو تہ پنهنجن ءِ گهڻگهرن جي همدردي ٻئي طرف ويڃائيندو.“

”سا تہ هونئن ئي ويڃائي چڪو آهي.“

”پر هري تہ محسوس نہ ٿو ڪري نہ. وري ٻي شاديءَ ۾ بہ هڪ ئي عورت سان ٻڌجي رهڻو پويس. هت تہ سڀ لامحدود آهي؛ ڪجهہ بہ پر پنيان تہ هرڪو ٽڪون هڻندو اٿس.“

ٻلرام مشڪي چيو-”ڇڏو يلا هاڻ ڇڏ هن ڳالهہ کي. ٻيو ڪو وشيہ ڪڻ.“

◆◆◆◆

آهي. چوندو آهي -’مهيش تنهنجي ڪري ئي منهنجي واهه واهه ٿيندي آهي.‘ ائين هن جي واقفيت جو دائرو وڏي رهيو آهي.“

نريش به مشڪي چيو-”ڇڏ يار اهي ٻٺاڪون. چيم ته سهين ڏسڻو آهي ته ڪير ٿو ڪنهن جو سنمان ڪرائي. ايم.ايل.اي ڪي تون وٺي ويندو آهين يا هو توکي وٺي ويندو آهي؟ هن جي ڪري ماڻهو توکي به سنمان ڏيندا آهن.“ هن ’به‘ اکر خاص انداز سان زور ڏيئي چيو.

”تون به يار عجيب ڳالهيون ڪندو آهين.“ مهيش جي ڳالهائڻ مان ڪجهه ناراضپو ظاهر هئو. ڪافي اچي ويئي. ٻئي چپ چاپ پيئڻ لڳا. هو ننڍپڻ جا دوست هئا. هڪ ٻئي سان پيا اُلجهندا هئا، پر هنن جي ياري ڪيترن لاءِ رشڪ جو باعث هوندي هئي.

مهيش چيو-”تون ڀلا هلين ٿو؟ سنڌ گهمي ايندا سين.“

”ڏس سفارت تي ته منهنجو نالو آهي ڪونه. پرائيويٽ وزٽ لاءِ-گهمڻ لاءِ چئه ته ڀلي، پر فئمليءَ سان. باقي ناڙين وڄائڻ لاءِ هنن ٻاليءَ مرداني ڪي وٺي وڃ.“

”هنن جي خبر اٿيئي. ڪيسي ۾ هٿ ڪونه وجهندا آهن. ٽرين جي سفر جو سڀ خرچ مان ڪندو آهيان. رهڻ ۽ کاڌي پيتي جو خرچ مڪاني سنسٿائون ڪنديون آهن، پرهي همراه ته رڪشا ۽ ٽئڪسيءَ جو ڀاڙو به ڪونه ڪڍن. وري وديش جو خرچ ته پڇي ٿو.“

”تو عادت وڌي اٿن. تڏهن ته چوان ٿو، توکي الائي ڇو اڃي پاڻ پوڄائڻ جي خفت لڳي آهي. ڪوٺو ڇرين پنيان پيو خرچ ڪرين. هو ته اهڙا آهن جو ڪنهن پارٽي يا شادي غميءَ تي وڃڻو هوندو اٿن ته ڀهرين ڏسندا آهن ته آس پاس ۾ ڪنهن ڪار واري ڪي به دعوت ملي آهي يا نه. جيڪڏهن لِفٽ جو بندوبست نه ٿيندو اٿن ته ڪو بهانو ڪري فنڪشن تي وڃڻ کان ئي ٽٽائي ڇڏيندا آهن.“

”تون اهي ڳالهيون نه سمجهي سگهندين. پبلڪ لائيف ۾ ڪجهه پيادا ته کپندا ئي آهن.“

اچي لڳي، يڪدم خبر ڇپي ڇڏيائون؛ پڙهي هوندءِ-فوٽو پڻ وڌو
اٿائون.''
''ها!''
''توکي تہ خبر آهي، پنهنجا ڪيڏا رشتا ناتا آهن- ديش توڙي
وديش ۾. هن دفعي جڏهن سرڪار بندن ڍرا ڪيا تہ سنڌ مان يارن
دوستن جو زوربار اچي رهيو آهي تہ تو جهڙيون هستيون هت اچن.
ڪجهہ واقفيت ٿيندي ۽ ڪجهہ شيوا.''
''ها، اخبارن ۾ تہ ائين آيو هئو تہ سنڌ مان ڪن سنستائن توکي
سنمان لاءِ گهرايو آهي ۽ روي بابو بہ تو سان گڏ هلي رهيو آهي.''
''ها يار، پاڻ ڪان تہ پهرين پنهنجي يار جو سنمان ٿيڻ کپي.
رويندر تہ وري منسٽر آهي.''
نريش مشڪي چيو-''ڏسون ٿا، ڪير ٿو ڪنهن جو سنمان ڪري ۽
ڪرائي.''
مهيش ڪو جواب ڪونہ ڏنو. ڪجهہ لمحن جي خاموشيءَ بعد
چيائين ''بڌاءِ ڇا پيئبو؟''
''ٿوري ڪافي.''
هن انٽرڪام تي ڪافي موڪلڻ لاءِ ڪنهن کي چيو.
''ها، نريش پنهنجي تہ ننڍي هوندي کان ياري آهي. مون سان
گڏ هلڻ جو بند ڪيو اٿيئي؟ هر دفعي تنهنجو سنو سنمان ڪرايو
اٿم.''
نريش منهن گهنجائي-هٿ لوڏي چيو-''ڇڏ يار، سڀ بڪواس
آهي. سنمان ڇا جو؟ پاڻ کهڙي اهڙي شيوا ڪئي آهي. باقي توکي
ناڙين وڃائڻ لاءِ ماڻهو کپن، سو ڪم پاڻ کان ڪونہ ٿيندو.''
مهيش کي خراب ڪونہ لڳو. مشڪي چيائين-''اجايو غلط ٿو
سمجهين. مان ايم.ايل.اي کي پاڻ سان وٺي ويندو آهيان. ڇا هو بہ
مون سان گڏ ناڙيون وڃائڻ لاءِ هلندو آهي؟ هر دفعي خوش ٿي ايندو

چونڊن جي پرچار ۾ مدد گهرندا هئا. هي هر ڪنهن کي پريم سان جواب ڏيئي پاسيرو ٿي ويندو هئو ۽ ڪڏهن به ڪنهن هڪ شخص يا هڪ پارٽيءَ سان جڙيل نه رهيو. سياست کان ته پري هوندو ئي هئو، پر سماجڪ کيتر ۾ جيڪڏهن ڪا سنسٿا ڪم نه ڪندي هئي يا سستن ۽ پرشٽاچارين جي هٿ ۾ اچي ويندي هئي ته چپ چاپ ڪنارو ڪري ويندو هئو. پنهنجي دوست مهيش کي سمجهائڻ جي ڪافي ڪوشش ڪيائين، پر اونڌي گهڙي تي پاڻيءَ مثل. هو پهرين ته مهيش تي نڪتچيني سهي نه سگهندو هئو ۽ انجي بچاو ۾ ڳالهائيندو رهندو هئو؛ پر پوءِ آهستي آهستي پنهنجو امڱ بچائڻ لاءِ ويجهي ۽ اندرئين سرڪل ۾ پاڻ به نڪتچيني ڪرڻ شروع ڪيائين. ڪڏهن ڪڏهن ته منهن تي به ڦهڪائي ڏيندو هئس. مهيش به الائي ڇو هن کي گهٽو ڪجهه چئي نه سگهندو هئو ۽ ائين باوجود مختلف راين جي سندن دوستي برقرار هئي.

مهيش سنڌ مان ٿي آيو. واپس آئي اڄ چار ڏينهن ٿي ويا هئس، پر اجا ڪنهن سان سمپرڪ ڪونه ڪيو هئائين ۽ نه ئي پنهنجي دؤري بابت ڪا خبر اخبار وارن کي ڏني هئائين. نريش ٻه-ٽي دفعا فون ڪيس پر هن سان ڪانٽيڪٽ نه ٿي سگهيس. اڄ آفيس ۾ واندو ويٺو هئو ته وشنوءَ کي فون ڪيائين ”اڄ ته ڪجهه گپ شپ ڪيون.“

وشنوءَ جي آفيس نريش جي پرسان ئي هئي. هو ٻنهي جو دوست هئو، پر سماجڪ ۽ سياسي ڳالهين کان پري هئو. ٻنهي دوستن کي چوندو هئو- ”نه مون کي اهڙو شؤق آهي ۽ نه وقت. اول توهان جيترو ڪمائي وٺان پوءِ ڏنو ويندو.“

ٿوري دير ۾ وشنو آيو. هن به اچڻ سان پهرين ڳالهه جا ڪئي سا هئي مهيش جي. نريش چيو- ”خبر نه آهي ڇو، اجا ڪانٽيڪٽ نه ڪيو اٿائين. چار ڏينهن آئي ٿي ويا اٿس. ٻه دفعا ته فون تي نياپو

”سچ پچ، جي ايم.پي يا ايم.ايل.اي ٿيڻ جو ويچار اٿيئي ته، پبلڪ لائيف ۾ مشهوري حاصل ڪرڻ لاءِ هئڙا ڪلٽهاب طريقا نه اپناءِ. ڪجهه گنڀير ٿي ۽ نوس ڪم ڪري ڏيکار.“

مهيش ڪلي چيو-”ڏس، توکي خبر آهي ته ڌرمداس ايم.پي منهنجي ئي ڪوشش ملي ٿيو. ان جي ٽڪيٽ لاءِ ننڍي وڏي هر ليڊر جو درڪڙڪايم. جڏهن ٻين لاءِ ڪجهه ڪري سگهان ٿو ته پاڻ لاءِ نه ڪري سگهندس ڇا؟“

”ڀلي ڪر، پر ڪجهه شيوا جا به ڪم ڪر. عوام جا ڏک سور دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪر. باقي يار اڳيان هوندو ته اسانکي به خوشي ٿيندي. اسانجو به رتبو وڌندو.“

”پوءِ تاڙيون؟“

”ها ڪجهه ٿي ڏيکار ته تاڙين وڄائڻ ۾ مان سڀني کان اڳرو هوندس.“

”تو منهنجي سوال جو جواب نه ڏنو. هلين ٿو نه، ڪيان بندوبست؟“

”نه يار، پاڻ هن وقت خرچ ڪرڻ جي موڊ ۾ نه آهيون.“

”ان جي تون ڇو ٿو چنتا ڪرين؟“

”ائين مان ته فئمليءَ سوڌو هلڻ لاءِ تيار آهيان. اهو خرچ سگهو ٿيندو، پر هي موقعو پاڻ کي راس نٿو اچي. جيڪڏهن پئسا خرچڻا اٿيئي ته هنن ٻنهي مريدن کي وٺي وڃ. ڇئين ڪجهه خرچ پاڻ به ڪڍن.“

”تون نه سڌرندين.“

نريش اُٿي ڪڙو ٿيو ڪلندي چيائين-”۽ تون نه سمجهندين. ڇڱو هلان ٿو.“

مهيش سوشل ورڪ جي ڏاڍي هام هڻندو هئو، پر ڪڏهن ڪنهن جو ڪم نه ڪيو هئائين. نه ته هن ۾ ڪو اهڙو ڪم ڪرڻ جي توفيق هوندي هئي، نه ئي اِچا. اِن جي ڀيٽ ۾ نريش پنهنجي ليکي هڪ سٺو سوشل ورڪر هئو. سماج ۾ سٺو نالو ڪمايو هئائين. چونڊن وقت سڀ نيتائون هن جي ڪڍ هوندا هئا. هنجي امئج جو فائدو وٺڻ لاءِ

وشنوءَ چيو-''اِي-ميل سنڌيءَ ۾؟''
''ها، اِسڪين ڪري امئيج طور موڪلبي آهي-فوٽوءَ وانگر.''
''يار ڇا تہ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ ڪمال ڪيو آهي!''
ٿوري دير ۾ ڇوڪري هڪ پنو ڏئي ويئي. ڇني نريش جي دوست ميمڻ قاسم جي هئي. هو سنڌ ۾ نريش جو هم ڪلاسي هئو. نريش ورهاڱي ڪان ڪافي پوءِ ڀارت ۾ آيو هئو. قاسم ۽ ٻين اهڙن دوستن سان خط و ڪتابت جاري رکي ويٺو هئو. قاسم اُتي سياست ۾ سرگرم هئو. نريش ڇني پڙهڻ لڳو.

پيارا نريش، سلام !
هيءَ ڇني محض ان لاءِ لکي رهيو آهيان تہ توکي خبر پوڻ کپي تہ تنهنجي اردگرد کهڙي قسم جا ماڻهو آهن. تنهنجي شهر مان سيٺ مهيشچند واپاري سفارت سان آيل هئو. هن جو چاهہ ڪنهن ڪم ڌنڌي يا ميل ميلاپ ۾ نہ هئو. ڪيترا دفعا تہ آفيشل ميٽنگن ۾ يا تہ دير سان پئي آيو يا تہ ماڳهن عدم پئدا پئي رهيو.
واقفيت جي دؤران ڇيومانس تہ منهنجو دوست نريش ڪرپالاڻي بہ اوهان جي شهر ۾ رهندو آهي. ٻڌايائين تہ تون سندس جهونو ۽ گهرو دوست آهين.
يار ماڻهو ڪمال جو اٿيئي. جنهن هوٽل ۾ لٿل هئو، اُتي آمريڪا مان آيل ڪجهہ سنڌي پڻ ٽڪيل هئا. هڪ عورت سان ضرورت کان وڌيڪ ويجهو پئي ٿيندو ويو. توکي تہ خبر آهي هت اسان وٽ اهڙيون ڳالهيون تمام خراب لڳنديون آهن. ٽئين يا چوٿين ڏينهن هڪ غلط ۽ شڪي قسم جي مڪاني ماڻهوءَ سان ڏسڻ آيو. هو پئسي پنجر جي ٽرنسفر لاءِ حوالي جو بي قاعدي ڪم ڪندو

بہ رکيو اٿمانس.''

''مون کي ٽيو ڏينهن حجم جي دڪان تي گڏيو هئو. منهن لٿل هئس يا شايد طبيعت خراب هئس. پڇڻ تي چيائين تہ يار، اجا ٿڪاوت ڪونہ لٿي آهي. سنڌ جي باري ۾ چيائين تہ ڏينهن ٻن ۾ ڪا پارٽي رکبي. اُتي سڀ ڳالهيون ڪنداسين.''

''سو تہ نيڪ، پر اڪيلو ڇو آيو آهي ؟ روي بابو تہ اجا اُتي آهي.''

''خبر نہ آهي ڇو؟ اجا تائين اخبارن ۾ نہ سماچار ڏنو اٿائين ۽ نہ ئي فوٽو. هونئن تہ هئڙين ڳالهين ۾ تکڙو هوندو آهي. واپسيءَ وقت ٽرين ۾ ئي نوٽ ٺاهي وٺندو آهي.''

''لڳي ٿو اُتي ڪنهن ٽڪ بہ ڪونہ هئين هوندس. اُتي ڪير سڃاڻيس جو سندس سنمان ڪندو ۽ ڇو ڪندو؟ اهڙو کهڙو ڪاريہ ڪيو اٿائين يا پرسڪار حاصل ڪيو اٿائين. اخبارن ۾ پاڻ پوڄائڻ جي شوق اڃي ڳنڍ ڪان پڪڙيو اٿس. ڪيترا ٿو ڊونيشن ڏئي!''

وشنو مشڪي چيو-''پر يار مون کي چڙ ايندي آهي جڏهن چوندو آهي تہ ماڻهو 'مون کي خاص طور سنمان لاءِ سڏائيندا آهن.' ڇا اسانکي بيوقوف ٿو سمجهي تہ اسان سندس ڍينگن ۾ وشواس ڪنداسين؟''

''رد قد نٿا ڏيونس نہ ! اسان جي چُپيءَ مان هو سمجهي ٿو تہ اسان سڀ پڇ بيوقوف آهيون. دراصل مان تہ ڪيترا دفعا نڪ چپ وڍيندو آهيانس، پر هو هاڻ ٿلهي چمڙيءَ جو ٿي ويو آهي.''

هڪ ڇوڪري ڪئبن جو در کولي اندر داخل ٿي ۽ چيائين ''دادا ڪراچيءَ مان هڪ اي-ميل آئي آهي - سنڌيءَ ۾. توهان ڪمپيوٽر تي ئي پڙهڻ چاهيندا يا پرنٽ آئوٽ ڪڍان؟''

''پرنٽ آئوٽ ڪڍي اچ.''

ڇوڪري وڃڻ هارڪي ٿي تہ نريش چيو-''ڪاجل، ڪنهن کي چئہ تہ چانهہ جي ٻن ڪوپن جو بندوبست ڪري.''

''جي ! '' چئي هوءَ هلي وئي.

دهرايان ڪونہ ٿو.“

”......“

”ٻڌ هو ٻيو همراه روي بابو جيڪو گڏ هئس، اهو ڪٿي آهي- ڪيئن آهي؟“

”.......“

ٻہ ٽي منٽ نريش خاموشيءَ سان ٻڌو، پوءِ چيائين ”چڱو يار تنهنجون لک مهربانيون. واقف ڪندو رهج.“

فون بند ڪري نريش چيو-”روي بابو بلڪل مزي ۾ آهي. قاسم تہ هن جي خوب ساراه ڪري رهيو آهي. آفيشل ايجنڊا پوري ڪري هو شاه سائينءَ جي مظهار تي وڃي رهيو آهي. سلفي ڇڪڻ پڻ سکي ويو آهي. ڪافي ماڻهن سان لڙه وچڙ ۾ آهي. قاسم جو چوڻ آهي تہ ڏينهن ٻن ڪانپوءِ جڏهن واپس ايندو تہ هن جي سرڪل ۾ ويهن پنجويهن دوستن جو اضافو هوندو. باقي مهيش تہ ائين رلڻ ۾ پورو هئو.“

”روي بابو سچ پچ آهي بہ يار ويس. باقي خبر نہ آهي هي سڀ سياستدان مهيش کي ڇو ايتري اهميت ڏئي رهيا آهن.“

”هو ڇا جي ڪا اهميت ڏينس. هي هنن جي پٺيان پوندو رهندو آهي. وري هت اسان وٽ ڪامياب سياستدان ڪيترا؟ جيڪي ٿريا ٿاٻڙيا آهن اُنهن کي بہ ڇاڙتا تہ ڪپن نہ مهيش جهڙا.“

”سو هئڙا ڇريا ڇريا. هنن کي سمجهڻ کپي تہ هن ريت ڪل ٿڙيل ۽ سَستي قسم جي شخص سان پنهنجو نالو ڳنڍي هو پنهنجي ئي امئيج کي دهرم رسائي رهيا آهن.“

”صحيح ڳالهہ آهي. هي تہ چوندو ٿو وتي، مون ئي سيني کي پارٽي ٽڪيٽون وني ڏنيون آهن، ٻڪ ڊوڙ ڪئي آهي ۽ سفارشون ڪٽي ويو آهيان. مان ئي سيني جو ماڻ، سنمان ڪرائيندو آهيان. هو مون ڪان صلاح ونڻ ڪانسواءِ ڪو اهم قدم نہ کڻندا آهن.“

”پر وري اُنهن سياستدانن اڳيان تہ منهن پلڙو ڪري ڳالهائيندو

آهي ۽ پوليس جي نظرن ۾ آهي. پنهنجو همراه هن شخص سان جڏهن ٻه ٽي دفعا گڏ ڏٺو ويو ته سي.آءِ.ڊي. پٺيان پئجي ويس. اسانکي جڏهن خبر پئي ته ترت تڪڙ ۾ ڪافي مشڪلات سان هنکي واپس ماڳ موٽايوسين. اجايو سنڌين جو نالو خراب ٿئي ها. شڪر جو اجا هنن جي پاڻ ۾ ڪا ڊِيل ٿيل نٿي لڳي. معاملو مون ٺاري ڇڏيو آهي، پر يار جيڪڏهن تنهنجو دوست آهي ته خيال رکج؛ ٿي سگهيئي ته تنبيه ڪجانس.

امان جن ۽ ڀين لاءِ دعا سلام !

تنهنجو پنهنجو،

قاسم.

قلم تازو: ڪمپيوٽر تان هي مئسيج ترت مٽائي ڇڏج.

نريش ڇوڪريءَ کي سڏي ضروري هدايتون ڏنيون.

وشنوءَ چيو-”سو هليو آهي سنمان پنڻ-پنهنجي لاءِ ته ڀين لاءِ ٻه. يار ايتريون ڊينگون ڇو ٿو هڻي؟“

نريش چيو-”ڀهرين ته ائين ڪونه هئو. ڪمايو ٻه سئو اٺائين، پر خبر نه آهي هاڻي ڇو ڪل ڦِري ويئي اٿس. ڏنڊو ڏاڙي ڇڏي رڇ پٺيان رلڻ لڳو آهي.“

”يار رڇ ڪيئن ٿو چئين؟ چٽيءَ مان ته ڪنهن ڏنڊي جي آئيڊيا اچي رهي آهي-يلي غير قانوني.“

”شل ڀڳوان بچائي. روي بابوءَ کي ته ڪونه رلائي آيو؟“ نريش موبائيل ڪٽي فون لڳايو. وشنو ٻڌڻ لڳو.

”هلو ! قاسم مان نريش.“

”......“

”چٺي تنهنجي چٽيءَ طرح پڙهيم. مان سڀ سمجهي سگهان ٿو.

کهاڻي ڪرسيءَ جي

سيٺ ٻڌرمل سماج ۾ هڪ چتر ۽ ڪامياب واپاري ليکيو ويندو هئو. سچ پچ منجهس ڌنڌي لاءِ سٺي سوجهه ٻوجهه ۽ قابليت هئي. جيئن ئي سندس ڇوڪرا تيار ٿي ڌنڌو سنڀالڻ لڳا ته هن آهستي آهستي هٿ ڪڍائڻ شروع ڪيو. ڇوڪرا پيءُ جو مٽ ثابت ٿيا ۽ ٻڌرمل جي ڪنڌ هيٺان وهاڻو سنو نرم ٿيندو ويو.

ڪجهه وقت کان هن کي سماج ۽ سياست ۾ ڪجهه ڪرڻ جي شوق اچي ٻَتر کان پڪڙيو، پر هن جي اِها سوجهه ٻوجهه ۽ قابليت هٿ سندس سات نه ڏيئي رهي هئي؛ هڪ عمر جي مريادا ٻيو وقت جي ٻه. ڌنڌي ۾ هو گهٽو ڪجهه ڪري سگهيو، جو ان لاءِ ڪافي سال ڏيئي سگهيو هئو. هاڻ جڏهن زندگيءَ جي شام ٿي اچي بيٺو ته ڪجهه ڪري ڏيکارڻ لاءِ وقت ٿورو نظر اچي رهيو هئو. اِها ڳالهه محسوس ڪندي هو هر ڪاريه ۾ ٽڪڙ ڪرڻ لڳو. ٽڪڙي ڪُتي انڌا گلر ڇٽي واري ڪار هئي. ٽڪڙ ۾ هڪ ته ضرورت کان وڌيڪ پاڻ پڌائي سيني کي اوور اِمپريس ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳو، ٻيو ته پاڻ پوڄائڻ لاءِ پئسا ڏيئي جدا جدا جلسن ۾ چيف گيسٽ ٿي سنمان پنڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ لڳو.

ڪنهن صلاح ڏنس، جيڪڏهن پير ٽيٽو اٿيئي ته مجاوَر پئدا ڪر. هن جلسن ۾ تاڙين وڄائڻ لاءِ ٻيءَ طرح واهه واهه ڪرڻ لاءِ مجاور خريد ڪرڻ شروع ڪيا. خبرداريءَ سان اُنهن جي چونڊ ڪندو هئو. هڪ ته اُنهن جو چئن چڱن تي اثر هجي، ٻيو ته هنن جو سماج ۽ واپاري طبقي ۾ ڪجهه درجو هجي. سِڌن ۽ غريبن (پئسي يا سياءَ جي لحاظ کان) جي لاءِ هن وٽ ڪا جڳهه ڪونه هئي. انڪري منگل جهڙا دلال هن جي چؤياريءَ ۾ گهسي آيا. ٻڌرمل مجاورن کي پنهنجي خرچ تي جلسن ۾ وٺي ويندو هئو. گهمائڻ ڦيرائڻ ۽ کارائڻ پيارڻ

آهي. باقي آهي ڳالهائڻ جو چٽر ۽ منڙو. ڪنهن کي بہ ترت موهي سگهي ٿو.“

”پر هو جڏهن ہتاڪون هٽي ٿو تہ ڪير ڪيس رڌ قد ڪونہ ٿو ڏئي. ان ڪري هن جو من وڏنڌو ٿو وڃي.“

”غلطي بہ تہ اُنهن سياستدانن جي آهي، جو هئڙين نازڪ سفارتن سان هنڪي ونئي ٿا وڃن.“

”مون کي تہ پنهنجو دوست هڪ مانسڪ ڪيس ٿو لڳي. ڇڏ وڃي ڪڏ ۾ پون سڀ. پنهنجي قطع تعلوقات شروع.“

◆◆◆◆

ننڍي وڏي فنڪشن جو آيوجن ڪري، هن کي چيف گيسٽ جي ڪرسي ڏيئي پئسا ڇڏائيندا رهندا هئا. مطلب ته ٻڌرمل خوشفهميءَ ۾ رهڻ لڳو ته پئسا ريل ڇيل خرچي هو پنهنجيون ڪمزوريون لڪائي پئي سگهيو-ڪجهه ڪرڻ ڪانسواءِ ناماچار ڪمائي پئي سگهيو. هن جي اِن سوچ لاءِ منگل جهڙا چمچا ئي جوابدار هئا.

اڄ به سيٺ کي صبوح کان منگل جو اِنتظار هئو. منجهند ٿي رهي هئي، پنهنجي چيمبر ۾ ويهي جهپڪيون کائي رهيو هئو ته اِنٽرڪام تي چوڪريءَ چيو، ”دادا، توهان سان گڏجڻ کي مسٽر دامودر آيا آهن.“

”ها، موڪليس اندر.“ هن سستيءَ ڳاڙڙ لهڪي ۾ چيو.

ڪجهه لمحن ۾ در کولي دامودر اندر داخل ٿيو. ”ڪيئن آهيو سيٺ ٻڌرمل.“ هن مشڪي چيو

”يار ڇا جو ٻڌرمل-ڇا جو سيٺ. مان ته اِهو ئي ٻڌر آهيان، جنهن کي ننڍي هوندي سڀ ٻڌوُ چوندا هئا.“

”يار هاڻ عمر ۽ رتبو به ته ڪجهه لهٽي نه؟“

”ائين نه آهي. اڄ ويهه ويهه.“ دامودر ڪرسيءَ تي اچي وينو. ٻڌرمل چيو-”داموُ ۽ ٻڌوُ ڇڏ-پر دامودر ۽ ٻڌر کان مٿي نه هلنداسين.“

هي ٻئي هڪ ئي ڪلاس ۾ پڙهندا هئا-هڪ ئي بينچ تي وهندا هئا. ننڍي هوندي کان ئي ڪافي دوستي هوندي هئن. پڙهائي ختم ڪري ٻڌرمل پيءُ سان گڏ ڌنڌي تي وينو. سٺي ترقي ڪيائين. وينو ته دامودر به پيءُ جي ڌنڌي تي هئو، پر ڀاڳ نه ڀرايس. ان لاءِ ڪي قدر سندس لڇڻ به جوابدار هئا. وري ننڍي ٿهي ته ماڳهن رليل نڪتس ۽ جيڪو ڪجهه هئس سو به هليو ويس. ان ڳالهه ۾ ٻڌرمل خوشنصيب هئو. ان جي ننڍي ٿهي سٺي نموني تيار ٿي سندس ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺي ۽ ان ڪري سندس ڪمزوريون به ڍڪجڻ لڳيون. زماني جي گردش ۾ ٻنهي دوستن ۾ مفاصلو وڌندو ويو ۽ پاڻ ۾ خئر

سوڏو هر سهنج لاءِ هنن جو ڏيان رکندو هئو. ائين هن جو نالو سماج ۾ ڦهلجڻ لڳو، پر ڇاڪاڻ تہ سماجڪ يا سياسي کيتر ۾ ڪو ڪم نہ ڪندو هئو، تہ ماڻهن جون دليون جيتي نہ سگهيو.

ننڍي هوندي کان چتر تہ هوندو ئي هئو، پر واپاري طبقي ۾ ڪُپتيو ليکيو ويندو هئو. هن جو نالو سماج ۾ ترڻ لڳو تہ آهستي آهستي ماڻهو هن وٽ پنهنجا مسئلا کڻي وڃڻ لڳا. هو ڪجهہ ڪرڻ جي قابل نہ هئو. چترائيءَ سان گول گول جواب ڏيئي معاملو ٽاري ڇڏيندو هئو. جيڪڏهن ڪو سلجهيل شخص ڪجهہ بحث ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هئو تہ ان کي ڇوهہ مان رهڙ ڏيئي چپ ڪرائي ڇڏيندو هئو. آهستي آهستي هن جون اِهي خاصيتون عوام ۾ ڦهلجڻ لڳيون ۽ سماج ۾ نہ صرف هو نڪمو ليکجڻ لڳو، پر ابهرو ۽ بدفضيلتو پڻ. هن جي انجام تي نہ صرف ڪير ڀروسو نہ ڪندو هئو پر هرڪو ڪِل پڻ ڪندو هئو تہ هن جي ڀروسي ڪو ڪم ٽيٽو نہ آهي؛ ٻيڙو نہ ٻڏي اِهو ئي غنيمت آهي. جيڪڏهن ڀل ۾ ڪنهن ريت ڪنهن جو ڪو ڪم ٿي ويو تہ ڪيترو وقت ساڳي ئي ڳالهہ هر هنڌ پيو دهرائيندو هئو؛ ڄڻ ڪي ڦاڙها ماري آيو آهي ۽ ٻيو ڪير اِهو ڪم نہ ڪري سگهي ها.

هن کي سياست ۾ ڪنهن بہ ريت ڪرسي ڪپندي هئي. هن جي هيڙي مانسڪ استتيءَ جو فائدو وٺندڙ بہ ڪي پئدا ٿي ويا. انهن مان مکيہ هئو منگل، هن جو چمچو نمبر وَنِ. هو دراصل هرديڳي چمچو هئو. جتان بہ ٻن پئسن جي بوءِ ايندي هئس، اُتي يڪدم پهچي ويندو هئو. هوندڻ بہ پيشيور دلال تہ هئو ئي. جنهن مان ڪميشن جو آسرو نہ هوندو هئس ان ۾ هو نہ هٿ وجهندو هئو نہ منهن. خانگي ريت چوندو هئو- ”ڪميشن ڪانسواءِ مان نہ پيءُ جو ڪم ڪيان نہ جوءِ جو- سماج تہ پري رهيو.“

ٻئي بہ ڪيترائي منگل جهڙا شخص هئا جي ٻيو ڪجهہ نہ، تہ

هن جي ڳالهائڻ ۾ پنهنجائپ ڪوٽان ڪوٽ پريل هئي.
”چئو پلا ٿوري چئيس.“
ڀڏرمل اِنٽرڪام تي ٻه ڪوپ چانهه جا موڪلڻ لاءِ ڪنهن کي چيو.
دامودر چيو-”مان يار تو وٽ ڪجهه حجت رکي آيو آهيان.“
”چئه!“ ڀڏرمل بنا ڪنهن اُتساهه جي چيو. سندس انداز مان
اڳين گرمائش موڪلائي ويئي.
”ڪجهه پئسا اُڌارا کپن-پنج هزار به ڪافي ٿيندا.“
”پنجن هزارن مان ڇا ڪري سگهندين؟“
”ڪم ڏنڌي لاءِ نه، گهر خرچ ۾ ڪافي پيڙ اچي ويئي آهي.
نوڪريءَ جي ڳولها ۾ آهيان. آهستي آهستي ڪري لاهيندس. پاڻ
تي سگهيئي ته نوڪري وٺي ڏيڻ ۾ به مدد ڪر.“
ڀڏرمل منهن پِلڙو ڪري آهستي سان چيو-”ڏس يار پئسن جي
ڳالهه ڏکي آهي. هاڻ ته مان خودمختيار نه آهيان. سڀ ڪم ڇوڪرن
جي هٿ ۾ آهي.“
”پوءِ اُنهن کي چئه نه.“
”مان اُنهن کي نه چئي سگهندس. هڪ ته هو بلڪل پروفيشنل
آهن. ٻيو ته مون ڪڏهن به هنن کي سينٽيمينٽل ۽ اِموشنل ٿيڻ نه
سيکاريو آهي. اجايو نه ڪن ته تو کان وڏيڪ دکه مون کي ٿيندو.“
نوڪر چانهه جا ٻه ڪوپ کڻي آيو. اوڏي مهل اِنٽرڪام جو بزر وڳو-
”دادا مسٽر منگل آيا آهن توهان سان ملڻ.“
”ها، موڪليس اندر.“ نوڪر کي چيائين-”هڪ ڪوپ ٻيو به
چانهه جو کڻي اچ.“
منگل اندر آيو. ڀڏرمل کي جهڪي پيري پوڻ جو انداز ڪندي
چيائين.”دادا ڪيئن آهيو؟“
”ٺيڪ آهي، مڙيئي مالڪ پيو هلائي. اچ ويهه.“
هو وڃي دامودر جي پرسان واري ڪرسيءَ تي ويٺو.

ڪا گڏجاڻي ٿينديون هئن.

”دامودر ڏي خبر ڪيئن پيو هلي ڪم ڪار؟“

”ڪم ڪار ته يار ڪو خاص رهيو ڪونهي. دڪان وڪامجي ويو. نوڪري هئي سا به ڇڏائجي ويئي. ٻه مهنا بيمار پيو هئس. سيٺين جو ماڻهوءَ ڪانسواءِ هلڻ مشڪل هئو. ٻيو ڪير رکي ڇڏيائون.“

”ٻه مهنا! ڇو ڇا ٿيو هئئه؟“

”سائي. هاڻ ته بلڪل نيڪ آهيان. روزگار جي ڳولها ۾ آهيان.“

”ڇوڪرا ڇا ڪن؟“

”هڪ ته ڪافي وقت کان ڌار آهي. ڪمائي به پورو ڪونه ٿو. ٻيو به پيو ٿو رُلي. ڪٿي ته سٺي نوڪري، باقي ڪنهن ننڍي وڏي ڪم ۾ هٿ وجهڻو ڪونهي. ٽالپر جو اؤلاد آهي نه.“

ٻڌرمل مشڪي چيو-”يار اِها به هڪ وڏي ڪمنصيبي اٿيئي. جيڪڏهن ننڍي ٿهي تيار نٿي ٿئي ته اڳتي وڌڻ ته ڇتو، ماڳهن جيڪو آهي سو به هليو ٿو وڃي.“

”صحيح ڳالهه آهي.“

”تنهنجي منهنجي پيڙهيءَ جيڪا محنت ڪئي، ان جو ٿورو حصو به هي ڇوڪرا نه ٿا ڪري سگهن.“

”اسان جو ته وقت ئي ٻيو هئو. سنڌ مان نوان نوان آيا هئاسين. وڏن جي عمر ٿي چڪي هئي. پاڻ کي ئي محنت ڪرڻي هئي. وري به يار تون خوشنصيب آهين. اؤلاد سڌريل اٿيئي. منهنجي حالت ۾ ته مان پاڻ کي ئي ڏوهي سمجهندو آهيان، جو اؤلاد کي سڌاري نه سگهيس.“

”هاڻ ٻڌاءِ ڇا پئبو، چانهه يا ڪافي؟“

”نه يار مان ڪجهه نه پئندو آهيان.“

”ڏس ائين يارن سان حجاب نه ڪر. ڪجهه ته پئڻو پوندءِ. چانهه هلي.“

”گهڻا چڱا ٿيندا انڪل؟“

”پنجاهه جڻن کي نينڊ ڏينداسين ته چاليهه ڪن ايندا.“

”مون کي خبر نه پوندي ته ڪنهن کي گهرائجي ۽ ڪنهن کي نه.“

”اهو سڀ مون تي ڇڏيو.“ دل ۾ چيائين. ”باقي هليو آهي ايم. ايل. اي. ٿيڻ.“

”ٺيڪ آهي، ڊنر ٿا رکون. ڪنهن پارٽي پلاٽ يا فارم هائوس جو بندوبست ڪر. ڏُڪ سنو پيارينداسونِ. باقي ڪئٽرنگ ته ڪنهن اوچي ۾ اوچي هوٽل وارن کي چئبي، پر اچڻ سڀ معزز هستيون کپن.“

”سو ته دادا ٿيندو ئي. هڪ ٻيو عرض! ڪجهه اهن ڏهن جڻن جو سنمان ڪرڻو پوندو. شالن جو بندوبست مان ڪٿان ڪيان ٿو، پر هر ڪنهن لاءِ هڪ سني ۽ اوچي گفٽ جو بندوبست توهان ڪيو.“

”تون سڀ ڪر. بل مون کان وٺج. خرچ روپئي جو سوا ٿئي، پر نالو سنو ٿيڻ کپي. تون هي سنو ڪم ڪٿي آيو آهين.“

”دادا، توهان چنتا نه ڪيو. سڀ ياد ڪندا ته سيٺ ٻڌرمل به ڪا هستي آهي.“

هو اُٿي ڪڙو ٿيو-”دادا، مان هلان، ڪجهه ٻئي به ڪم آهن. تاريخ ۽ ٽائيم جي پڪي خبر توهان کي پوءِ ڏيندس. باقي مڃيو ٿا نه؟ اسان توهان جو ڪيترو خيال ٿا رکون.“

ٻڌرمل مشڪي رهيو هئو. منگل هليو ويو. دامودر گنڀير وينو هئو. ٻڌرمل چيو-”يار چا ڪجي، سڀئي اچي پنيان پيا آهن ته هرويرو هن دفعي چونڊن ۾ بهه. هو آر.ايس.ايس. وارا ته ڏاڍيون منٿون پيا ڪن. نيٺ چيم ڏسون سياست جا به رنگ؛ متان ڪا ڪرسي ملي وڃي. خبر نه آهي نصيب ڪٿي تو پهچائي.“

دامودر ڦڪي مشڪ سان چيو-”نصيب ته يار تنهنجو شروع کان ئي سنو آهي. ڏسجانءِ چيف منسٽر به ٿي ويندين.“ هو اُٿي ڪڙو ٿيو.

ٻڌرمل چيو-”تون چنتا نه ڪر، مان ڪن دوستن کي به تنهنجي

”منگل منهنجي دوست دامودر سان مِل. اسان ٻئي گڏ ساڳئي ئي ڪلاس ۾ پڙهندا هئاسين؛ ۽ دامودر هي منگل اڄ برڪ سماج ڪاريه ڪرتائن مان هڪ آهي.“

منگل نمستي چئي هن سان هٿ ملايو. دامودر ان وچ ۾ ٻڌرمل جون ڳالهيون سهي ويو هئو ۽ موڊ ڪي قدر ٺاهي چڪو هئو، پر منهن اڃا لٿل هئس. نوڪر چانهه جو هڪ ٻيو ڪوپ رکي ويو. منگل يڪدم چانهه پيئڻ شروع ڪئي. ٻڌرمل چيو-”دامودر يار ڪڻ نه چانهه، ٺري ويندي.“

هو بي‌دليو چانهه پيئڻ لڳو.

”ها، منگل ڏي خبرچار.“

”دادا توهان جو هڪ ڪم ڪري آيو آهيان. توهان اسان جو پيِر ٿيڻ قبوليو آهي ته اسان پنهنجو مجاورن طور فرض ڪيئن وساريندا سين؟“

”ها، چئه ڇا ٿيو؟“

”ان ڏينهن توهان کي مون چيو هئو ته چونڊن ۾ ڪنهن پارٽيءَ جي ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪجو. باقي ٿورا مهنا آهن. ماحول مان لڳي ٿو ته هن وقت ڀاڇپا جو بول بالا آهي.“

”سو ڇا؟“

”ڀاجپا جو جنرل سيڪريٽري دوارڪاداس چترويدي پرينهن هت اچي رهيو آهي. ڪن سڄڻن جو ويچار آهي ته سنڌي سماج پاران هن جو سواگت ڪجي، ۽ سنمان ۾ لنچ يا ڊنر جو انتظام ڪجي.“

”پلي!“

”ان لاءِ ئي ته آيو آهيان. ڊنر يا لنچ توهان هوسٽ ڪيو. اِن بهاني سينٽرل ۽ اِسٽيٽ ليڊرشپ جي نزديڪ ٿيندا ويندا.“

”ٺيڪ آهي پر گهرائبو ڪنهن کي ڪنهن کي؟“

”ڏسو، هڪ ته سنڌي سماج جا سڀ اهڙا شخص جيڪي ٿوري به اهميت رکندا هجن، ٻئي ڀاجپا جا سڀ مکيه عهديدار.“

ڊِينگوُن

سيٺ سترامداس صبوح جو دڪان ۾ داخل ٿيو تہ ڪائونٽر تي بيٺل هڪ سيلس گرل چيو- ”دادا توهان سان ملڻ هوُ نارائڻ آيو آهي. اندر توهان جي چيمبر ۾ ويٺو آهي.“

”نارائڻ؟ وري ڪهڙو گڏهہ ڦاٿو اٿس؟“

ڇوڪريءَ ڪو جواب ڪونہ ڏنو. هوءَ مشڪي رهي هئي. سترامداس چيو- ”پت اهڙن ماڻهن کي منهنجي غير حاضريءَ ۾ اندر چيمبر ۾ نہ وهاريندي ڪر.“

”دادا ڇا ڪيان؟ اچڻ شرط چيائين ٻاهر گرمي ٿي رهي آهي. اندر اي-سي. چالو ڪري ڏي. مان دادا جي اچڻ جو اُتي ويهي انتظار ٿو ڪيان. هونئن بہ توهان وٽ ايندو رهندو آهي. توهان جو ريسپانس ڏسي اسان کي لڳندو آهي تہ هو توهان سان ڪافي ويجهو آهي.“

سترامداس مشڪي چيو- ”سو تہ ٺيڪ، پر هن کي ڪِني عادت آهي. ٽيبل تي پيل هر پنو، پيپر ۽ فائيل-ضروري غيرضروري سڀ پڙهندو آهي. جيڪو منهنجي حاضريءَ ۾ ائين ڪندو آهي تہ غير حاضريءَ ۾ ڇا نہ ڪندو هوندو. سڄي چيمبر پيو نوس نوس ڪندو هوندو.“

”اڄ تہ اڃا تائين ٽيبل تي ڪو پنو يا فائيل ڪونہ آهي؛ پر توهان هن کي ٽوڪيندا ڇو ڪونہ آهيو؟ صفا مئنرليس ماڻهو ڇٻو.“

”خئر ڇڏ، وڃي ڏوڙ پائي. ڏسانس ٿو.“ سترامداس ڪجهہ خفي ٿي چوندي اندر هليو ويو.

پرسان بيٺل هڪ ٻي ڇوڪري اڳيان وڌي آئي- ”ڇري، اڃا ٻڌايس ڪونہ، تہ اسان پاڻي موڪليس تہ ڇوڪري کي چانهہ ۽ بسڪيٽ آڻڻ لاءِ چيائين. دادا جي اچڻ تائين ترسڻ جي فضيلت بہ ڪونہ اٿس.“

ڪئبن ۾ داخل ٿيندي سترامداس چيو- ”نارائڻ ڇا خبرچار آهي؟“ نارائڻ ڪا اخبار پڙهي رهيو هئو. اُٿي سترامداس طرف مڙي، پيري

نوڪريءَ لاءِ چوان ٿو. ڇوڪرن تي ڪجهه زوربار رکُ. جوابداري سمجهن.“

”ها، ڏس!“ چئي هو هلڻ هارڪو ٿيو تہ ڀڏرمل چيو-”دامودر ويهہ گهران ٽفن آيو آهي. رسوئي ڪائي وڃ.“

دامودر منهن ڦيري آهستي چيو-”جنهن جي گهر ۾ چلهہ نہ ٻري هجي ان ڪان ٻاهرين روٽي ڪيئن ڳيسجندي؟“

هن جو آواز ڀاري ٿي ويو هئو. اکين ۾ پاڻي اچي چڪو هئس. منهن هيٺ ڪري تڪڙو ٻاهر نڪري ويو.

اڄ سڏامو ڪرشن وٽان هٿين خالي ويو.

◆◆◆◆

ٻاهران هڪ وڏي ڌماڪي جو آواز آيو. نارائڻ چيو-”اڙي باپ ڙي، لڳي ٿو ڪو ائڪسيڊنٽ ٿيو آهي.“

”ترس ڏسان ڇا ٿيو. واهن به اڄڪلهه ڏاڍي بيدرڪاريءَ سان ٿا هلائن. ان ڏينهن پوليس ڪمشنر کي چيم، يار ٽريفڪ جو ڪجهه ڪيو. ڪيڏي نه بربادي ٿي رهي آهي.“ چئي سترامداس ٻاهر هليو ويو.

نارائڻ وري اخبار پڙهڻ ۾ محو ٿي ويو. گرئجوئيشن ڪانپوءِ نارائڻ نوڪري ڪرڻ شروع ڪئي، ٽي چار دفعا متايائين پڻ، پر هر دفعي هن کي پگهار راس نه آئي ۽ نه ئي نوڪريءَ جا ٻنڌڻ. هو ڪاليج جي وقت کان ئي سماج شيوا جا ننڍا وڏا ڪم ڪندو رهندو هئو. ڪيترن غريبن، اپاهجن ۽ اڻپڙهيلن جا ڪم جيڪڏهن سرڪاري آفيس يا ٻئي ڪنهن هنڌ اٽڪيل هوندا هئا ته سڀ هن وٽ ايندا هئا. مڪاني آفيسن ۾ پٽيوالن کان وٺي آفيسرن تائين هن جو وهنوار هوندو هئو. هو هر ڪنهن کان بس ڀاڙي سوڌو سڀ خرچ جا حقيقي پئسا وٺندو هئو. اهو ضروري به هئو. هو پاڻ خرچ ڪرڻ لاءِ سمرٿ ڪونه هئو. ڪيترن کي خيراتي سنستائن مان مدد وٺي ڏيڻ لاءِ لک پڙهه ته ڇا، پنڌ به ڪندو هئو. آهستي آهستي هن کي لڳو ته نوڪريءَ جي حالت ۾ ايترو وقت ڪڍڻ ممڪن نه آهي، پر آجيوڪا به ته کپي. ائين ئي هن نوڪري ڇڏي هيڙن ڪمن لاءِ ڪجهه في وٺڻ شروع ڪئي. اڳتي هلي مڪاني سياستدانن ۽ واپاري طبقي سان لڙه وچڙ ۾ آيو. سياستدان ۽ آفيسرن جي نالي ۾ پئسا گڏ ڪرڻ لڳو. اڄ لڳ ڀڳ هر سرڪاري ۽ غير سرڪاري اداري ۾ سڌيءَ ريت يا ڪنهن جي معرفت پهچي ويندو آهي. هاڻ هن جو ڪاروبار واپاري طبقي سان آهي، جتان محض هيٺ نهارڻ ۾ هي پنهنجي گهٽتائي سمجهندو آهي. هو پنهنجي ڪاري کي ’لائزننگ‘ چوائڻ ۾ شرم محسوس ڪندو آهي. ’سماج شيوا‘ طور هن کي وڏيڪ فائدو ۽ رتبو ڏسڻ ايندو آهي. اڄ هن کي شهر جي سٺي ڀاڙي ۾ فليٽ به آهي ته هڪ ڪار پڻ. ظاهري

پوٽ جو انداز ڪندي چيائين- ”بس دادا، توهان جي دعا آهي.“
سترامداس اڳيان وڌي ٽيبل تي پنهنجي بئگ رکي. سامهون جهوليلعل ۽ گرونانڪ جي تصويرن طرف وڃي، نوڙي هٿ جوڙي پرارٿنا جا ٻه لفظ چپن ۾ دهرائي، وري ٻئي هٿ پڳوانن جي چرنن تي رکي ڪنڌ جهڪايائين. پوءِ اچي پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺو. ڏٺائين نارائڻ چانهه بسڪيٽ کائي چڪو هئو. ٽيبل تي تازي آيل ٽپال ٽري پڪڙي پئي هئي. اخبار جيڪا هو پڙهي رهيو هئو سا پڻ هن اڄوڪي ٽپال مان کنئي هئي.
نارائڻ اخبار مان منهن ڪڍي چيو- ”دادا، هن ته توهان جي ان ڏينهن واري جلسي جي ڀاشڻ جي خوب واهه واهه ڪئي آهي.“
”جلسا ٻه ته اڄڪلهه گهڻا ٿي پيا آهن. ڪهڙي جلسي لاءِ لکيو اٿائين؟“
”هو ٽائون هال وارو، جيڪو سوامي غريبداس ٽرسٽ وارن ڪيو هئو.“
”اڇا اُهو! پر يار مون چيو ٻه ته سچ هئو نه. توکي ته خبر آهي، پاڻ رکه رکاءَ مان نه ڄاڻون. ان رات ڊنر جي وقت ٻه مون کين ڪافي ڪجهه چيو هئو ته ڪجهه ڪري ڏيکاريو. ڪوڪلي نانڪ بازي ڇڏيو. چيف گيسٽ هئس ان ڪري جلسي ۾ خاص ڪجهه نه چئي سگهيس.“
”سو ته دادا، سيني کي خبر آهي، توهان ڪافي بولڊ آهيو. توهان وانگر سچ چوندڙ سلڇهيل شخص تمام ٿورا هوندا آهن.“
”اڙي ان ڏينهن ته ڪافي منٿون پيا ڪن ته دادا توهان اسان جي بورڊ تي اچو-ڪجهه نه ڪيو، صرف صلاح سوچن سان اسان جو مارگه درشن ڪندا رهو.“
”پوءِ؟“
”نه يار، پاڻ اهڙن ٽانڊ ٽوبڙن کان پري رهڻ پسند ڪندا آهيون. تون ان ڏينهن ڪونه هئين. باقي هو ڪيتريون منٿون پيا ڪن سو سڀ ڏسڻ جهڙو هئه.“
نارائڻ دل ۾ چيو- ”مان ڪونه هئس تڏهن ته پڪ هيڏيون ڊينگون ٿو هڻين.“

چاهه ڏيکاريو ۽ ڪجهه ڪرڻ جي آڇ پڻ ڪئي، پر توکي خبر آهي پاڻ کي ڊونيشنس وٺي، ان جو حساب ڪتاب رکي وهنوار ڪرڻ ۾ رس نہ آهي. ڪير ويٺو پروجيڪٽس ٺاهيندو ۽ ڳڙي ڳنڍي کي حساب ڏيندو. تنهن کان تہ اڪيلي سر يٿاشڪتيءَ شيوا ڪرڻ بهتر. باقي سيٺ ناري لالا ڏاڏو ناراض ٿي ويو. خبر اٿيئي هو مليشيا ۾ تہ ڇا پر دنيا ڀر جي NRIs ۾ ڪافي اوچو درجو رکي ٿو.''

''ها سو تہ آهي، پر ناراض ڇو ٿيو؟''

''ان لاءِ تہ مون ساڻس اڪيلي ڳڏجاڻي ڪونہ رکي. آخر پڇاڙيءَ جي ڏينهن ڪيئن بہ ٽائيم ڪڍي هن وٽ لنچ لاءِ ويس. چوي هوٽل ۾ بہ نہ. پنهنجن کي گهر ۾ آڻ ڀاءُ ڏبو آهي. ويچاري ڏاڏو قرب ڏنو. منهنجي ڪارين جي الائي ڪٿان هن کي خبر پئجي ويئي هئي.''

ناراڻ من ۾ چيو-''ڪاريہ وري ڊوڙ جا، ڇا ڪيو اٿيئي سواءِ پاڻ پوڄائڻ جي؟ ٻڇو ڪنهن ٽڪ بہ نہ هئين هوندءِ. تنهنجي عزت رکڻ لاءِ شرم ۾ مان ها ۾ ها ملائي رهيو آهيان تہ سمجهين ٿو بيوقوف آهيان.'' ظاهري چيائين-''پوءِ دادا ڪجهه پروجيڪٽس ڏسيون ها نہ.''

''ها ائين چئي تہ آيو آهيان. ڏسون ٿا، ڪجهه تہ ڪرڻو پوندو نہ. منهنجي اِڇا آهي تہ هت واپاري طبقي طرفان ڪو جلسو ڪيون. اُتان جون ۽ ٻئي ڪجهه NRI شخصيتون گهرائي اُنهن جو سنمان ڪيون.''

''صحيح ڳالهہ آهي.''

هڪ ڇوڪري اندر اچي چيو-''دادا ڪجهه ماڻهو توهان سان ڳڏجڻ ٿا چاهن، هن ائڪسيڊنٽ جي باري ۾''

''ڇو؟''

''سامهون چانهہ جي لاريءَ واري جي ڇوڪري کي ڏاڍا ڌڪ لڳا آهن. هن کي اسپتال ۾ داخل ڪرايو اٿائون. وڏو ۽ تڪڙو آپريشن ڪرڻو پوندو. ڪافي خرچ آهي. ڪجهه چندو وٺڻ آيا آهن.''

طور هن جو ڏنڏو آهي - ناٽڪي ۽ پراپرٽيءَ جي دلالي، پر ان ڌانهن هو
خئر کو ڌيان ڏيندو آهي. سرڪاري کاتن مان ڪم جي اُڪلاءَ لاءِ
واپاري طبقو هن جي شيوائن جو خاص طور استعمال ڪندو آهي.
سترامداس اندر آيو. ”ٻہ ڪاريون ٽڪرايون آهن. بچاءُ ٿي ويو،
آمهون سامهون ڪونہ ٽڪرايون.“
”سو تہ روڊ ڊوائيڊر آهي نہ ! پوءِ.“
”هڪ ٻئي سان شرط پچائڻ ڪري پاسن کان گهسايون آهن. هڪ
وانهروءَ کي ڪافي چوٽون آيون آهن.“
”پوءِ !“
”پوءِ ڇا، پاڙيهي کير نہ کير اسپتال کڻائي ويندس. لڳي تہ
ويچارو غريب پيو. پوليس بہ اچي ويئي. هاڻ ٻڌاءِ ڇا پيئبو؟“
”چانهہ تہ پي ويٺو آهيان.“
”سو ڇا ؟ ٻيو دفعو ڪافي هلي؟“
”ڀلي !“
سترامداس انٽرڪام تي ڪنهن کي ٻہ ڪوپ ڪافيءَ جا آرڊر
لاءِ چيو. نارائڻ چيو-”ها، دادا توهان جي مليشيا مان موٽڻ
کانپوءِ اسان ڪڏهن گڏ ڪونہ ويٺا آهيون - ڇڱو مهنو ڪن تہ ٿي ويو
هوندو نہ؟“
”ها مهني کان بہ مٿي.“
”ٻڌايو ڪيئن رهي ٽرپ؟“
”تمام سٺي. مان ڀلي ويو هئس پنهنجي ڪم ڏنڌي سان، پر
جڏهن سنڌي سماج کي خبر پئي تہ هوٽل ۾ ڪيترا فون اچڻ لڳا. مون
چيومان پائي مون کي هت ٿورا ڏينهن آهن. ڇو ڪونہ ٿا ڪا هڪ ئي
گڏجاڻي رکو جتي سڀ شريڪ ٿي سگهن.“
”پوءِ رکيائون گڏجاڻي؟“
”ها گڏجاڻي تہ رکيائون - هڪ سٺي هوٽل ۾. ڪافي جڻا آيا هئا.
پاڻ ۾ سٺي روح رهاڻ بہ ڪئيسين. ڪيترن ئي سنڌي ۽ سنڌيت ۾

”ڏاڍو سٺو يار!“

”سيٺي جي اِڇا آهي تہ چيف گيسٽ طور توهان کي نينڊ ڏجي. ڪجهہ چندو ڏيڻو پوندوَ.“

”گهڻو؟“

”جيڪڏهن توهان اڪيلا ڏيڻ چاهيو تہ پنجاهہ هزار، ورنہ پنجويهہ.“

”گهڻا ڪونهن؟“

”نہ دادا، هن فنڪشن جو خرچ بہ گهڻو آهي. ڪافي شو ڪرڻو پوندو. سنڌي ۽ غير سنڌي اخبارن ۾ ڪوَريج ڏيندو. رات جو وديا جي ڪن چونڊ ماڻهن سان ڊنر بہ رکي آهي؛ پر ان لاءِ سيٺي ڪان هزار روپيہ جدا ورتا ويندا.“

”ڏس جيئن توکي ٺيڪ لڳي. يلي بہ-ٽي چٽا هجن، پر ڳالهائڻ لاءِ وقت ضرور ڏيڻو اٿوَ.“

”سو تہ ڏيندو ئي. سيٺي کي تہ ڳالهائڻ ڪونہ ايندو آهي. توهان يلي ڳالهائجو. اسان جون تہ توهان ۾ وڏيون اُميدون آهن. ايندڙ ڀيري اسيمبليءَ جي ٽڪيٽ لاءِ ڪوشش ضرور ڪجو.“

”ڏس يار ان سڀ لاءِ توهان جهڙن جي سهڪار جي خاص ضرورت پوندي. پيرن کي مجاور ئي ڪڍندا آهن.“

”ها دادا، توهان کي ڪجهہ چوڻ جي ضرورت نہ پوندي. اسان سڀ ڪجهہ پاڻهي ڪنداسين. يلي توهان اجا هاڻ نوان نوان سوشل ۽ پبلڪ لائيف ۾ آيا آهيو، پر توهان ۾ ڪافي اُتساهہ ۽ لگن آهي. هونئن بہ ٻاهر توهان لاءِ ڪافي عزت ۽ شرڌا آهي.“

سترامداس هي سڀ ٻڌي ڦري رهيو هئو. نارائڻ من ۾ چئي رهيو هئو. ”چريا هوءَ چوڻي تہ ’ٻِن ڪمائيءَ نانڪ مون کي ساڌن جهڙو ڪر‘ بہ ڪڏهن نانڪ قبول ڪئي آهي؟“

مطلب تہ سترامداس ۽ نارائڻداس جا سوچ، مقصد ۽ طور طريقا يلي الڳہ الڳہ هئا، پر ٻئي ڦيل تہ هڪ ٻئي لاءِ ئي هئا.

♦♦♦♦

سترامداس بي موقعي گرم ٿي ويو-”ڇريءَ جا مون توکي چيو تہ وچي صرف ڏسي اچ تہ ڇا ٿيو. توکي انهن سان ڳالهائڻ يا گڏجڻ جي کهڙي ضرورت هئي؟ سچائي ويا هوندءِ تہ تون کهڙي دڪان جو ماڻهو آهين. ان ڪري هٿ پهچي ويا.“

”مون تہ ڪنهن سان ڪجهہ ڪونہ ڳالهايو. پر دادا هو آس پاس سيني دڪانن تان ڪجهہ نہ ڪجهہ گڏ ڪري رهيا آهن. پاڻ وٽ هوندئن بہ اچن ئي ها.“

”خير پاڻ ڪي ڪجهہ ڏيڻو ڪونهي. اهڙا تہ خبر ناهي ڪيترا حادثا پيا ٿين ۽ ٿيندا رهندا. ڏنڊوڙي شيواڌاري ترت ئي ميدان ۾ اچي ٿا وڃن. وچي ٽاري ڇڏين. ڇئين سيٺ ڪونهي-يا ڪجهہ بہ ڇئين.“

ڇوڪرو ’جي‘ چئي هليو ويو. سترامداس پڻ پڻ ڪندي چيو-”ڪيترن هنڌ پهچي سگهنداسين؟ ڪٿي تہ مريادا ٿيندي نہ؟ ايتري ۾ خبر پئجي بہ ويئي تہ وڏو ۽ ٽڪڙو آپريشن ٿيندو.“

نارائڻ هن جو موڊ ڏسي ڪجهہ سهمجي ويو. نوڪر ڪافيءَ جا بہ ڪوپ کڻي آيو. ڪافي ختم ٿيڻ تائين سترامداس جو موڊ نيڪ ٿي ويو. نارائڻ چيو-”دادا مان بہ اچ ڪجهہ اهڙي ئي ڪم سان آيو آهيان. هوُ يوٿ ڪلب وارا هڪ فنڪشن ڪري رهيا آهن.“

”اڙي هو ٽرڙا ڇورا؟“

”نہ دادا، هن دفعي هڪ سنو فنڪشن ڪري رهيا آهن؛ سنڌيت جي شان ۾. هن سال مس ورلڊ هڪ سنڌي ڇوڪري ٿي آهي. خبر هوندوَ-وديا آهوجا.“

”ها، سو ڇا؟“

”ان جو سنمان ڪري رهيا آهن. پهريون دفعو ڪا سنڌي ڇوڪري هن ليول تائين پهتي آهي. گڏوگڏ گيت سنگيت جو پروگرام بہ آهي. ڇاڪاڻ تہ هي فنڪشن صرف سنڌين لاءِ آهي، ان ڪري ٽڪيٽون نہ رکيون ويئون آهن ۽ پروگرام بہ سڄو سنڌيءَ ۾ ئي ٿيندو.“

شياملعل چيو-''دادا، اسان تہ توهان کي ڪيترن ئي فنڪشنس ۾ ڏٺو آهي. ان ڪري جڏهن هنن توهان جو نالو ڪنيو تہ مون چيومانِ هلو تہ مان وٺي ٿو هلانوَ.''

ٽيئي ڄڻا اچي اندر چيمبر ۾ ويٺا. گاگنداس انٽرڪام تي ڪجهہ ناستي ءَ ناريل پاڻي آڻڻ لاءِ ڪنهن کي چيو.

''پوءِ سيٺ سيتلداس، ڪهڙي خبرچار آهي-ڪڏهن آيا انڊيا؟''

''هفتو کن ٿيو ويو آهي. هت ڪالهہ آيو آهيان. اڄ ڪجهہ وقت فري مليو تہ چيم يارن دوستن سان ملي اچان.''

''ڏاڍو سٺو ڪيوَ. پلا گهر ڪڏهن ٿا اچو؟''

''هن دفعي ڪجهہ ڏکيو آهي.''

''ائين نہ يار، هن دفعي تہ ضرور اچڻو اٿوَ. مون نئين گهر ۾ شفٽ ڪيو آهي. اچي چرڻ گهمائي وڃو. وڏائي نٿو ڪيان، پر دنيا جو انون عَجوُبو ڏسندا.''

''ٺيڪ آهي، ڪيڏي مهل بہ فون ڪري هليو ايندس.''

''ائين نہ. ڊنر جو پروگرام رکنداُسين. شهر جي ڪن خاص ڪِريم شخصيتن کي گهرائيندا سين. منسٽر، ايم.ايل.اي،ايم.پي. وغيره. اسان جو بہ ڪجهہ دبدبو ڏسو نہ. اهڙين شخصيتن جي واقفيت بہ ڪم ايندوَ. پلا اڪيلا آيا آهيو يا ڀاڀي بہ آئي آهي؟''

''نہ، اڪيلو آيو آهيان.''

''پوءِ جيئن چئو، اڄ تہ دير ٿي ويئي آهي. سڀاڻي يا پرينهن جو پروگرام رکون جيئن سيني کي دعوت جو نياپو پهچي سگهي.''

''ٺيڪ آهي تہ پوءِ پرينهن جو رکو.''

''پلي-پوءِ رات جو ائين بجي؟''

''بلڪل ٺيڪ آهي.''

''شياملعل توهان پڻ اچجو. ٻيو بہ ڪير آهي توهان جي سرڪل مان؟''

گهڻو ڳالهائڻ، جيءَ جو جنجال !

سيٺ ڳاگنداس کي ريڊي ميڊ گارمينٽس جو وڏو شو-روم شهر جي مکيه بازار ۾ هئو. پاڻ ڏنڌي ڏانهن گهٽ وڌ ڌيان ڏيندو هئو. هاڻ هن جو وڌيڪ ڌيان سماجڪ ۽ سياسي کيتر طرف تي رهيو هئو. ڌنڌو پلي سندس چوکرن قابليت سان سنڀالي ورتو هئو، پر هن جي پنهنجي قابليت جنهن ڌنڌي کي هن اوچ تائين رسايو هئو، هن نئين چونڊيل کيتر ۾ سندس سات نه ڏيئي رهي هئي.

هن جي اڳين اوچ جي ڪري شرم ۾، ڪير به دوبدو هن سان اختلاف ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪندو هئو. نتيجي طور هو ان خوشفهميءَ ۾ رهڻ لڳو ته سندس چوڻ ۾ وزن آهي، جيڪو ڪجهه هو چئي رهيو آهي اُهو سچ سمجهيو تو وڃي ۽ هڪ ذهين شخص جا حرف سمجهي مت جا موڙهيل ان جي پيروي پڻ ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو رد قد ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو هئو ته اُنکي رهڙ سان لاجواب ڪري، ائين سمجهندو هئو ته سندس ڳالهه سچي مڃي ويئي آهي. هڪ طرف هي پنهنجي خوشفهميءَ ۾ مست رهڻ لڳو ته ٻئي طرف هاڻ سماج ۾ هي هڪ ابهرو ۽ بد فضيلتو شخص ليکيو ويندو هئو، سواءِ ڪن تورن جي، جن جي هي چمچاگيري ڪندو هئو چاڪاڻ ته ھنن جو درجو ھِن کان اوچو هئو.

ان ڏينهن دڪان ۾ پنهنجي چيمبر ۾ وينو هئو ته انٽرڪام تي ٻاهران ڪنهن چيو- ”دادا سينگاپور وارا مسٽر سيتلداس توهان سان ملڻ آيا آهن.“

”مان اچان تو.“ چئي هن فون رکي ڇڏيو. تڪڙو تڪڙو ٻاهر آيو. سيتلداس سان ڀاڪر پائي گڏيو. هن سان گڏ هڪ ٻيو شخص به هئو، ان سان هٿ ملايائين. سيتلداس واقفيت ڏيندي چيو- ”ڳاگنداس هي مسٽر شياملعل آهي، منهنجو هتي پاڙيسري.“

سيتلداس مشڪي چيو- ”ائين نہ آهي. هن پاڻ ڪڏهن ٻئي چيزون ڏنيون ٻڌيون ئي ڪونهن.“

”پوءِ ڍائو ٿو لڳي.“

سيتلداس هن جي گوڏي تي هٿ رکي، زور ڏيندي چيو- ”ڇڏ يار، يلي خوشفهميءَ ۾ رهيو پيو هجي. پنهنجو ڇا ٿو وڃي؟“

شياملعل روسامي واري انداز ۾ چيو- ”ڇا يار، اِهو سٺو ٿو لڳي تہ ائين اسان هن جون ڊينگون صبر سان ٻڌي، هن جو من وڏايون.“

سيتلداس وري بہ صبر سان چيو- ”ائين نہ آهي يار. هو يلي پاڻ پڏائي رهيو آهي، پر ان جو مطلب ضروري نہ آهي تہ هو اسانکي تچ سمجهي رهيو آهي. اِهو هڪ اوور امپريس ڪرڻ جو انداز بہ ٿي سگهي ٿو.“

ائين ئي هڪ نوجوان اڳيان وڌي آيو. سيتلداس سان هٿ ملائي چيائين- ”سائين، بندي کي نريش جاڙواڻي چوندا آهن. مان هت ميونسپل ڪارپوريٽر آهيان.“

”جي! توهان سان ملي خوشي ٿي.“

”سينگاپور ۾ ڇا ڪندا آهيو سائين؟“

”اسان جو اُتي ڊپارٽمينٽل اسٽور آهي.“

”ڪٿي؟ هاءِ اسٽريٽ ۾؟“

”ها!“

”ڪافي سنڌين جو اُتي ڪاروبار آهي نہ؟“

”جي!“

ٽيليفون تي ڳالهہ پوري ڪري گاگنداس هنن وٽ آيو. نريش هن طرف منهن ڪري چيو ”دادا ڇو منسٽر صاحب ڪونہ آيا آهن؟“

”يار روزن ۾ آهي. چيومانس تہ اچ- ڪجهہ کائجانءِ پيئجانءِ نہ پر منع ڪيائين- هڪ تہ گهر وارا مڃيندا ڪونہ تہ عبدل پارٽيءَ ۾ وڃي کائڻ پيئڻ کانسواءِ ڪو رهي سگهيو هوندو، ٻيو تہ عبادت جو

”جي بهرحال ته ڪوئي نه.“

ڪجھه وقت سينگاپور جون ڳالهيون هلنديون رهيون ته ڪم ڏنڌي جون به. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ هو ٻئي ڄڻا موڪلائي هليا ويا.

دعوت، تي ڊنر لاءِ ڏهه ٻارهن ڄڻا مس گڏ ٿي سگهيا. هڪ ايم.پي. هئو ته هڪ اڳيون ايم.ايل.اي پڻ. باقي ٻن ميونسپل ڪارپوريٽرس کانسواءِ ٻيو ڪو سياسي ماڻهو ڪونه هئو. واپاري طبقي مان پڻ اهڙو ڪو شخص ڪونه هئو جو سيٽلداس کي متاثر ڪري سگهي. بنگلي جي پٺيان ڪمپائونڊ ۾ سٺي ڇپر لڳل هئي. پارٽيءَ جو بندوبست اُتي ڪيل هئو.

دارونءَ جو دؤر چالو ٿيو. گاگنداس اُتساه مان چيو-”هي امپورٽيڊ اسڪاچ آهي. هت درلڀ آهي. اڳئين دفعي ڊبئي ويو هئس ته ڊيوٽي فري شاپ تان ٻه بوتلون وٺي آيو هئس. تڏهن کان سنڀالي رکيون آٿم ته اڄ ڪم آيون.“

سيٽلداس سهج سڀاءَ سان چيو-”پنهنجو ته دارونءَ ۾ ڪو خاص چاهه نه هوندو آهي. محفل ۾ مڙيئي گلاس جهلي ويهبو آهي.“

”سچي ڳالهه آهي. منهنجو به چاهه ڪاڏي ۾ وڌيڪ هوندو آهي. عمر جي تقاضا آهي ڪائون پِلي ٿورو، پر ڪپي سٺو ءَ اوچو.“

”صحيح ڳالهه آهي.“

”اڄ جو ڪاڏو اوچي ۾ اوچي هوٽل تان گهرايو آهي. مينو به بلڪل عمدو آهي. سڀ مچيندا آهن ته گاگنداس واه جي پسندي آهي توهانجي.“

اندران نوڪر اچي ڪارڊليس فون گاگنداس کي ڏنو-”دادا توهان جو فون.“

هو فون وٺي ڪجهه پريان ٿي ڳالهائڻ لڳو. شياملعل سيٽلداس کي چيو-”هي ڀائي ڇا سمجهي رهيو آهي. اسان اسڪاچ ڏٺي ئي ڪونهي يا سٺو ڪاڏو ڪڏهن کاڌو ئي ڪونهي.“

صرف گاگنداس ئي آڻي سگهي ٿو. ڇا ته سونهن اٿن. پلي وٺي يا نه، پر هرڪو چئي رهيو هئو- ”ڏاڍي سٺي آهي“، ”واهه خوب“ ۽ ”بنگلي پٺيان ڏاڍي محنت ڪيل آهي“ وغيره.

گاگنداس بود ۾ پرجي ويو- ”يار بنگلي جو آرڪيٽيڪٽ به شهر جو اوچي ۾ اوچو آهي ۽ مهانگي ۾ مهانگو. مون ڪان ته في به ڪونه ورتائين. منهنجو ننڍي هوندي جو دوست آهي. پلاننگ ۽ ڊرائنگ وقت مان به ساڻس گڏ وهندو هئس. هن به مڃيو ته ’گاگنداس تنهنجون آئڊياز ڏاڍيون سٺيون آهن. تو ۾ اصليت ۽ سوجهه ٻوجهه به آهي.‘ ان ڪري ته هيڏو عاليشان بنگلو ٺهيو آهي.“

ڦيرواڻيءَ چيو- ”خرچ به ڪافي ڪائي ويو هوندو.“

”سو ته سوياويڪ آهي نه، پر سڀ سڪارٿو ٿيو آهي. اڃا هفتو اڳ سؤراشٽر مان چوڏهن ڄڻا غير سنڌي آيا هئا. اُنهن به ڏاڍي ساراه ڪئي. ڪنهن ته ائين به چيو ”گاگنداس هي سڀ ڪجهه صرف توهان ئي ڪري سگهيا آهيو.“

”ڪير آيا هئا؟“

”آئل ملرس هئا.“

ڦيرواڻيءَ چيو- ”اُنهن جي تو سان ڪهڙي دوستي؟“

”منهنجي سيٺ جا دوست هئا. هو به سؤراشٽر ۾ تيل جو وڏو واپاري آهي. هنن کي عبدل غنيءَ سان گڏجڻو هئو. مون چيومانِ منهنجي گهر اچو. مان عبدل ڀائيءَ کي اُتي ٿو گهرايان. هو ته ويچارو اڏ چئي سان آيو.“

”ڇا ڳالهائڻو هئن.“

”يار هنن جا سرڪار سان لفڙا ته پيا هلندا آهن- اسٽاڪ ليول، ٽيپورٽ پرائيس، راڄيه کان ٻاهر موڪلڻ جي پرمٽ ۽ ٻئي به خبر نه آهي ڪهڙا. خير مون ته کي تفصيل ڪونه پڇيامانِ، نه ئي سندن ڳالهين ۾ بهرو ورتم.“

ٿائيم پڻ هئو.“
”خير اڇي ها ته ڇا ٿئيس ها.“
”ائين نه آهي. هو هڪ بلڪل سٺو ۽ سلجهيل شخص آهي. مون سان ته خاص دوستي ۽ پيار اٿس. ڪڏهن به ڪنهن ڪم لاءِ انڪار ڪونه ڪندو آهي. مون وٽ ته اڪثر فئمليءَ سان ايندو رهندو آهي. هي ته سياست ۽ سماج ۾ هن ڪي پنهنجو امئيج قائم رکيو آهي، انڪري مون فورس نه ڪيومانس.“
”خير هڪ ڪري سٺو ٿو ڪري.“
”تڏهن ته چوان ٿو، اوچي ۾ اوچو شخص اٿيئي. مون سان ته ڪافي ويجهو آهي. مان به ڪيترا دفعا سندس گهر وڃي چڪو آهيان. سيٺ سيتلداس کي ته مون چيو هئو هو ضرور ايندو، پر روزن طرف منهنجو ڌيان ئي ڪونه ويو.“ وري سيتلداس کي چيائين- ”اڇو يار، هو ايم.پي. اڪيلو ويٺو آهي. ان سان گڏ هلي وهون.“
نريش اُٿي پنهنجي گروپ طرف ويو. هي ٽيئي ڄڻا ايم.پي. وٽ آيا. گاگنداس چيو- ”ڦيرواڻي صاحب ڇو ڀلا اڪيلا ويٺا آهيو؟“
”ائين ئي؛ پاڻ ته دارون پئون ڪونه.“
”مسٽر سيتلداس سان گڏيا نه؟“
”ها!“
”سائين سينگاپور جي خاص هستي اٿوَ.“
”اَڇا؟“ ڦيرواڻيءَ مشڪي چيو.
”هلو ته اندر بنگلو ڏيکاريانوَ.“
چارئي ڄڻا اُٿي اندر ويا. گاگنداس هر چيز کي ڇتائي ڏسڻ لاءِ ڇڏي رهيو هئو. هر شيءِ جي ساراه ڪري رهيو هئو. ڊيڪوريشن، فرنيچر ڪان وٺي وال پيس ۽ شو پيس ته نيڪ پر ننڍا ننڍا رانديڪا به ڪين ڏيکاري رهيو هئو. هيءَ چيز هتان آندي اَٿم، هوءَ هُن ڏني آهي وغيره. مطلب ته هر چيز درلڀ آهي ۽ اوچي ۾ اوچي آهي، جا

ڇڏبو هوشيار؛ هڪ وار توهان به ته هن جي چڪر ۾ اچي ويا.“
سيتلداس مشڪي رهيو هئو-”خير ڇڏ يار وچي سڪه ۾ پوي.“
هفتي ڪانپوءِ شياملعل اخبار ۾ پڙهيو ته سول سپلائيز منسٽر عبدل غنيءَ وزرات مان استعفا ڏني آهي، مکيه منتريءَ جي گهر ڪرڻ تي. آفيشلي ڪي ڪارڻ نٿا ٻڌايا وڃن، پر سمجهيو وڃي ٿو ته هو آئل ملرس سان سازباز پئي رهيو آهي. چونڊن ۾ باقي ڇهه مهنا مس رهيا آهن. هاءِ ڪمانڊ به صفائيءَ جي موڊ ۾ آهي.
سيتلداس وڃي چڪو هو. شياملعل سوچيو جيڪڏهن چونڊون ايترو نزديڪ آهن ته ويچاري کي شايد ٽڪيٽ به نه ملي. دوست به هئڙا-روزن جهڙي بي تعلق ڳالهه ۾ امئيج جو ڌيان رکن ٿا، پر هڪ سينيئر جي سامهون سندس ڊپارٽمينٽ جي واپارين سان ٽرڊ پارٽيءَ جي گهر ۾ ميٽنگن جي ڳالهه ڪرڻ سان هن جي امئيج کي ڪيترو ڌرم رسي سگهي ٿو، ان جو ڌيان نٿا رکن. ڪارڻ ته ڪجهه ٻئي به ضرور هوندا، پر چوڻي ته ’نادان دوست کان داناءُ دشمن ڀلو‘ ڪا غلط نه آهي.

♦♦♦♦

”پوءِ عبدل ڪجهه هنن جو ڪم ڪيو؟“
”ضرور ڪيو هوندائين. هو قوَل جو پڪو آهي. ڪم ڪهڙو هئو سو منهنجو وشيہ ڪونہ هئو، پر هو مون سان ۽ منهنجن دوستن سان ڪيل اِنجام ضرور پاڙيندو. خير مان، پيو چوان تہ هنن سيني بہ بنگلي جي پلاننگہ جي ڏاڍي ساراهہ ڪئي. مون بنگلي ۾ مال بہ سٺو ۽ اوچو واپريو آهي. هيڏي وڏي زلزلي ۾ بنگلي کي ڪجهہ رهنڊ بہ ڪونہ آئي.“
شياملعل کان رهيو نہ ٿيو. مشڪي چيائين-”ائين تہ سائين ڪنهن بہ بنگلي کي نقصان ڪونہ ٿيو آهي. جيڪي بہ رپورٽون آيون آهن سي سڀ اوُنچين بلڊنگن جي باري ۾ آهن.“
گاگنداس چڻ ٻڌو ئي ڪونہ. چيائين-”ڪاڏو لڳايون.؟“
ڦيرواڻيءَ چيو-”هلو ڏسون ٻيا ڪٿي پهتا آهن.“
رسوئيءَ کان ڪجهہ وقت پوءِ سڀ هڪ ٻئي کان موڪلائي هلڻ لڳا.

شياملعل ڊرائيوَ ڪري رهيو هئو. چيائين-”يار هئو ڇا بنگلي ۾؟“
سيتلداس مشڪي چيو-”گهمي ڦري اها ئي ڳالهہ، هڪ تہ هن ڪجهہ ڏنو ئي ڪونهي ٻيو پاڻ پڏائڻ جي عادت.“
”نيڪ آهي يلي پيو خوش ٿئي، پر توهان جي هن سان واقفيت ڪيئن ٿي؟“
”اُتي يار، سينگاپور ۾ آيو هئو-ٽورسٽ گروپ ۾. اسان جي اسٽور تان خريدي ڪري رهيو هئو. ائين خبر پئي تہ سنڌي آهي ۽ هڪ ٻئي سان واقفيت ڪئيسين. مان بہ هن جي ڊينگن ۾ اچي ويس. هاڻ هت اچڻ سان خبر پئي تہ اصليت ڇا آهي. يلي ڪِنِ سياسي ماڻهن سان واقفيت اٿس، پر آهي زِيرو، انڪري پاڻ پڏائي سيني تي پنهنجو اثر وهارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.“
”اِها واقفيت بہ امپورٽيڊ اسڪاچ ۽ اوچي کاڌي جي ڪري هوندس؛

ٻڌل هجن، ورنه ساڳئي ڳالهه ساڳئي ريت مئنيج ڪرڻ ۾ بوريت آهي، سو اڳتي هلي ظاهر ٿي پوندو.

آٽوميٽڪ سسٽم سان پاڻ سرشتيءَ جو لقاءُ ڏسي ۽ ماڻي سگهندو، ويهي صرف غئبي سنڪيت موڪلي راند ڪرائيندو رهندو. (اڄ اسان وٽ آٽوميشن آئي ڪافي وقت ٿي ويو آهي ۽ ڀڳوان جو سسٽم سمجهڻ سوَلو ٿو لڳي. وڏيون وڏيون فئڪٽريون ۽ مشينون پنهنجو پاڻ هلن ٿيون. غئبي سنڪيت جو ڪم روموٽ ڪنٽرول سان ٿئي ٿو).

چيتن پئدا ڪرڻ لاءِ سوچيندي سوچيندي ڀڳوان سرجنهار کي هڪ انساني مشين جي رِٿ ڏيان ۾ آئي. هن مشين ۾ سڀ ڪجهه آٽوميٽڪ هئڻ کپي. ايتري قدر جو فيول ڀرڻ لاءِ به ڪيس ڪا محنت نه ڪرڻي پوي. وسيلا سڀ حاضر ڪري ڏجن، اهڙو ڪجهه هو سوچڻ لڳو. ائين فيول جا به سسٽم سوچيائين. ڪجهه سرجنهار جي پئدا ڪيل سسٽم مان پنهنجو پاڻ ميسر ٿي ملي، جهڙوڪ هوا ۽ پاڻي، ته ڪجهه انساني مشين پاڻ اُن سسٽم مان پئدا ڪري، جيئن ته اناج وغيره. مشين ۾ فيول جي ڪمي ٿئي ته اُن جو سنڪيت پڻ پنهنجو پاڻ ملڻ کپي (اُن لاءِ انسان کي بک ۽ پياس لڳي ٿي). وري خارج فيول جو نيڪال به آٽوميٽڪ ٿيڻ کپي. اهڙي مشين پنهنجو پاڻ آڪار - روپ وٺندي رهي اُن باري ۾ پڻ سوچڻ لڳو.

اِها مشين مڪئنيڪل سسٽم تي آڌارت معدني پئداش مان نهي پئي سگهي، پر ان لاءِ ڪچي مال جي ضرورت پوندي ۽ اُن کي گهڙڻ ۽ ناهڻ لاءِ ڪافي ٻاهرين ايجنسين جي ضرورت پئي پوندي. ازانسواءِ جڙ مان چيتن ناهڻ سولو ڪم نه هئو. ان ڪري انساني مشين نئين فارمولا سان نئين سِر ناهڻ جو سوچيائين. هن انساني مشين لاءِ ڪيميائي جزن جو استعمال ڪرڻ سولو سمجهيو. باقي چرپر ۽ فيول سسٽم مڪئنيڪل اصولن تي رکيائين. اڳتي هلي انسان هن سائنس کي نالو ڏنو - حياتاتي (Biology) . جڏهن چيتن - انسان پئدا ڪرڻ جو پروجيڪٽ تيار ٿيو ته پوءِ هو لڳو اُن لاءِ موزون جاءِ، وقت ۽ ماحول

ڪيل ڪيلڻهار جو !

هيءَ لکن ايامن (۽ نہ سالن) کان پهرين جي ڳالهہ آهي. سرجنهار ڀڳوان کي ڪائنات مڪمل ڪئي ڪافي وقت ٿي ويو هئو. جيستائين اُن کي مڪمل روپ ڏيڻ ۾ مشغول هئو، تيسيتائين هن کي هڪ قسم جي وندر هئي. اچ هي سڀ ڏسي اسان سمجهي سگهون ٿا تہ هيترا سارا سج، تارا، چنڊ، گرهہ ۽ اُپگرهہ وغيره پئدا ڪري وري اُنهن کي ڪشش ثقل ذريعي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ ۾ هن کي ڪيڏي نہ محنت ڪرڻي پئي هوندي. آرڪيٽيڪٽ بہ پاڻ تہ ڊرافٽسمئن بہ پاڻ. سڄي پروجيڪٽ ناهي اُن کي تعميل بہ اڪيلي سر پاڻ ڏنائين.

اُن ڪانپوءِ ڪيترو وقت تہ ٿِچاڻ کي سرشٽيءَ جي اُتار، چڙهاءُ ڏسڻ سان وندرائي وينو هئو. گرهن ۽ تارن سان پيو راند ڪندو هئو، اُنهن کي هڪ ٻئي سان ٽڪرائيندو هئو ۽ اُنهن جون جايون مٽائي پئدا ٿيندڙ اثر جو اڀياس ڪندو رهندو هئو. ائين ڪندي ڪندي ڪيترا تارا ۽ سج ٽٽي پيا ۽ ننڍا ننڍا ٽڪڙا جيترا جزا پڻ انترڪشہ ۾ ڦرڻ لڳا. اُنهن کي اچ اسان گرهہ، اُپگرهہ ۽ انهن جا چنڊ چئون ٿا - راسيون چئون ٿا.

ڪجهہ ايامن ڪانپوءِ هو بور ٿيڻ لڳو. آخر هي سڀ ڪيستائين؟ وندر تہ ٺيڪ، پر سڀ انتظام پڻ ڪيس پئي ڪرڻو پيو. هٿ پير ۽ دماغ پئي هلائڻا پيس يعنيٰ محنت پئي ڪرڻي پيس. انڪري وندر جو مزو گهٽجي رهيو هئو. سوچي ويچاري سڄي ڪائنات جي ويوستا آٽوميٽڪ موڊ (Automatic Mode) تي رکي ڇڏيائين. سڀ تارا، سج ۽ گرهہ وغيره پنهنجو پاڻ هلڻ لڳا ۽ بئلنس سنڀالڻ لڳا. جنهن اصول تي اچ ڪمپيوٽر هلن ٿا، بلڪل اُن اصول تي هن هڪ هڪ جزي جو باريڪيءَ سان پروگرام ٺاهي ڇڏيو.

هن وقت تائين جيڪو ڪجهہ پئدا ڪيو هئائين سو سڀ جڙ هئو. هاڻ ڪجهہ چيتن پئدا ڪرڻ جو سوچڻ لڳو تہ جيئن هلچل ۽ چرپر جي ڪري ڪجهہ چهل پهل هجي، پر هي سڀ بہ آٽوميٽڪ سسٽم تي

هلڪا هوندا ۽ آسمان ۾ رهندا. هوا انهن کي ضرورت وارين جڳهين تي ڪٽي ويندي ۽ تڏ ڏيئي اُنهن کي واپس پاڻيءَ جي روپ ۾ آڻي، برسات وسائي ڌرتيءَ مان اناج پيدا ڪرڻ ۾ واهر ڪندي. باقي پوک لاءِ ڪوجنا ڪري پيداش جو ڪم انسان تي ڇڏيو ويو. موزون ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ قدرت ۾ هر ڳالهه جو ڌيان رکيو ويو. وقت سر رات ڏينهن اچن، موسم جي مٽ سٽ ٿيئي ته سمنڊ جي چرپر ۽ بادل ناهڻ لاءِ وير جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ڌرتي ۾ خاص ريت گول ڦرڻ جي يڳتي رکي ويئي ۽ چنڊ کي خاص ريت 'ڪلائن' سان نوازيو ويو. خارج فيول کي مشين مان نيڪال ڪرڻ جو بندوبست پڻ پيشاب ۽ پائخاني رستي آٽوميٽڪ ڪيو ويو.

هاڻ سوال هئو آٽوميٽڪ پراڊڪشن جو. وري يڳوان هن پهلو بابت سوچڻ لڳو. انسان ته هو اوڏي مهل ئي پيدا ڪري پئي سگهيو، ڪو هڪ نه پر ڪيترائي. سوال هئو مشين پراڻي ٿي وڃڻ ڪانپوءِ ان جي مرمت ۽ گسي وڃڻ ڪانپوءِ ان جي بدران ٻيءَ جو بندوبست ڪرڻ. هي سڀ ڪجهه به آٽوميٽڪ ٿيڻ کپي. مرمت لاءِ ته حڪيم، ڊاڪٽر ۽ دوائون ميسر ڪري سگهبيون ۽ اڳتي هلي انسان ان ۾ خود پورتي به ڪري سگهندو، پر سرجنهار پاڻ ڪيترو ڌيان ڏيندو. ان ڪري replacement به آٽوميٽڪ ٿيڻ کپي. ورنه خارج مشينن جي ڪري انسان جو انداز ڪنهن مخصوص ليول کان گهٽجي سگهي ٿو ۽ اڳتي هلي ختم به ٿي سگهي ٿو.

هو ته سرجنهار هئو. هن لاءِ ڪا ڳالهه ناممڪن نه هئي. انسان جا ٻه قسم ناهيائين، مونث ۽ مذڪر. انهن ٻنهي جي ميلاپ سان ڌرتيءَ تي انساني مشين جي پيداوار قائم رهندي ايندي. ٻنهي ۾ اُتپتيءَ جو جذبو قائم رهي ان لاءِ هنن جي دماغ ۾ ڪجهه اهڙيون لهرون پريائين جو هو هڪ ٻئي ڏانهن آڪرشت ٿيندا رهن ۽ ميلاپ کان نه ڪترائن.

وري سوال هئو انسان پنهنجي آڪار جيترا انسان ڪيئن پيدا ڪري سگهندو ؟ اُن جي سرير ۾ ايتري جاءِ ته ڪونه ٿي سگهندي.

پئدا ڪرڻ.

هن پروجيڪٽ لاءِ ڌرتي وڏيڪ موزون جاءِ هئي. سائيز جي خيال کان بہ نيڪ هئي. سج ۽ تارا تہ بلڪل گرم هئا. اُتي هر شيءِ ڀسم ٿي ويٺي هئي. ڌرتيءَ کي سج کان جدا ٿئي ڪافي وقت ٿي چڪو هئو. سج واري تابش ڇڏي چڪي هئي. وري اُن کي هڪ چنڊ پڻ هئو. ڪل ملائي هن سج، چنڊ ۽ ڌرتيءَ جي شڪتين جو مرڪب ناهي، اُن جو اُپيوگہ ڪرڻ لاءِ سوچيو ۽ تنهي کي موزون جاءِ ڏنائين. باقي شڪتين جو پورائو ڪرڻ وارو تہ پاڻ ئي هئو.

ڌرتيءَ تي ڪافي ڪڏون ڪٻا ۽ ڪاهيون ٿي وئيون هيون. اندران ڪجهہ گرمي پڻ نڪري رهي هئي. اُن ڪري هن زبردست برساتيون وسايون. اُن مان بہ فائدا ٿيا. ڪڏون ڪٻا پرجي ويا. اِنهن کي اڄ اسين سمنڊ ٿا چئون. ٻيو فائدو ٿيو جو جيتن لاءِ فيول جو هڪ حصو تيار ٿي ويو. سائنسي نموني وايومنڊل پئدا ڪيائين؛ اِهو پڻ ڌرتيءَ کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ ڪم آيو. هوا ۾ آڪسيجن وجهڻ سان فيول جو هڪ ٻيو حصو تيار ٿي ويو. اگنيءَ جو هئڻ بہ ضروري هئو. سورج مان اُن کي شڪتي پراپت ٿي.

انساني مشين جو پروجيڪٽ/خاڪو تيار ٿي ويو. اگني، وايو ۽ پاڻي -هنن ٽن عناصرن جي ڪري آٽوميٽڪ فيول جو بندوبست بہ ٿي ويو. انسان جي سرير جا عضوا آڪسيجن ۽ خون ملڻ تي ڪم ڪرڻ وارا هئا. آڪسيجن هوا مان بنا ڪنهن محنت جي حاصل ٿي پئي سگهي. خون لاءِ پاڻي ۽ کاڌي جي ضرورت هئي. اُن لاءِ انسان کي ڪجهہ تڪليف وٺڻي پوي، محنت ڪرڻي پوي، اهڙو ڪجهہ سوچيو ويو. پاڻي انسان کي بلڪل ٿوري تڪليف وٺي گڏ ڪرڻو هئو. باقي کاڌو محنت ڪري پاڻ پئدا ڪرڻو هئو.

هوا، پاڻي ۽ اگنيءَ جي مدد سان زمين مان سڀ ڪجهہ ملي سگهي، ڀڳوان اهڙو بندوبست ڪيو. اگني پنهنجي تابش سان سمنڊ مان پاڻيءَ جا بادل پئدا ڪري سگهندي؛ گرميءَ سبب اهي بلڪل

جڏهن انسان جي پراڊڪشن جو ڪاريہ هٿ ۾ ڪٽڻ وارو هئو تہ لڳس سسٽم اڃا بہ وڌيڪ آٽوميٽڪ هجي تہ جيئن ڪيس وڌيڪ فرصت ملي. ان ڪري انساني دماغ ۾ 'سوچ' سان گڏ ٻيون سڀ اهڙيون شڪتيون پريائين جيئن اڳتي هلي سندس پنهنجي محنت گهٽ ٿئي؛ انسان پاڻ ۾ ٻري پورڻ ٿئي، پنهنجو ڀلو برو سوچي سمجهي سگهي تہ وڪاس لاءِ بہ سوچي سگهي. صرف دک سکہ ۾ سرجنهار کي ياد ڪري، يا سچ پچ ڪڏهن تڪليف ۾ هجي ۽ مدد جي درڪار هجيس تہ. وري انسان سوڌو سڀني جانورن ۾ الڳہ الڳہ ليول جون ممتا ۽ موہ جون لهرون پريائين، ان خيال کان تہ هڪ ٻئي جو ڌيان رکندا رهن ۽ ڪيس تڪليف گهٽ ڏين.

انساني مشين جي پروجيڪٽ کي مڪمل ريت عملي جامو پهرائڻ جي ليول تائين آڻڻ ۾ ڀڳوان کي ايام لڳي ويا. پراڊڪشن چالو ڪرڻ ۾ نہ ڪا دير لڳس نہ ڪا تڪليف ٿيس. هن کي تہ صرف ڏاڏي آدم ۽ ٻيبي هوا کي ڌرتيءَ تي موڪلڻو هئو. سرجنهار کي هن رچنا ۾ ڪافي مزو آيو. پروجيڪٽ جي مڪمل سرانجاميءَ ڪانپوءِ هو لذت سان سڀ ڏسي مزو ماڻڻ لڳو. هو سرجنهار بدران ڪيلڻهار بڻجي پيو. ان وچ ۾ هو سڀني تجربن- آزمائشن جو اڀياس ڪندو رهيو ۽ سسٽم ۾ ضروري سڌارا وڌارا ڪندو رهيو.

اڳتي هلي ڏنائين تہ سنسار جي جيون جي آٽوميٽڪ پئداش ڪري تعداد وڌي رهيو آهي- سندس ڪم ڪار وڌي رهيو آهي. ڇيتن جي شماري تہ وڌڻ لڳي پر جڙ جي پڻ. هاڻ ان سڀ کي اڪيلي سر مئنيج ڪرڻ ۾ هن جو ڪافي وقت برباد ٿيڻ لڳو. هن تہ هي سڀ ڪجهہ ان لاءِ رچيو هئو تہ جيئن پاڻ وندرائي سگهي، پر مئنيجمينٽ جو ڪاريہ سنڀالڻ ڪانپوءِ وندر لاءِ ڪيس ايترو وقت نہ ملي رهيو هئو. هن پنهنجا مئنيجر، سيڪريٽري ۽ ٻيا مددگار پئدا ڪرڻ جو سوچيو. ائين ديوي ديوتائون پئدا ٿيا. ڪن حالتن ۾ انسان کي پروموشن ڏيئي مئنيجمينٽ جا ڪم وراهي ڏنائين.

انکري وري ٻي آئيڊيا ڳولهي ڪڍيائين. انسان جو ننڍو سروپ- ٻالڪ. ننڍو ٻار پنهنجي ماءُ جي گرڀ ۾ سوَلائيءَ سان آستان حاصل ڪري سگهي اُن لاءِ هن بلڪل ننڍي-ٽبڪي جيترو جزو ناهيو. ماءُ جي گرڀ ۾ سڀ سهوليتون ميسر ڪرڻ جو بندوبست پڻ ڪيائين ته جيئن ٻالڪ جو وڪاس آٽوميٽڪ ٿئي. وري سوچيائين ته ننڍي ٻار کي پئدا ٿيڻ شرط رواجي ڪاڏو ڪارائڻ ممڪن نه آهي. ان لاءِ ماتا کي هڪ قدرتي شڪتي بخشيائين جنهن موجب هوءَ پنهنجي سرير مان ئي ڪجهه وقت لاءِ ٻار کي ڪاڏو ڪارائي سگهي.

مطلب ته ڪائنات جي هڪ حصي-جڙ جي پئداش مان ڀڳوان آزمودو پرائي چڪو هئو ته جيسيتائين سڀ ڪجهه آٽوميٽڪ نه آهي تيسيتائين هر گهڙي ڪيس ئي تڪليف ونٽي پوندي-ڏيان ڏيڻو پوندو. ان ڪري هن تي سڀ ڪجهه آٽوميٽڪ ناهڻ جو جنون سوار هئو.

پروجيڪٽ جڏهن نهي راس ٿيو ته سرجنهار کي لڳو پهرين هيٺ ٻين ننڍن ننڍن جيوَن کي پئدا ڪجي. انهن جي پئداش جو اصول ٻه ساڳيو ئي رکيو ويو، انساني مشين تي آڌارت. (هي سسٽم اڄ ٻه هلندو ٿو اچي. سائنسدان ڪوجنائون ڪرڻ مهل پهرين آزمائشون ننڍن جانورن تي ڪندا آهن : ڪوئن، باندرن وغيره تي). ائين هو ننڍا جانور پئدا ڪندو ويو. پهرين مڇر ۽ ننڍا جيت پئدا ڪيائين - آخر ۾ انسان جنهن کي پهرين باندر جو روپ ڏنائين. رفته رفته هو ڪيترين آزمائشون - تجربا ڪندو رهيو. پهرين ته ننڍن جيون کي دماغ ڪونه ڏنائين - صرف ڪجهه لهرون ته جيئن پنهنجو بچاءُ ڪري سگهن، ڪائي پي سگهن ۽ ايترو ڪجهه ڪري سگهن جيترو سندن جمڻ، جيئڻ ۽ مرڻ لاءِ ضروري هجي. پوءِ جيئن جيئن لڳس ته ٻين وڏن جانورن کي ڪجهه وڌيڪ لهرون ڏيڻ ضروري آهي، تيئن پنهنجي يوجنا ۾ سڌارا وڌارا ڪرڻ لڳو. ان ڪري ڏسندا آهيون ته الڳ الڳ جانورن جي شڪتي وهنوار ۽ سڀاءُ الڳ الڳ هوندو آهي؛ مثال طور شير ۽ هرڻ، ته لومڙ ۽ گدڙ، وري ڪبوتر ۽ عقاب وغيره. آخر

دهشت جي دنيا

ڪنهن مکيه ليڊر تي حملي ڪرڻ جي رٿا ناهڻ لاءِ ته ڪشمير جي اگروادين جو هاءِ ڪمانڊ ڪيترو وقت کان چوندو ايندو هئو. اُن لاءِ ڪنهن هوشيار ۽ چاڙو فداهين جي ضرورت هئي. هڪ گروپ هاءِ ڪمانڊ کان قبوليت وٺي هن ڏس ۾ ڪڏهڪو ڪم شروع ڪري چڏيو هئو. راجيه جي پوليس تي نظر رکيائون ته هڪ اهڙو شخص ملي وين جو پاڻ وڪڻڻ لاءِ تيار هئو. پئسي جي لالچ ڏيڻ کان اول هن جو برين واش ڪيو ويو. ڏيمي ڏيمي هن کي فداهين ٿيڻ لاءِ تيار ڪيو ويو. ڪجهه ٽريننگ ڏني ويئي ته هو پوليس فورس ۾ سنو نشانيباز ليکجڻ لڳو. ڪيترن ئي اگروادين کي صفع هستيءَ تان مٽائي چڪو هئو. اُن کري ڊپارٽمينٽ ۾ سنو نالو ڪمايو هئائين. هن جي گوليءَ جو شڪار اُهي اگروادي ٿيا هئا جي هاءِ ڪمانڊ کي پسند ڪونه هئا. هن کي ٻنهي پاسي ڪريڊٽ ملي رهي هئي.

هارون قريشي پنهنجي جان جو سؤدو ٽن ڪروڙ رپين ۾ ڪيو هئو. مرڻ کانپوءِ جيڪڏهن پئسا هن جي پوين کي ٿا ڏنا وڃن ته سڀ ڪجهه نظر ۾ اچي ويندو. هارون کي دلي طرح ٻه پوري خاطري نه هئي ته سندس وڃڻ کان پوءِ هن سان ڪيل انجام ڪو پاڙيو ويندو. ازانسواءِ پنهنجي جيئري هن پئسن جو ڪجهه ته سک ماڻڻ تي چاهيو.

هن جي ڇوڪري کي ڊبئي ۾ ڏنڊو کولائي ڏنو ويو. دڪان مان ڪمائي سٺي ٿيڻ لڳي. گرانٽ جا پئسا ٿورا ٿورا ڪري وڪري ۾ جذب ٿيندا رهيا. اُتي اڪائونٽنگ جو ته ڪوئي مسئلو آهي ڪونه- انڪم ٽئڪس ڪونهي، ٻيو ڪو ٻنڌڻ ڪونهي. ٿوري وقت ۾ ڇوڪرو گرانٽ جا سڀ پئسا حاصل ڪري چڪو ۽ ڏنڌي مان پڻ چڱو ڪمائي چڪو هئو. وڏو دڪان وٺي شهر جي مکيه سينٽر ۾ شِفٽ ڪيائين.

هر ننڍي وڏي ڪمپنيءَ ۾ ڏٺو ويو آهي تہ مالڪ جيڪڏهن سمهي پوندو آهي يا ڪنهن ٻي ريت ڍلو ۽ سست ٿي ويندو آهي تہ ڪمپنيءَ جو حال برو ٿي ويندو آهي. مئنيجر ۽ اسٽاف ڪيترو بہ قابل ڇو نہ هجن، پر مالڪن جا حال ڏسي هو بہ سست ٿي ويندا آهن، ڍِلا هيٺ ٿي پوندا آهن ۽ ٻين غير ضروري ڪمن ۾ لڳي ويندا آهن.

اڄڪلهہ هلي سرجنهار بہ 'آٽوميٽڪ' جي چڪر ۾ اچي ويو آهي، ائين لڳي رهيو آهي. هو اِهو نہ ڏسي رهيو آهي تہ سندس پيدا ڪيل مئنيجر ۽ عملو ڪيئن مئنيج ڪري رهيا آهن. هن کي تہ ائين ڏسڻ ڪپي تہ مڊل ليول جا ڀڳوان ۽ ديوتائون پهرين جيترو ڌيان ڇو ڪونہ ٿا ڏين. وري نوَن ديوتائن جو ڌرتيءَ تي جنم وٺڻ بہ بند ٿي ويو آهي. رٽاير ڪيل ۽ ڇولو تياڳيندڙن جي بدران ڪير نہ اچي رهيو آهي. مِس مئنيجمينٽ جي ڪري انسان پنهنجو پاڻ کي برباد ڪري رهيو آهي، سرجنهار کي الڳ الڳ نالا ڏيئي الڳ الڳ مذهب ناهي. انسان آٽوميٽڪ سسٽم جو بہ دُر اُپيوگ ڪري رهيو آهي، پاڻ کي خودمختيار، خان-ي-خان سمجهي رهيو آهي، ۽ ڀڳوان جي غرض نہ ڪڍي رهيو آهي. انسان محسوس ڪرڻ لڳو آهي تہ آٽوميٽڪ سسٽم جي ڪري ڀڳوان پاڻ وٽ گهڻي اختياري نہ رکي آهي. هن کي پڪ آهي تہ هو گهڻو ڪجهہ پاڻ ڪري سگهي ٿو ان ڪري سرجنهار لاءِ هن جي من ۾ شرڌا گهٽجي رهي آهي. لڳي ٿو هن ڏس ۾ شروعات ڪڏهڪو ٿي چڪي هئي. شايد ان ڪري ستجڳہ پورو ٿي ويو ۽ هاڻ ڪلجڳہ ۾ تہ ٻڌڻ وارو ڪو نظر نہ اچي رهيو آهي.

يار، سرجنهار هيڏي محنت ڪري سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي اٿيئي تہ انسان جي ڀلي لاءِ بہ ڪجهہ سوچ - ڪجهہ ڪر، نئين سر ۽ ٿي سگهي تہ آٽوميٽڪ.

◆◆◆◆

هارون تي ڇڏيو ويو ته جيئن ڪيس مناسب لڳي ان موجب قدم کڻي. ڇهاڙيءَ جو آزمائش وٺڻ سان هو پاس ٿيو تڏهن ڪيس پارٽ واپس وڃڻ جي اجازت ملي. آپريشن پورو ٿيڻ کان پوءِ جيڪڏهن جان بچي سگهي ته ڪيئن بارڊر ڪراس ڪري، اِهو پڻ ڪيس تفصيلوار سمجهايو ويو.

هارون سرينگر پهتو ته ڪجهه ئي ڏينهن ۾ فاروق عبدالله جي رئليءَ جو اعلان ٿيو. هن مئدان جو چڱيءَ طرح معائنو ڪيو. ڪيس جنهن بلڊنگ جي ڪُڊ تي ڊيوٽي ونڻي هئي سا پڻ نظر مان ڪڍيائين. سوال هئو جيڪڏهن ڪيس اِتي ڊيوٽي نه ملي ته ڇا؟ جيڪڏهن ميٽنگ ۾ اسٽيج سندس رٿا موجب نه نهي ته ڇا ڪرڻو. هن مئدان ۾ رواجي طور سياسي ميڙن ۾ اسٽيج هر دفعي ساڳئي هنڌ نهندي هئي ۽ هن پنهنجي يوجنا به اُن موجب بڻائي هئي. هن ڪي الائي ڇو شڪ پئجي رهيو هئو ته اسٽيج جي جاءِ مٽجي سگهي ٿي ۽ سچ پچ هن جو شڪ صحيح نڪتو.

هن رئليءَ جي بندوبست لاءِ پوليس جي هر ميٽنگ ۾ هارون کي سڏايو ويندو هئو. اسٽيج جي جاءِ مٽائڻ جو فيصلو سڪيورٽي ڪارڻن جي مدنظر ڪيو ويو. رئلي سياڻي شام جو آهي. چيف منسٽر ڪافي وقت کان پوءِ هن مئدان ۾ اچي رهيو آهي. اگروادين جي هن تي نظر ته آهي ئي. اڳ به ٻه ڀيرا هن تي جان ليوا حملا ٿي چڪا هئا. اسٽيج جي جاءِ مٽائڻ واري ڳالهه بلڪل گپت رکي ويئي. هونئن به سڪيورٽيءَ جي خيال کان هر دفعي اسٽيج جي جاءِ مٽائڻ ۽ گپت رکڻ ضروري هئو. چيف منسٽر تقرير بليٽ پروف چيمبر مان ڪندو. هارون کي جيڪو ڪجهه ڪرڻو آهي صرف ان جي ڪار مان لهي چيمبر تائين پهچڻ واري وقت ۾ يا واپسي واري وقت ۾.

پوليس ڪمشنر چيو- ”هارون تنهنجو ڇا ويچار آهي؟ ڪٿي بهندين؟ پاڻي تون اسان جو سڀني کان قابل شارپ شوٽر آهين.“

ڇوڪرو ڪجهہ پئسا گهر موڪليندو هئو- قانوني ريت. ائين هارون قريشي زندگيءَ جو مزو ماڻڻ لڳو- جيئن ٻڪرو ٻليءَ تي ڇڙهڻ کان اول. ڇوڪري پنهنجي ماءُ پيءُ کان سواءِ ٻين سيني ويجهن عزيزن کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو. هن کي اِها خبر نہ پئجي سگهي ۽ نہ ئي پاڻ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ هي سڀ پئسا سندس وٽ ڇو اچي رهيا آهن. بس ايترو سمجهڻ ڪافي هئو تہ سندس پيءُ هڪ ناميارو پوليس وارو آهي ۽ پوليس وارن وٽ هئڙي نموني جا پئسا اچڻ وڏي ڳالهہ نہ آهي. هن ڪنهن جو اهڙو ڪو ڪم ڪيو هوندو جو ٻئي نہ ڪري سگهيا هوندا. هن خواب خيال ۾ بہ نہ سوچيو هئو تہ هي سڀ سندس پتا جي جان جي قيمت آهي.

ٻہ سال ڪن ڪو ائڪشن ڪونہ ٿيو، پر هارون کي خبر هئي تہ ڪڏهن بہ سڏ اچي سگهَي ٿو. هن جي ٽريننگ ۽ برين واش باقاعدي چالو هئا. جڏهن سڏ آيو تہ من ۾ ڪجهہ اهڙا ويچار ضرور آيس پر انڪار ڪرڻ يا نتائڻ جي گنجائش ڪونہ هئي. هيترو اڳيان وڌڻ کان پوءِ نہ صرف سندس پنهنجي جان جوکم ۾ پئجي پئي سگهي، بلڪ اُن کان پهرين سندس ڪٽنب جو صفايو طئہ هئو. اُگروادي ڊبئي وارن سندس عزيزن کي بہ نہ ڇڏيندا.

هو موڪل وٺي جوءِ سوڊو پٽ سان گڏجڻ ويو. اُتي پارت جي ۽ ٻاهر جي ڪجهہ اگروادين سان ميٽنگہ رکي ويئي هئي. اُتي هارون جو وڃڻ تہ سوپاويڪ هئو. عزيزن سان گڏجڻ ۽ گهمڻ ويو آهي.

هارون کي مڪمل تفصيل سلسليوار سمجهايا ويا- قدم پهريون قدم ٻيون وغيره. هن قسم جون عام ميٽنگون سرينگر ۾ اڪثر جنهن هنڌ تي ٿينديون هيون اُن جا فوٽو ۽ چؤطرف ڦهليل جاين جا نقشا پڻ کيس ڏيکاريا ويا ۽ سمجهايا ويا. هيل تائين اُن مئدان تي جيتريون بہ رئليون ٿيون هيون، اسٽيج هڪ ئي مقرر هنڌ تي هوندي هئي. هنن يوجنا بہ اُن حساب سان ناهي. جيڪڏهن ڪا ڦيرڦار ٿئي تہ اِهو

جائي جم لڳي ڏيندي آهي. هر اڳوان سبز باغ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي پر جنهن اُتساهه سان عوام ان جون ڳالهيون ٻڌندو ۽ پڙهندو آهي، اُنجي معامولي سيڪڙي جيترو بہ عمل نہ ٿيندو آهي. اِها سڀ ڄاڻ هوندي بہ ماڻهو هميشهہ ڪجهہ نئون ٻڌڻ جي اُتسڪتا ۾ هوندا آهن تہ متان ڪڏهن ڪي انجام پل ۾ پاڙيا وڃن.

هارون ٽئہ ٿيل بلڊنگہ جي ڇت تي ويٺو هئو. چئوماڙ مڪان هئو. اڳيان يا پاسن کان ٻي ڪا ايڏي اوچي بلڊنگہ ڪونہ هئي. آس پاس وارا سڀ مڪان ڪجهہ ڪلاڪن لاءِ خالي ڪرايا ويا هئا. هارون ڪي ٻين مڪانن تي تعنات ٿيل سنترين جي چرپر نظر اچي رهي هئي. هن ڪي هڪ دوربينيءَ واري رائيفل ڏنل هئي. هو هميشهہ اِها ڪم آڻيندو هئو. هڪ پستول پڻ پئنٽ جي بيلٽ ۾ اٽڪائي ڇڏيو هئائين. ڇت تان هن کي سڄي اسٽيج سنيءَ طرح نظر اچي رهي هئي. بندوق گهڙيءَ تاڻي نشاني جو اندازو پڻ لڳائي چڪو هئو.

اسٽيج جي اڳيان ڪجهہ هلچل مچي ويئي. چيف منسٽر اچي رهيو آهي. هو تيار ٿي بندوق تاڻي موقعي جي تاڙ ۾ ٻهي رهيو. چيف منسٽر جي ڪار اسٽيج کان ٿورو اڳيان اچي بيٺي. هن کان پهرين واري ڪار مان سڪيورٽيءَ وارا لهي تڪڙو تڪڙو پنهنجي مقرر ڪيل پوزيشن تي اچي بيٺا. چيف منسٽر جي ڪار مان پهرين ٻہ گارڊ لٿا ۽ پوءِ هو لٿو. ترت ئي ٻئي گارڊ هن جي اڳيان پٺيان هلڻ لڳا. ساڄي کاٻي کان پهرين ڪار وارا ٻہ جٿا هن کي ورائي ويا. پرسان بيٺلن مان ڪجهہ شخص اڳيان وڌي خوش خيريافت ڪرڻ لڳا تہ سڪيورٽيءَ وارن هنن کي نزاڪت سان پاسيرو ڪري ڇڏيو. هارون جهنجهلائي اُٿيو. هي سڀ بلڪل تڪڙو ٿي ويو. هاڻي جي گولي ٿو هلائي تہ پهرين سڪيورٽي گارڊ يا ٻيو ڪو مرندو. چيف منسٽر تي ٻي گولي هلائڻ جو موقعو ئي ڪونہ ملندو. اُن کان اول سڀ خبردار ٿي ويندا. هي هاڻ واپسيءَ واري موقعي جو انتظار ڪرڻ لڳو.

هارون اُٺي بيهي ادب سان چيو- ”سر جي اهڙي جڳهه هجي جتان سڄي اسٽيج نظر اچي. سي.ايم. صاحب جو ڪار مان لهي چيمبر تائين ۽ وري چيمبر کان ڪار تائين اچڻ وڃڻ ڪَوَر ڪري سگهجي.“

”صحيح ڳالهه آهي.“

پروجيڪٽر مان پڙدي تي مئدان جي سلائيڊ آئي ته ڪمشنر چيو- ”هي آهي اسٽيج جو وِيُو.“

ڪنهن چيو- ”سر هارون کي هن ڳاڙهي بلڊنگ تي تعنات ڪجي. اُتان اسٽيج به سامهون ٿيندس ته کابي ۽ ساڄي جي چرپر جو به ڌيان رکي سگهندو.“

”سو ته برابر آهي، پر کابي ساڄي جڻ بيو ڪو ڪونه هوندو ڇا؟“

”سو ته ڪوئي نه ڪوئي هوندو. بلڪل سامهون واري نڍي بلڊنگ مٿان به ته ڪنهن کي بهاربو، پر هارون سيني کي ڪَوَر ڪري سگهي ته بهتر.“

ڪمشنر ڪجهه دير ويچارڻ لڳو؛ پوءِ چيائين- ”بلڪل ٺيڪ. بي جيڪا ڊپلائمنيٽ ڪرڻي آهي ان جي رٿا ناهي وٺو. هارون کي ڳاڙهي بلڊنگ تي تعنات ڪيو وڃي. اڄ رات جو سڄو معائنو ڪري وٺو ۽ سڀاڻي صبوح جو پرئڪٽس ٿيڻ کپي. صبوح جو هرڪو پنهنجي پنهنجي ڊيوٽيءَ تي پهچي وڃي. هر اڌ ڪلاڪ کان پوءِ بامب اسڪائڊ وارا سڄي ايريا جي چڪاس ڪندا رهن.“

قدرت هارون جي فائدي ۾ هئي. هن کي سٺو موقعو ملي ويو. چڱيءَ طرح ايياس ڪرڻ کانپوءِ محسوس ڪيائين ته سندس مقصد لاءِ هن کان وڌيڪ موزون جڳهه بي ڪا ڪونه هئي.

مئدان تي حشام ماڻهن جا اچي گڏ ٿيا هئا. چيف منسٽر کي ٻڌڻ جو ماڻهن ۾ چڱو اُتساهه هئو. هو ڪجهه پاليسي معاملن تي ڳالهائڻ وارو هئو. ڪشمير جي هر باشندي کي پنهنجي آئينده جي چنتا ته

”جيڪڏهن شڪي آهي ته واپس گهرائي وٺونس. ٻئي ڪنهن کي موڪليون.“

”هاڻ ممڪن نه آهي. وقت ٿورو آهي. گهٽنا گهٽجڻ کان سواءِ اسان جي شڪ کي گنيپرتا سان نه ڪنيو ويندو جيڪو سو گهٽڻ ئي سوالن جا جواب ڏيڻا پوندا ۽ هارون جهڙي وفادار کي ناراض ڪري ڇڏبو.“

”گهڙيءَ گهڙيءَ بندوق هن طرف تاڻي رهيو آهي. چؤطرف ٻئي ڪٽي ڏسي ڪونه ٿو. خطرو صرف اسٽيج تي هوندو آهي ڇا؟ آگرين جي چرپر به بي وقتائتي آهيَ. نيڪ آهي، مان پٺيان لڪي هن تي نظر رکان ٿو. هو مونکي ڏسي ڪونه سگهندو. جيڪڏهن ڪجهه بدمعاشي ڪيائين ته ترت توکي خبردار ڪندس. مائڪروفون چالو رکجِ ۽ اُتي سنڀالي وٺجِ.“

”نيڪ آهي. هاڻ وڌيڪ اهڙو ڪجهه نه ڪرڻو آهي جو هارون خبردار ٿي وڃي.“

مائڪروفون تي هنن ڳالهه ٻولهه اهڙي پروفيشنل انداز ۾ ڪئي جو ڪنهن جو ڌيان ڪونه ويو. ڳالهائڻ وقت ڪنڌ يا هٿ نه پئي هلايائون ۽ نه ئي سندن چپن جي چرپر جي ڪنهن کي خبر پئجي سگهي. هنن جي ٽريننگ ڪم ڪري رهي هئي. ها ميڙ ۾ جي ڪو ٻيو اهڙو پروفيشنل هجي ها ته بي ڳالهه هئي. مائڪرو فون به اڄ جي اُچي ۾ اُچي ٽيڪنالاجيءَ وارا هئا.

ائين ئي پاڻ پورو ٽيڻ تي اچي پهتو. چيف منسٽر نعرو هنيو.

”ڪشمير!“

عوام ورائيو. ”همارا هئه.“

”دنيا والي ڪشمير ڇوڙ دو.“

”ڇوڙ دو ڇوڙ دو.“

گارڊ اڪه ٽيت ڪري مٿي نهاريو. هارون بلڪل اٽينشن ۾ هئو.

چيف منسٽر سڌو اسٽيج تي نهيل بليٽ پروف چيمبر ۾ هليو ويو. ٻاهر اسٽيج تي پنج ليڊر ٻيا بہ ويٺا هئا. هارون حساب ڪيو ڪل ملائي اا سڪيورٽي وارا اسٽيج کي گهيري ويٺا هئا. آس پاس ڪجهہ ٻئي بہ هوندا.

هيڏانهن چيف منسٽر جو ڀاشڻ شروع ٿي ويو. سڪيورٽيءَ وارا عقاب جي اکہ سان چؤطرف نظر رکي رهيا هئا. اسٽيج تي بيٺل هڪ گارڊ جي نظر هارون تي پئي، جو گهڙيءَ گهڙيءَ بندوق اسٽيج طرف تاڻي رهيو هئو. گارڊ کي ڪجهہ عجب لڳو. صرف اسٽيج ئي ڇو؟ هن کي ڪنهن گڙٻڙ جا آثار نظر اچي رهيا هئا. دوربينيءَ سان ڏٺائين تہ هو هارون قريشي هئو- بلڪل وفادار ۽ پروسيمند. هن من مان غلط ويچار ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. پندرهن ڪن منٽ گذريا تہ وري نظر ڦُرائي ان طرف ڏٺائين. هارون ساڳي حرڪت ڪري رهيو هئو. وري سوال اُٿيو - صرف اِسٽيج طرف ئي ڇو؟ هي ڪجهہ وڏيڪ ڦرتيءَ ۾ اچي ويو. هارون طرف گهڙي گهڙي نهاري هن کي خبردار ڪرڻ نٿي چاهيائين. هن کي خبر هئي تہ هارون وٽ پاورفل دوربينيءَ واري رائيفل آهي. هو دوربينيءَ مان اسٽيج جو ضرور ڌيان رکندو هوندو ۽ هِن جي چرپر مان پڪ ئي پڪ خبردار ٿي ويندو. هن هارون طرف اڌ پٺي ڪري ڪيسي ۾ پيل مائڪروفون چالو ڪيو. جيئن سڌو ڊيوٽيءَ تي بيٺو هوندو آهي، تيئن بيٺو رهيو. ڪنڌ جهڪائي ڳالهائڻ ضروري نہ هئو. مائڪرو فون تمام پاورفل هئو. آهستي چيائين- ”مَلڪ ڌيان سان ٻڌ ۽ انڪل سان دوربينيءَ مان ڏس. سامهون واري وٽ بہ دوربيني آهي. هو اسان کي ڏسي رهيو آهي. مٿي لعل بلڊنگہ جي ڇت تي سنتريءَ جي چرپر مونکي شڪي لڳي رهي آهي.“

”پنج سيڪنڊ ڏي.“

وري آواز آيو- ”يار هو تہ هارون آهي.“

”خبر اَٿم.“

يوسف چيو- ”سر هي ته اسان جي ڪشمير ۾ ڇڻ راند تي پيئي آهي.“ هو ڪجهه ڪرهائي اُٿيو. ٻه گارڊ اڳيان وڌي آيا. هن کي سهارو ڏيئي ڪار طرف وٺي وڃڻ لڳا.

هوڏانهن عوام ۾ ٺاڪوڙو پئجي ويو هئو. ڪو مائيڪ تي چئي رهيو هئو. ”ڀائرو ۽ ڀينرو، نهر سان هلو. هاڻ ڪو خطرو ڪونهي. اگروادي ختم تي چڪو آهي.“

ٻن ڪلاڪن کان پوءِ پوليس ڪمشنر جي آفيس ۾ ميٽنگ تي. اسٽيج وارو گارڊ ڀيروسنگهه به حاضر هئو. ڪمشنر چيو- ”وشواس نٿو اچي ته اسان جي پوليس ۾ به ڪي دهشتگرد گهسي سگهيا آهن. هارون قريشيءَ جو رڪارڊ ته سٺو هئو. خود ڪيترا اگروادي ماري چڪو هئو.“

هڪ انسپڪٽر چيو- ”اچ واري واردات مان لڳي ٿو ته هن ڪجهه چونڊ اگروادي ماريا آهن شايد آقائن جي حڪم سان.“

”ڏس مڪمل تپاس ٿيڻ کپي. هن جي هڪ هڪ ڪيس جي باريڪيءَ سان ڇنڊ ڇاڻ ڪئي وڃي. اگروادين سان ڪٿي ۽ ڪيئن سمپرڪ ۾ رهندو هئو. ڪهڙي گروپ سان ناتا هئس. سندس فئملي ميمبر ڇا ڪندا آهن وغيره.“

”سر سندس پٽ ته دبئي ۾ سيٽل ٿيل آهي. تازو پاڻ به اُتي ويل هئو. اچا اٺ ڏهه ڏينهن آئي ٿيا اٿس. جوءِ کي وٺي ويو هئو، پر آيو اڪيلو.“

”بس ته آقائون به اُتي پهتا هوندا.“

”پر دبئي وارا سهڪار مشڪل ڏيندا.“

”ڪوشش ڪرڻ ۾ ڇا ٿو وڃي. سندس پٽ ڇا ڪندو آهي، ڪنهن سان ڪنهن سان گڏجندو آهي. وهنوار ڪنهن سان اٿس، سڀ خبرون پوڻ کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ هنن هٿان هئڙيون ڀيون وارداتون نه ٿين ان ڏس ۾ ڪجهه قدم ته کڻي سگهبو نه.“

بندوق اسٽيج طرف تاڻيل هئس. هن جي آڱرين جي چرپر هي محسوس ڪري رهيو هئو. دوربيني نه هٽڻ ڪري ڏسي نه سگهيو.
”ملڪ ڪيئن آهي اسان جو همراه؟“
”خرافتي انداز ۾.“ وڏي آواز ۾ چيائين - ”خبردار.“ اسٽيج واري گارڊ ڏنو چيف منسٽر چيمبر کان ٻاهر نڪري چڪو هئو. گارڊ ڇلانگ ماري هن مٿان ڪري پيو. هڪ ئي وقت ٻن گولين جو آواز آيو. اسٽيج تي سڪيورٽيءَ وارا گهيري ويا. چيف منسٽر ڪِري پيو. گولي سندس مٿان پار ٿي وڃي ڪرسيءَ تي ويٺل هڪ شخص کي ڪلهي تي لڳي. هوڏانهن هارون ڇت تان ڪِري اچي هيٺ پٽ تي پيو. گارڊ کي پڪ هئي ته هو مري چڪو آهي. پاڻ سنڀالي چيف منسٽر کي اُٿڻ ۾ مدد ڪرڻ لڳو. هو اُٿي بيٺو ته هن جا ڪپڙا ڇنڊيندي چيائين- ”سر گستاخي معاف.“
چيف منسٽر حياتي بچڻ تي موڊ ۾ اچي ويو. ”اهڙي گستاخي ته يار هميشه ڪندو رهج. جان بچائڻ لاءِ مهرباني. توکي به ته اِها گولي لڳي پئي سگهي.“
”سر هڙئن موقعن تي توريئي جان جي پرواهه ڪبي آهي. هي ته بچاءُ ٿي ويو. ورنه شهيد ٿيڻ جو پهريون حق منهنجو هئو.“ هن ڏنو چيف منسٽر جي نرڙ تي هڪ هلڪو گهاءُ هئو. گارڊ اُن ڏانهن اِشارو ڪيو.
هن چيو- ”معامولي گهاءُ هوندو. ڪرسي لڳي ايترو ياد اٿم.“ اڳتي وڏي جنهن شخص کي گولي لڳي ان طرف ويو. گولي هن جي ڪلهي ۾ داخل ٿي چڪي هئي. ڪنهن چيو- ”سر جي خطري جي ڳالهه ڪونهي. معامولي آپريشن ڪرڻو پوندو.“
چيف منسٽر چيو- ”جلد ئي هنن کي اسپتال روانو ڪيو. يوسف ڀائي معاف ڪجو. بدمعاش جو نشانو چڪجي ويو، ورنه توهان کي هي ڪشٽ نه سهڻو پوي ها.“

چڪو هئو. اجا وينو مس ته انٽرڪام تي سيڪريٽريءَ جو آواز آيو-
”سر دهليءَ مان پرائيم منسٽر صاحب توهان سان ڳالهائڻ ٿا چاهن.“
”سو خبر اُتي به پهچي ويئي! ڏي لائين.“
ٽيليفون جي ڪجهه سيٽنگس کان پوءِ پرائيم منسٽر جو آواز آيو-
”فاروق ميان واڌايون هجنئي؛ مالڪ مهر ڪئي.“
”دادا هي سڀ توهان بزرگن جي آسيس جو نتيجو آهي. شايد ڪُپڙيءَ ۾ اجا ڪجهه ڪٽا باقي آهن.“
”پر يار چڱيءَ طرح ڌيان رکه.“
”جي هاڻ ته پرن ڪيو اٿم، ڪنهن به مسلمان کي هٽڙيءَ ڊيوٽيءَ تي نه رکبو. هو ڪڏهن آقائن جو حڪم مڃيندا، چئي نٿو سگهجي.“
”اڄ ڪشمير جو شير ڪهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو آهي؟ بدمعاشيءَ جو ڪو ڏرم نه ٿيندو آهي. هو هندن کي به لالچائي خريد ڪرڻ ۾ ويرم نه ڪندا. تون صرف عوام ۾ لوڪ پريتا حاصل ڪر. اِها تنهنجي لاءِ ڍال جو ڪم ڪندي.“
”ان لاءِ به چا ڪيان؟ ڪوشش ته سالن کان ڪندو پيو اچان.“
”ڏس سياسي ريت مون کي مجبوريون آهن ته توکي به؛ پر سماجڪ ۽ آرٿڪ پهلن ڏانهن ڌيان ڏي. عوام کي ته مکيه ريت ڪجهه اهڙو ئي کپي. آرٿڪ وڪاس سان راجيه جو نه بلڪ ديش جو به نالو ٿيندو ۽ ستاداري سرڪار جو امئيج نهندو.“
”جي!“
”ڏس دهليءَ اچڻ ٿئيئي ته روبرو ڳالهائيندا سين. واسطيدار منسٽرن ۽ ڪامورن سان پڻ لڙه وچڙ ۾ اچ ۽ ها، هن معاملي جي تپاس ڪنهن هوشيار ۽ قابل آفيسر کي ڏي.“
”جي دادا، مهرباني ياد ڪرڻ لاءِ.“

◆◆◆◆

”ٺيڪ آهي.“

”سچ ته ڪم اهڙو خبرداريءَ سان ڪيو ويو آهي جو اسان جي انٽيليجنس وارن کي به پٽڪ ڪونه پئي آهي. هڪ ٻيو ڪم ڪيو. جن ڏينهن ۾ هارون ڊبئي ويو هئو، هتان ٻيو ڪو اگروادي ويو آهي ڇا؟ اُن جي پڻ تپاس ڪريو.“

”جي.“

”ها پائي پٿروسنگهه توکي شاباس هجي. ڏي خبر تنهنجو هارون طرف ڪيئن ڌيان ويو؟“

پٿروسنگهه سربستي ڳالهه وستار سان ڪين ٻڌائي ۽ چيائين- ”اسان مان گولي مَلڪ هلائي. سچ ته هن آپريشن جي ڪاميابيءَ جو سَهرو ان مٿان آهي.“

”يار سپاهي جيستائين ايماندار آهي، ڪاميابي سيني جي گڏيل ڪوشش سان ملي ٿي. اڄ جيڪڏهن ڪجهه اٽونٽنڊز ٿي پوي ها ته اسان جو پوليس فورس ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ قابل نه رهي ها. داغ ته لڳي چڪو آهي.“

انسپيڪٽر چيو- ”سر جيستائين سڄي گينگ جو پتو نه لڳائيندس تيستائين سک نه سمهندس.“

ڪمشنر چيو- ”سو ته مون کي وشواس آهي، پر هي داغ لڳي چڪو اُن جو مون کي افسوس ٿي رهيو آهي.“

”هاڻ سوچڻ مان ڇا ورندو؟“

ڪمشنر چيو- ”صحيح ڳالهه آهي. هاڻ ڊبل چيڪ جو سسٽم هنن معاملن ۾ اپنايو. ڪهڙو به وشواس پاتر ڪلاڪار هجي، اُن جي مٿان ٻئي ڪنهن جو هئڻ ضروري آهي ۽ ڪير ڪنهن سان ويندو سو پڇاڙيءَ تائين گپت رهڻ کپي.“

چيف منسٽر پنهنجي آفيس ۾ پهتو ته واردات کي ڪلاڪ کن ٿي

پنهنجي ٻوليءَ ريتن رسمن کان پري ٿيندا ٿا وڃن.''

ڪتاب جديد لحظي ۾ لکيل آهي ۽ هر قسم جي پاٺڪ کي جوڙي رکندو. هي دهليءَ جي هڪ پبلشر ڇپايو آهي، جيڪو آمريڪا جي هڪ وڏي ڪمپنيءَ سان جڙيل آهي. نتيجن، ڪتاب دنيا جي هر ملڪ ۾-هر مکيه بُڪ اسٽور تان ملي سگهندو. ڪتاب پڪي جُلد ۾ تمام سهڻي ڍنگ سان ڇپايل آهي. مواد جي خيال کان ته اهم آهي، پر لئبريريءَ جي ڪبٽ ۾ به هڪ ٻُهٽي وانگر لڳندو.

ڪتاب ۽ ليکڪ بابت پبلشر ڪجهه هن ريت ڇيو آهي- ''ناليري سنڌي اديب گوبند خوشحالاڻي ڪتاب جي تواريخي ۽ رومانٽڪ پهلن کان متاثر ٿي سڄو نئين سر لکيو آهي. (ڪهاڻيءَ ۾ سچ پچ ڪجهه رومانٽڪ پهلو آهن- خاص طور راءِ ڇچ ۽ راڻي سونهادي وچ ته راجڪمار جئسياه ۽ راجڪماري جانڪيءَ وچ - يلي مڪمل تواريخ ۾ ان جو ذڪر گهٽ ڪيل آهي.)

جديد ٻولي ۽ لحظو ته آهي ئي، پر وقت جي تواريخ (پارتيه توڙي خليفن جي) مان پڻ واسطو رکندڙ حوالا ڪنيل آهن. سيني شخصيتن ۽ شهرن جي نالن جي انوکي ڍنگ سان الفابيٽيڪل فهرست پڻ ڏنل آهي- مناسب واقفيت سان. ڪتاب تمام سهڻي ۽ پاٺڪن کي وڻي اهڙي ٻوليءَ ۾ لکيو ويو آهي. اسان کي وشواس آهي ته هي تواريخي ناول پارت ۽ پاڪستان جي سنڌين کي خاص طور ۽ دنيا ڀر جي سنڌين کي عام طور وڻندو ۽ منجهن اونهو چاهه پئدا ڪندو. ڪوجنيڪن ۽ تواريخ جي ايپاسين لاءِ خاص ريفرنس بڪ طور ڪم ايندو.

گوبند خوشحالاڻيءَ جي لکڻين ۽ ناولن، هند توڙي سنڌ ۾ ڪافي مقبوليت حاصل ڪئي آهي. لڳي ٿو هي ڪتاب انٽرنيشنل ليول تائين لوڪپريتا حاصل ڪندو.

(سمالوچنا-'هندواسي' هفتيوار ٦ آگسٽ-٢٠٠٦)

چچنامو - فتحنامو سنڌ

”چچنامو“ سنڌ جي اتهاس جو هڪ اِهم حصو آهي ۽ پنهنجي وقت جي ڄاڻ لاءِ واحد ذريعو. اهو اڄ کان اٽڪل هزار سال پهرين عربي ٻوليءَ ۾ لکيو ويو هئو. پوءِ اُن جو ترجمو فارسيءَ ۾ ٿيو ۽ اُن مان انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ ٻه. هر ڇاپي ۾ اُن وقت جي اسٽائيل ۽ لحظو قائم رکيو ويو. وري انگريزي ترجمو هڪ صديءَ کان وڌيڪ جهونو آهي ته سنڌي اڌ کن صدي. انهن جون ٻوليون ٻه اوتريون ئي جهونيون آهن. هي سڀ اڄ جي پانڪ کي راس نه اچي رهيو آهي. هڪ ته لحظو منجهائيندڙ لڳي رهيو آهي، ٻيو ته اجائي اُپٽار بور ڪري رهي آهي. نتيجن اڄڪلهہ هي ڪتاب خاص نه پڙهيو ويندو آهي.

ساڳئي ئي ڪتاب کي گوبند خوشحالاڻيءَ نئين ڍنگ سان اڄ جي ٻولي ۽ اڄ جي لحظي ۾ لکيو آهي. هن جو چوڻ آهي ته جديد پانڪن لاءِ جهونن شاهڪارن-رامائڻ، مهاڀارت، بائيبل ۽ قرآن شريف وغيره جا ڪيترا ئي نوان ڇاپا نئين ڍنگ سان ظاهر ٿيندا پئي رهيا آهن ۽ اجا ٻه ٿي رهيا آهن، ته ڇو ڪونه اسان جي ”چچنامي“ جو ٻه ٿئي. بهرحال هن نئون ”چچنامو“ انگريزيءَ ۾ لکيو آهي- ”Chachnamah Retold“، ان لاءِ ته جيئن ڀارت کان ٻاهر رهندڙ سنڌين ۾ ٻه چاهه جاڳي. وري عام طور سيني غير سنڌين کي ڪتاب پڙهڻ ۾ سهوليت ٿيندي، وشيہ جي ڄاڻ ڦهلجندي ۽ کوجنيڪن کي هٿي ايندي.

مشهور ساهتيڪار موهن گيهاڻي (جيڪو هن وشيہ ۾ خاص ماهريت رکيٿو) جو چوڻ آهي ”ته سنڌين کي پنهنجي علحدي سڃاڻپ قائم رکڻ جي ڏس ۾ هي ڪتاب هڪ ضروري خال ڀري سگهيو آهي. سنڌي قوم ان لاءِ گوبند خوشحالاڻيءَ جي هميشه احسانمند رهندي. هيءَ ضرورت ڪافي وڏي آهي، ڇاڪاڻ ته ڏينهون پوءِ ڏينهن سنڌي

گوبند خوشحالاڻيءَ جو نئون ناول
ملڪ تہ منهنجو



سنڌ جي ڪهاڻي - پنج هزار سال اڳ واري ماحول ۾.
موئن جي دڙي ۽ سنڌو سڀيتا جي اوسر ۽ ترقيءَ جون سچيون ڳالهيون - دلچسپ خيالي ڪهاڻيءَ ۾.
سنڌ جو مشهور ساهتيڪار ۽ عالم جناب شوڪت حسين شورو لکي ٿو :
”هن ناول جو ماحول پنج هزار سال اڳ جو آهي، جنهن ۾ سنڌو سڀيتا (Indus Civilization) جي اوج واري زماني کي چٽيو ويو آهي. اُنڪري هي ناول تاريخي ناولن جي قطار ۾ شامل آهي.
ناول جي وڏي خوبي اِها آهي تہ گوبند اُن ۾ پڙهندڙن لاءِ دلچسپيءَ جي عنصر کي ڪاميابيءَ سان قائم رکي سگهيو آهي. ناول ڪٿي بہ بور ڪندڙ يا ٿڪائيندڙ ڪونهي. ناول ۾ واقعن ۽ سازشن جي اٽڪ سٽي نموني ڪئي ويئي آهي.
ڪهاڻيءَ ۾ شاندار سنڌو سڀيتا واري سنڌ ڌرتيءَ جي ماضيءَ کي مثالي ۽ ڊرامائي ڪري پيش ڪيو ويو آهي. لڳي ٿو، هن ناول لکڻ کان اڳ گوبند کي سنڌو سڀيتا بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ چڱو اڀياس ڪرڻو پيو هوندو.“
(ڪتاب جي مهاڳ تان)

ٽن سؤ صفحن کان مٿي - قيمت 200 روپيہ. (پڪو جُلد 250 روپيہ)

ملڻ جو هنڌ :

سنت ڪنوَر فائونڊيشن، احمدآباد.

Istamurari Ain Biyun Kahaniyun
(Short Stories)

By : GOBIND KHUSHALANI

هڪ سنڌابل ۽ دکي سماج شيوڪ مرڻ کانپوءِ ڀڳوان کي وينتي ڪرڻ لڳو تہ کيس ٻي جوڻ گڏهہ جي ڏني وڃي. ڪارڻ پڇڻ تي هو گڏهہ جي مهما ڪجهہ هن ريت ٻڌائڻ لڳو، ”هڪ تہ هٿن سان (يعني اڳين لنگن سان) وڙهي نہ سگهبو. (گڏهہ رڳو پوين پيرن سان الون هڻندو آهي.) هٿ ڪنهن سٺي ڪارج لاءِ ڪم ايندا. عقل جي ڪميءَ ڪري جذباتي گهٽ تي رهبو. گهٽيون ڳالهيون سمجهہ ۾ نہ اينديون تہ دکہ نہ ٿيندو، شرم نہ ايندو.

گڏهہ دنيا جو پهريون حليم جانور آهي. ڪُرڪڻ نہ هو ڪڏهن سکيو ئي ڪونهي. ماحول کي هلڪو رنگہ ڏيڻ لاءِ يا ڪجهہ مزاقي موڊ پئدا ڪرڻ لاءِ گڏهہ جو ذڪر، يا ان جو فوٽو يا ماڳهن ان جي ساکيات حاضري اثر ڏيکارڻ لاءِ ڪافي آهي. ڪنهن کي وڏي گار ننڍي نموني ڏيڻ لاءِ هن جو نالو ئي ڪافي آهي. عورتن ۽ وڏن جي سامهون بہ اهڙي گار ڏيڻ بي ادبي نہ سمجهي ويندي آهي. مزي جي ڳالهہ اِها آهي جو هن هڪ ئي گار سان غصي ۾ دشمن لاءِ لعنت جو اظهار ڪيو ويندو آهي تہ وري پنهنجن لاءِ پريم جو.

بلئڪ ۽ وائيٽ سنيما جي زماني ۾ ڪيترين فلمن ۾ گڏهہ نظر ايندو هئو-هندي فلمن ۾ تہ خاص. ڊائلاگن ۾ بہ اُن جو ڪافي استعمال ٿيندو هئو. ائڪٽر توڙي درشڪ چاهہ سان اهڙي سِين جو انتظار ڪندا هئا. اِهو گڏهہ لاءِ سونهري دؤر هئو. جاڪاڻ تہ هاڻ ائڪٽر پاڻ اِهو رول ڪري رهيا آهن تہ ويچاري گڏهہ لاءِ مَندي اچي وئي آهي، ورنہ هن جون تہ آتم ڪٿائون بہ لکيون وئيون آهن.“

ڌرمراج ڀڳوان کي هن جي وينتي قبولڻ کان منع ڪئي. ”هي سچو سماج شيوڪ آهي، سرڳہ جو حقدار آهي. جيڪو ڪجهہ گهري رهيو آهي، پلي ڪن مجبورين جي ڪري، پر سندس وينتي قبولڻ بي انصافي ٿيندي.“

(اُهي ڪهڙيون مجبوريون هيون؟ اندر پڙهو.)